
بندر مون ڏور ٿيا
(سفرنامون)
عبدالحئي پليجو
گلشن

# بندر مون ڏور ٿيا

(اٽلي ۽ فرانس جو سفرنامو)

عبدالحئي پليجو

**گلشن پبليڪيشن**
حيدرآباد / لاڙڪاڻو
2005ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2018ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

پُران، مانَ پُڇان، بندر مون ڏور ٿيا،
نہ مون هَڙ، نہ هَنجَ ڪي، جو آئون ڇَئي چڙهان،
اِيهين ڳَج، پاتِڙي، جنهن پَر پرينءَ مِڙان،
ڪارون ٿي ڪريان، تو در اُپِي ناڪُئا.

شاهہ لطيف رحہ

## ارپنا

شهر ٻني جي هيٺين
فڪارن ۽ سهڳڙن جي نانءِ

### فنڪار (راڳي)

1۔ استاد حاجي شيدي 2۔ استاد بلوشيدي 3۔ استاد گلشير خاصخيلي 4۔ استاد الهڏنو سومرو

### سگهڙ

5۔ محمد ميربحر 6۔ سونهاروکوپڙو 7۔ نورمحمد پچارو 8۔ طيب لاشاري
9۔ محمد عمر پليجو پهلوان 10۔ محمد ميرڻ پليجو

### سازندا

11۔ يعقوب ميربحر سرندي نواز
12۔ راڻو ميربحر دنبوري نواز
13۔ ملهار لاشاري نڙوارو
14۔ بهادر مڱڻهار
15۔ فقير وسايو وسو مڱڻهار

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”بندر مون ڏور ٿيا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب اٽليءَ ۽ فرانس جو سفرنامو آهي جنهن جو ليکڪ ناميارو سفرناما نگار **عبدالحئي پليجو** آهي.

”عبدالحئي پليجي جو هي سفرنامو گهڻي ڀاڱي روم ۽ ٻين تاريخي شهرن بابت آهي، روم قديم دنيا جي هڪ وڏي بادشاهت يا اڄوڪي لفظن ۾ ان وقت جي سپرپاور ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ اڄ تائين هڪ اهم تاريخي شهر آهي. روم ڪئين ڀيرا تباهه ٿيو ۽ وري نهيو، هاڻي اهو جيتوڻيڪ دنيا جي سياسي ۽ فوجي طاقت جي حوالي سان نٽو سڃاتو وڃي، پر انجي تاريخي اهميت، ان جو حسن ۽ سحر اڃا تائين قائم دائم آهن. روم جي حسين وادين ۾ گهمندي قرندي عبدالحئي پليجي کي پنهنجا ڏک سک به ياد اچي وڃن ٿا.

هي سفرنامو 2003ع ۾ **گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين عبدالحئي پليجي صاحب جا جنهن سنڌ سلامت تي اعتماد ڪندي پنهنجا سمورا ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي ۽ هي ڪتاب به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.



**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
suleman.wassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
**books.sindhsalamat.com**

# پبلشر پاران

اسان جي سنڌ ۾ تمام ٿورا ماڻهو نصيب ۾ ڀاڳن وارا آهن، جن کي رب العزت ٻاهرين دنيا ڏسڻ جا موقعا ميسر ڪيا آهن. اهڙن خوش نصيب وارن مان محترم عبدالحئي پليجو صاحب پڻ آهي. پاڻ ٺٽي ضلعي جي شهر ٻنو جو ويٺل آهي. پاڻ هڪ تعليم يافتا زميندار آهي. ڪيس ٻاهرين دنيا ڏسڻ جو ڏاڍو خفت آهي. انهيءَ خفت ۾ شوق جي تڪميل لاءِ هن وقت تائين ٻاهرين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو ديدار ڪري چڪو آهيسندس انهيءَ ديدار بابت ڪجهه سفرناما ڇپجي منظرعام تي اچي چڪا آهن. جن مان هن کان اڳ ۾ هڪڙو سفرنامو ”اتر لڳا آءُ پرين“ جي نالي سان اسان جي اداري گلشن پبليڪيشن سال 2002ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. پليجي صاحب جو هي ٻيو سفرنامو ”بندر مون ڏور ٿيا“ به اسان جي اداري ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جو اهتمام ڪيو آهي. اميد ته سندس ٻيا سفرناما به اوهان مهربان پڙهندڙجي ذوق خاطر ڇپرائي پڌرا ڪيا ويندا.

**گل شير بلوچ**

تاريخ: 26_01_2005

# مهاڳ

آئون انهن ماڻهن کي خوش قسمت سمجهندو آهيان جن کي قدرت ٻاهرين ملڪن ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جا کوڙ سارا موقعا ڏنا هجن. آمريڪا ۽ يورپ جا ماڻهو سال ۾ هڪ ڀيرو نئين تازي ٿيڻ جي لاءِ ٻاهرين ملڪن جي سياحت تي ضرور ويندا آهن. پر انهن جا ڊالر، پائونڊ يا فرينڪ سون برابر آهن. ان ڪري خرچ ڪرڻ جي پرواهہ ئي ڪانہ اٿن. اسين غريب ملڪ جي هيٺئين وچولي طبقي جا ماڻهو ٻاهرين ملڪن جي گهمڻ جون سڌون تہ گهڻيون تا ڪريون، پر هڪڙو تہ اسان جي ڪمائي اسان جي سفيد پوشيءَ کي قائم رکڻ لاءِ پوري ساري آهي، ٻيو تہ جڏهن پنهنجي ڪرنسي جي متاستا ڊالرن ۽ پائونڊن ۾ تا ڪريون تہ ڳڻتي ۾ پئجيو وڃون. ڀاڙي، رهائش، ماني ۽ ٻئي ضروري خرچ ڪرڻ وقت ذهن ڪيلڪيوليٽر وانگر ڪم ڪندو رهي ٿو. مارا مانيءَ جو بل هيترا ڊالر آيو جيڪو اسان جي سکي ۾ هيترا روپيا ٿيو! اسان وارو سڪو جڻ پتل جي قيمت جو هجي. انهيءَ ليکي چوکي جي پريشانيءَ ۾ گهمڻ جو مزوئي ختم ٿيو وڃي.

انڪري گهمڻ ڦرڻ جا شوقين محدود بجيٽ واري ٽوئر کي ترجيح ڏيندا آهن. اهي ٽوئر ٽريولنگ ڪمپنيون ڪرائينديون آهن جيڪي هڪڙي مقرر رقم تي آرگنائيزڊ قسم جا ٽوئر هوندا آهن. گهڻا همراهہ سرڪاري خرچ تي ڪنهن نہ ڪنهن ٻاهرئين ملڪ مان مفت جو چڪر هڻي ايندا آهن يا وري ڪن خوش نصيب جي نوڪري اهڙي هوندي آهي جو انهن کي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ ۽ رهڻ جو موقعو ملي ويندو آهي، ٻاهر گهمڻ يا نوڪري لاءِ وڃڻ هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جو خواب آهي، چون ٿا تہ ٻاهر وڃڻ لاءِ هٿ ۾ لڪيرون هونديون آهن. جنهن جي هٿ ۾ اها لڪير نہ هوندي اهو ڪونہ وڃي سگهندو.

مون کي خبر ڪانهي تہ عبدالحئي پليجي جي هٿ ۾ اها لڪير آهي يا نہ. عبدالحئي نہ ڪڏهن سرڪاري خرچ تي ٻاهر ويو آهي، نہ وري هن نوڪريءَ سانگي سمنڊ جهاڳي دنيا ڏٺي آهي. اهو سياحت جو شوق هو جنهن ۾ هو پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري دنيا جا ايترا سارا ملڪ ڏسي آيو آهي. هو ڪڏهن يارن دوستن سان گڏجي ٻاهر ويو آهي، ڪڏهن پنهنجي گهر وارن کي ٻاهر وٺي ويو ثواب کٽيو اٿس. ثواب ان ڪري ٿو چوان تہ اسان جا گهڻا دوست ان ڳالهہ تي ڪلندا آهن تہ ماڻهو ٻاهر وڃي ۽ ٻارن کي گڏ وٺي وڃي تہ پوءِ مزو ڪهڙو! پوءِ تہ اها ڳالهہ ٿي تہ ماڻهو مائونٽ ايوريسٽ تي وڃي ۽ ٻارڻ سان گڏ ٿرماس ۾ برف کڻي وڃي! هاڻي انهن دوستن کي ٻاهر وڃي جيڪي مزا وٺڻا هوندا آهن

سي ظاهر آهي تہ ٻارن سان گڏ هجڻ ڪر ڪونہ وٺي سگهندا. ٻارن سان گڏ وڃڻ ۾ اهو بہ فائدو آهي تہ ماڻهو گهٽ گناهن ڪرڻ کان بچيو وڃي ۽ جهڙو پاڪ صاف ويو اهڙو پاڪ صاف موٽيو اچي, سو عبدالحئي پليجو جيڪو منهنجو 35 سالن کان پراڻو يار آهي سو سنو ماڻهو تہ آهي ئي آهي, پر پنهنجي ٻارن کي ٻاهر وٺي وڃي گهمائڻ مان صاف ظاهر آهي تہ هو هڪ تمام سنو مڙس ۽ تمام سنو پيءُ پڻ آهي.

سياحت جو هڪڙو ٻيو قسم بہ آهي, جيڪو مون کي وڌيڪ سنو لڳندو آهي, پر پاڻ کان زور آهي, يورپ, آمريڪا يا ايشيا جي ملڪن جا مٿي ڦريا ماڻهو مختصر سامان جي پري knapsack پٺن تي ٻڌي نڪري پوندا آهن, دنيا جي سياحت تي, اهي اهڙين ڙانگي جاين تي وڃي نڪرندا آهن, جو پاڻ جهڙو سهوليتن تي هريل ماڻهو دل ئي ڪانہ ٻڌي سگهندو. مون کي اهڙن ماڻهن جا سفرناما پڙهڻ ۾ ڏاڍو مزو ڏيندا آهن چو تہ اهي سفرناما پنهنجي جاءِ تي Adventure پڻ هوندا آهن. آمريڪي ليکڪ پال ٿيرو جا سفرناما اهڙي قسم جا آهن ۽ خاص هن دنيا جي ريلن ۾ جيڪي سفر ڪيا آهن سي ڏاڍا دلچسپ آهن. وڪرو سيٺ بوڪر پرائيز حاصل ڪندڙ ناولسٽ آهي. هي چين ۾ تبت تائين مال ڍوئيندڙ ترڪن ۾ چيني ترڪ ڊرائيورن سان گڏ چڙهي سفر ڪيو. اهو بہ تمام عجيب سفرنامو آهي. پولش صحافي ۽ ليکڪ ڪئپوشنسڪي آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا تي جيڪي ڪتاب لکيا آهن سي جيتوڻيڪ بنيادي طور صحافتي ڊاڪيومينٽري قسم جا آهن, پر ساڳئي وقت انهن ۾ سندس سفر جا موت کي ويجهو وڃڻ وارا تجربا پڻ آهن, پر پوءِ جڏهن اهي وڏا ليکڪ سفر جا سور ۽ ڏکا ٿاٻا کائي موٽي اچي سفرناما لکن ٿا تہ انهن کي معاوضي ۾ لکين ڊالر ملن ٿا, پبلشر انهن ليکڪن کي گهڻو ڪري ائڊوانس ۾ ڏوڪڙ ڏئي ڇڏيندا آهن تہ وڃي گهمو ۽ موٽي اچي سفرناما لکي اسان کي ڏيو.

اهڙا ڀاڳ سنڌيءَ ۾ سفرنامن لکڻ وارن جا ڪٿي! سندن سفرنامو ڪنهن پبليشر ڇاپيو تہ اها ئي وڏي ڳالهہ آهي, عبدالحئي پليجي کي شاباس آهي تہ هو پنهنجي خرچ تي گهمي ڦري سوئي اچي سفرناما لکندو رهيو آهي ۽ گهڻا سفرناما تہ هن پنهنجي خرچ تي ڇپايا آهن, پر جڏهن هن جا سفرناما مشهور ٿيا ۽ ماڻهو شوق سان پڙهڻ لڳا تہ پبلشرن جو ڌيان هن ڏانهن ويو.

منهنجو خيال آهي.. ڪهاڻين ۽ ناولن جي ڪتابن کان وڌيڪ سفرنامن جا ڪتاب ماڻهو پڙهن ٿا, ان مان ظاهر آهي تہ ماڻهو کي ٻاهر وڃڻ جو ڪيڏو شوق آهي, ٻاهر نٿا وڃي سگهن تہ سفرنامن جا ڪتاب پڙهڻ وارو شوق پورو ڪن ٿا.

عبدالحئي پليجي جو هي سفرنامو گهڻي ڀاڱي روم بابت آهي. روم قديم دنيا جي هڪ وڏي بادشاهت يا اڄوڪي لفظن ۾ ان وقت جي سپرپاور ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ اڄ تائين هڪ اهم تاريخي شهر آهي. روم ڪئين ڀيرا تباهہ ٿيو ۽ وري نهيو هاڻي اهو جيتوڻيڪ دنيا جي سياسي ۽ فوجي طاقت جي حوالي سان نٿو سڃاتو وڃي. پر انجي تاريخي اهميت، ان جو حسن ۽ سحر اڃا تائين قائم دائم آهن.
روم جي حسين وادين ۾ گهمندي ڦرندي عبدالحئي پليجي کي پنهنجا ڏک سک ياد اچي وڃن ٿا. هو روم جي تاريخي اهميت ۽ حيثيت کي پنهنجي تاريخي ماڳن مڪانن سان ڀيٽيندي سوچي ٿو ” اسان جو ماضي يعني موهن جو دڙو، ڪاهو جو دڙو ۽ رني ڪوٽ کي ڏسي سچي دنيا کي تہ حيرت آهي پر اسان جو حال ڏاڍو هيٺو آهي. شل اسان پنهنجي راڄ ڀاڳ جا ڏٺي پاڻ ٿيون تہ هي گوندر گذرن.“
عبدالحئي پليجي جي لکڻ جو انداز تمام سليس آهي ۽ ان ۾ دلچسپي ايتري آهي جو دل چاهيندي آهي تہ هڪ ئي ويهڪ ۾ سفرنامو پڙهي پورو ڪجي.
سنڌي پڙهندڙ جيڪي گهمڻ ڦرڻ جا شوقين هجن ٿا تن لاءِ عبدالحئي جي لکيل معلومات ڪم واري آحي. سياحت تي سنيرڻ وارن کي هن اها بہ صلاح ڏني آهي تہ ”ٽوئرسٽ کي صرف هڪ ٽائپ جون جڳهيون نہ گهمڻ گهرجن پر ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ ڪوشش ڪجي تہ هر شئي ڏسجي ۽ گهمجي. ڪي ٽوئرسٽ صرف نائٽ ڪلب ۽ ڊسڪو ڏسي واپس گهر پهچي ويندا آهن ، تہ ڪي وري حج يا عمري لاءِ ويندا  تہ صرف مڪو ۽ مدينو ڏسي واپس هليا ايندا. واقعي اسان انهن شهرن کي ئي ڏسڻ لاءِ وڃون ٿا. پر جيڪڏهن عربستان جي اندر جيڪر تاريخي نوعيت جون جڳهيون ڏسنداسين تہ ڪو گناهہ تہ ڪونہ ٿيندو.“
سنڌيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا سفرناما اچڻ کپن. ڇو تہ اسان جي ماڻهن جون ولائت ڏسڻ جون سِڪون اهي سفرناما ئي پوريون ڪن ٿا. ان ڪري پڙهندڙن جون عبدالحئي پليجي ۾ اهي اميدون آهي تہ هن وٽان اڃا کوڙ سفرناما ايندا.

**شوڪت حسين شورو**

## Rome is not city it is a church

سچ ٿا چون تہ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو چرچ سينٽ پيٽرز آهي، جيڪو روم ۾ آهي ۽ دنيا جا قديم ۾ قديم چرچ ۽ گرجائون تمام وڏي تعداد ۾ روم ۾ ئي آهن، سو اها چوٽي تہ ”روم هڪ شهر نہ پر چرچ آهي“ بلڪل صحيح ٿي لڳي.

اسان اٽليءَ جي موٽروي تي روم ولايت ڏانهن وڃي رهيا آهيون، ٻہ طرفي موٽروي جي وچ واري حصي تي سون ڪلوميٽرن ۾ هلڪي گلابي رنگ جا ڇهہ ست فوٽن جا خوبصورت وڻ لڳل آهن، جيڪي سهڻن گلن سان ڀريا پيا آهن، گاڏيون جڏهن انهن گلن جي ويجهو ٿيون اچن تہ گل لڏي ڪين سلام ٿا ڪن ۽ اهو سلسلو هلندو ٿو رهي، گلن جي نمرتا جو اهو نظارو ڪين ڪي ڏاڍو وڻندڙ ٿو لڳي، چؤطرف سرسبز پهاڙ ۽ ميداني علائقا جن ۾ جوئر ، ٻاجهر ۽ مڪئي جا فصل ۽ ڪيتن ۾ ڊوڙيندڙ فيئٽ ٽريڪٽر جيڪي پاڻ وٽ روسي ٽريڪٽرن کان اڳ ۾ جام هوندا هئا، پر هاڻ روسي ٽريڪٽرن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ ۾ بلڪل ختم ٿي ويا آهن، پر پنجاب ۾ اڃان بہ ميسي فرگوسن ۽ فيئٽ ٽريڪٽر استعمال ٿين ٿا، جيڪي روسي ٽريڪٽر کان ننڍا تہ آهن پر ڊيزل بلڪل گهٽ ٿا کائين، تنهن ڪري اهي استعمال ۾ سستا ٿا پون. هن آباديءَ لاءِ وڏا سفيد ڪپڙي جا روڙا جيڪي مٿي جبلن تي وڇايا پيا آهن، جيڪي پريشر تي مٿي جبل تي پاڻي پهچائين ٿا ۽ ان تي آبادي ٿئي مغربي يورپ جي ملڪن مان اٽليءَ ۾ وڏ ۾ وڏ زراعت ٿئي، هتي زيتون ۽ زيتون جو تيل تمام گهڻي مقدار ۾ پيدا ٿئي ٿو. دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ زيتون جو ٽيون حصو اٽليءَ ۾ پيدا ٿئي ٿو جيڪي هتان سڄي دنيا کي سپلاءِ ڪن. پاڻ وٽ بہ ترڪي، اسپين ۽ اٽليءَ جو زيتون عام جام ملي ٿو پر انهن سڀني مان اٽليءَ جي زيتون ۾ تيل تمام سٺي ڪوالٽي جو ٿئي. ها باقي ڪجهہ ٻين جي ڀيٽ ۾ مهانگو ٿئي. چون ٿا تہ اٽليءَ ۾ دل جون بيماريون گهٽ ۾ گهٽ ٿين ٿيون، ان جو ڪارڻ بہ زيتون جي تيل جو وڌيڪ استمال ڪرڻ آهي. ۽ سچ بہ ماهر ڊاڪٽر چون ٿا تہ زيتون جو تيل ۽ ڪينولا جو تيل استعمال ڪرڻ سان رت ۾ چربي نہ وڌندي ۽ دل جي بيمارين کان ماڻهو محفوظ رهندو. هونئن تہ دل جي بيمارين جا ڪيترائي سبب آهن پر چون ٿا تہ دل جي بيماريءَ جا مک چار سبب آهن.

1۔ هاءِ بلڊ پريشر

2۔ هاءِ ڪوليسٽرول

3۔ هاءِ شگر

4_ هاءِ ڊرنڪنگ ۽ سگريٽ يا تماڪ جو استعمال ۽ ٻيا ان ڪانسواءِ باقي سبب آهن.

روم جي خوبصورت رستن تي هلندي دل جي بيماري جي ڳالهه الائي ڪٿان اچي وئي پر دلير مهندي وانگر ”يہ دل کا معاملا “ واري ڳالهہ ڪئي سين.

ها تہ سائين روم جي رنگين شاهراهہ تي رمندا وڃي رهيا آهيو ۽ ونود جي ڪنن ۾ ايئر فون پيو آهي. شايد ميوزڪ پيو ٻڌي. نور بہ ستو پيو آهي. آئون ۽ منا هنن خوبصورت نظارن مان لطف اندوز ٿي رهيا آهيون. مون ڏٺو آهي تہ ٽوئر ۾ ٽوئرسٽ گهٽ سمهندا ۽ زياده گهمندا ڦرندا آهن. ڪي ٽوئرسٽ تہ نوٽس پيا لکندا ويندا آهن. اسان جي بس روم کان اڳ ڪنهن ٽوئرسٽ اسپاٽ تي بيٺي. جت اسان کي ٻڌاياٿون تہ اڌ ڪلاڪ کن بيهبو پوءِ اڳتي هلبو. مون ڏٺو آهي تہ گهٽي پنڌ تي ڪوچ بيهندي بيهندي هلندا آهن. جيئن ٽوئرسٽ يڪي مسافريءَ جي ڪري بور نہ ٿين. ۽ ان وچ دوران ٽوئرسٽ باٿ روم بہ استعمال ڪن ۽ چانهہ, ڪافي ۽ ڪوڪ وغيرهہ پي فريش ٿين.. اسان پنهنجي ڪوچ مان لٿاسين تہ بيشمار بسون, سياح ۽ سيلاني بيٺا هئا, تہ ڪي بسن مان لهي رهيا هئا. مختلف ملڪن جا ماڻهو مختلف چهرا ۽ مختلف پوشاڪون ايتري رش جو اسين چار يعني منا نور ۽ ونود بہ ڪڏهن ڪڏهن پلجي ويندا هئاسين ۽ هڪٻئي کي ڳوليندا هئاسين. پر اسان جا گائيڊ اسان کي بلڪل بہ نہ وساريندا هئا. اسان جڻ تہ هنن جي دلين تي لکيا پيا هوندا هئاسين.

لهڻ مهل بہ لهي بس جي پر ۾ بيهي رهن ۽ چڙهڻ مهل بہ هڪ هڪ کي ڏسي ڳڻي پوءِ پاڻ بس ۾ چڙهن. مجال آهي جو هڪ مسافر بہ گهٽ ٿئي. جيڪڏهن ڪو مسافر ٿورو ليٽ ٿئي تہ گائيڊ کي يڪدم خبر پئجي وڃي ۽ هو هيٺ لهي همراهہ کي ڳولي پوءِ اچي بس پيڙو ٿئي. ٻاهر بس اسٽينڊز تي ڪليل ميدان آهن پر اندر گرجائن ۽ محل محلاتن ۾ تہ ايڏي رش ٿئي جو هلڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ماڻهن لاءِ چرڻ بہ مشڪل ٿيو پوي, مثلن لنڊن ٽاور, برٽش ميوزم, سسٽين چيپل ۽ لوور جت جهڙن جاين تي ايڏي تہ رش ٿئي جو ماڻهو سوچي بہ نٿو سگهي پر اتي بہ مجال آهي جو هڪ سياح هنن گائيڊز کان گم ٿئي. انهيءَ رش ۾ اندر گهڙڻ کان اڳ ۾ هو اهڙي تہ اٽڪل ٻڌائي ڇڏين جو ماڻهو گم ٿي نہ ٿيئي بس گرجا ۾ اندر گهڙڻ شرط هر هڪ گائيڊ جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي ڇتي, جهنڊي ڏنڊي ۽ يا ڪو ٻيو سجاڳ جو اهڃاڻ هٿ ۾ جهلي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائين ۽ ماڻهن پري کان انهيءَ جهنڊيءَ کي اک ۾ ڪريو بيٺو هوندو ۽ انهيءَ جهنڊيءَ سهاري آخر ۾ وڃي سڀ ٽوئرسٽ انهيءَ گائيڊ کي هٿ ڪن, پر ڪمال تہ گائيڊ جو آهي, جيڪي ايڏي رش ۾ بہ پنهنجي شڪار يعني گروپ جي ميمبرن کي مجال آهي, جو پلجن يا وسارين. مون ڪئين ملڪ ۽ ماڳ

ڏنا آهن. پر مون کي اها ڳالهه ڏاڍي حيران ڪن لڳي. ها پر ان کان به وڌيڪ حيران ڪن ڳالهه مونکي اها لڳي ته ڪچي ۾ منهنجي ٻنيءَ ۾ ڏنار سون جي تعداد ۾ ٻڪريون اچارين. مون هڪ ڏنار کان پڇيو ته تون پڙهيل آهين چيائين ته نه. مون پڇيو ته انگ ڳڻڻ ڄاڻين تو ته، چيائين نه. مون پڇيو ته هيءَ ٻي ٽي سون ٻڪرين مان جيڪر هڪ ڪٿي پوي ته توکي ڪيئن خبر پوندي. توکي ته انگ ڳڻڻ به نٿا اچن. کلي چيائين ته، سائين سڄي زندگيءَ ۾ هڪ به ٻڪري ڪڏهن ڪونه وساري اٿم. سو هو ته پڙهيل لکيل يورپين گائيڊر آهن، جن انهيءَ ڏنڌي لاءِ الاهي ڪيترا ڪورس ڪيا هوندا ۽ ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هوندا. پر انهن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ڏنار نپٽ اڻپڙهيل هڪ هڪ ڏنار وٽ سون جي تعداد ۾ مال يعني مينهون، ڳئون ۽ ٻڪريون سي ڪيئن ٿا پنهنجي ايڏي ساري مال جو حساب ڪتاب ۽ سڃاڻپ رکن. سو واقعي آهن عجب جهڙا حساب ڪتاب.

اکران دي وچ جوئي اڙيا،

عشق دي چاڙهي مور نه چڙهيا.

اسان هڪ ريسٽورانٽ مان سينڊوچ ۽ ڪافي وٺي اچي، ٻاهر رکيل بينچن ۽ ٽيبل تي ويناسين. مونکي نندي هوندي کان چڪن پيٽيز ڏاڍا وڻندا آهن، ۽ آئون شام جي چانهه تي اڪثر ڪري ضرور اهي کائيندو آهيان. پر هت يورپ ۾ چڪن پيٽيز ٽين ئي ڪونه. رڳو سينڊوچ، برگر، فرينچ فرائيز وغيره. سو اسان به هاڻ سينڊوچ جا عادي ٿي ويا آهيون. هت يورپ ۾ فش فراءِ ڏاڍي سٺي نهيل ملندي آهي ۽ ماڻهو ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. پر سنڌي ماڻهو مڇي لنچ ۽ ڊنر کانسواءِ ڪٿي ٿو استعمال ڪري. پر جڏهن لنڊن ۾ هوندا آهيون ته پوءِ پوراٽي، نه ڏسي لنچ، نه ڏسي ڊنر، جت به سٺي تيار ٿيل مڇي ملي ته ضرور وٺي. ونڻ مهل پوراٽيءَ کي چوندا آهيون ته يار هيتري ساري مڇي پلا ڪير ته کائيندو جو توکي ورتي آهي. پر سچ ته اها مڇي کائڻ ۾ ايڏي ته لذيز هوندي آهي جو دل بار بار پئي چاهيندي ته وري به مڇي وٺون. پر پنهنجي لئي ڪسي ٿورو ڪبي. يعني اڳي پوراٽيءَ کي چئي ويناسين ته پوراٽي هيتري ساري مڇي ڪير ٿو کائي سو وري هان ڪيس ڪيئن ته يار مڇي ته ڏاڍي لذيز آهي. اچا به وٺ ته کائون.

پاڪستان جي فائيو اسٽار هوٽلن ۽ آغا خان اسپتال ۾ به فش فراءِ ڏاڍي سٺي ٺهندي آهي. فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ته اها مڇي تمام مهانگي هوندي آهي. پر آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ اها مڇي تمام سستي ملندي آهي. آغا خان اسپتال ۾ ڪاڏو به جديد طريقي سان ولايتي مشين ذريعي تيار ٿئي. جيڪي مشينون پاڪستان جي فائيو اسٽار هوٽلن وارن وٽ به ڪونه آهن، هر قسم جو ڪاڌو ملي

۽ ڪاڏو بہ اهڙو تہ سستو جو آئون سمجهان ٿو تہ ڪراچيءَ جي ڪنهن گهٽ ۾ گهٽ جهوپڙا هوٽل يا گاڏي تي وڪڻڻ واري مانيءَ کان بہ سستو ۽ ماني وارين وڏين هوٽلن کان سٺي ۽ سستي ۽ هر ڪو ماڻهو سولائي سان ماني کائي سگهي ٿو. مون کي جڏهن بہ موقعو ملندو آهي تہ ضرور ماني اتي وڃي کاوان. افسوس اهو اٿم تہ رڳو اسان جي گهر کان پري تي پئي آهي.
خير اسان بئنچن تان سامان کڻي اندر هوٽل وارن کي ڏيئي آياسين. اهو رواج يورپ ۾ سيني سيلف سروس وارين هوٽلن ۾ آهي. يعني لائين ۾ بيهي ٽري کڻي پنهنجي پسند جو سامان جيڪو اڳ ۾ ئي پليٽ ۾ تيار ٿيو رکيو آهي. سو رڳو سامان کڻندا ٽري ريڙهيندا وڃي ڪائونٽر تي پهچو. جت بل ڏيئي ڪوڪو ڪولي ڇري، چمچا، ڪانٽا ۽ ٽشو پيپر کڻندا. لوڻ ۽ ڪارا مرچ ڪاڏي تي ٽيسٽ لاءِ هڻندا. ڪئنٽين اندر يا ٻاهر پيل بئنچن تي کاڌو کائي پوءِ باقي بچيل سڀ سامان پاڻ اندر رکي پوءِ روانا ٿي وڃو. اهو رواج گهڻو ڪري سڄي يورپ ۾ آمريڪا جي ٽوئرسٽ هوٽلن تي آهي. سو اسان بہ پنهنجو سامان اندر ڏيئي اچي بس پيڙا ٿياسين. بس جا سڀ ٽوئرسٽ اچڻ کان پوءِ بس روم ولايت ڏانهن رواني ٿي. جيڪا هاڻ اسان جي ٽوئر جي آخري منزل هئي. اسان جو بس ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ جو بہ هڪ پنهنجو اسٽائل هو. ٿيندو هيئن جو بس ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ وقت اسان جو گائيڊ هڪ هڪ مسافر کي هٿ جي ٽيڪ سان لاهيندو ۽ چاڙهيندو هو ۽ ائين هو مسافرن کي ڳڻي بہ وٺندي هو. تہ گهڻا لٿا هئا ۽ گهڻا چڙهيا آهن. جي هڪ بہ مسافر گهٽ هوندو هو تہ هو انهيءَ انداز ۾ ڳٽپ مان سمجهي وٺندو هو. تہ ڪيترا سياح اڃا نہ آيا آهن ۽ وري گائيڊ بس ۾ چڙهي سيني کي ڳڻيندو هو تہ ڪيترا سيلاني گهٽ آهن پر اسان جي هنن ٽيرهن ڏينهن جي مسافريءَ ۾ هن لاءِ هڪ مسئلو هميشہ هميشہ قائم رهيو. اهو هيءَ تہ منهنجي گهرواري هن سان هٿ نہ ملائيندي هئي. تنهن ڪري جيسين وڃي هري ٽيسٽائين هن جي حساب ۾ سدائين هڪ سياح گهٽ هوندو هو. پر پوءِ جيئن جيئن ڏينهن ويا گذرندا تيئن تيئن هو بہ سياحن جي عادتن کان واقف ٿيندو ويو ۽ نيٺ تہ جهڙا سڀ هڪ ڪتنب جا ڀاتي هئاسين. روم شهر اچڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ روم جي باري ۾ ڪئين جملا ذهن ۾ اچڻ لڳا يعني:

Rome was burning Nero was fiddeling.
Rome was not built in a day.
Do in Rome as Roman's do.
All Roads Lead to Rome.

آخري سٽ جي معنيٰ اها آهي تہ ”دنيا جا سڀ رستا روم ڏانهن ئي وڃن ٿا.“ يعني روم ئي سڄي دنيا جو هيڊڪوارٽر ۽ مرڪز آهي ۽ تاريخ شاهد آهي تہ واقعي سوين سال روم جي حاڪمن ڪان وٺي انگلينڊ تائين دنيا جي وڏوي حصي تي حڪومت ڪيائون. انهيءَ جا نشان ۽ اهڃاڻ ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا جا سياح هن ملڪ جي عظيم شهرن روم، پيسا، وينس ۽ فلورينس کي ڏسڻ اچن ٿا. پر هزارين سال اڳ جيڪا روم جي حيثيت هئي سان اڄ نہ آهي، اڄ جيڪر ALL ROADS LEAD TO ROME جي جڳهہ تي چئجي تہ ALL ROADS LEAD TO AMERICA تہ منهنجي خيال ۾ بهتر ٿيندو.

سو سائين اسان بہ انهيءَ روم شهر ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. جنهن جي حاڪمن هن جڳهہ تان ويهي ماضيءَ ۾ دنيا جي وڏي حصي تي راڄ ڪيو. روم شهر ۾ داخل ٿيڻ کان بهتر ٿيندو تہ آئون توهان کي هن دنيا جي قديم ۽ جديد شهر جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايان.

آڳاٽي بادشاهين ۽ ملڪن جي راڄڌاني طور قديم مغربي دنيا ۾ جنهن سلطنت پنهنجي سياسي سرشتي ۽ عسڪري قوت جا اهڃاڻ تہ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. جنهن سبب هن شهر کي دائمي يعني هميشہ قائم رهندڙ شهر سڏيو ويندو آهي، هي خوبصورت شهر جيڪو انساني علم ۽ فن جي عظيم مينارن جو اهڃاڻ آهي، سو روم اڄ بہ ٽن خصوصيتن جو حامل آهي.

1. هي شهر اٽلي ملڪ جي گاديءَ وارو شهر آهي.
2. روم شهر مذهبي اختياريءَ جو پڻ هيڊ ڪوارٽر آهي.
3. هي ماضيءَ جي تخليقي شاهڪارن جو يادگار شهر آهي.

پوري دنيا ۾ هي واحد شهر آهي جيڪو ماضيءَ جي يادگارن جو امين هئڻ سان گڏ جديد زندگيءَ جي پڻ سمورن پهلوئن سان سينگاريل آهي.

هي شهر اٽلي ملڪ جي مرڪزي ڀاڱي ۾ ٽبر Tiber نديءَ جي ڪناري تي آباد آهي. جيڪا سمنڊ کان پندرهن ميلن جي مفاصلي تي وهندي رهي ٿي. روم شهر جي پسگردائي وارو علائقو اٽليءَ جي مرڪزي ڀاڱي ۾ اهو علائقو آهي. جتي قديم دور ۾ بلڪل آخر ۾ آبادڪاري ۽ آبادي ٿي. شهر، بچاءُ لاءِ موزون ٽڪريءَ جي آخري لهواري هنڌ وٽ جتي ٽبر نديءَ ورن وڪڙن سان لنگهدڙ آهي انهيءَ ماڳ تي اڏيل آهي.

روم جو شهر هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين يورپ جي سمورين تهذيبن جي قسمت جو مالڪ رهڻ کان پوءِ تنزل ۽ تباهيءَ جو شڪار ٿي ويو. وچ اوڀر جي آخر ۾ ٻڌندڙ جسماني طور جڏو اقتصادي

طور مفلوج، سياسي طور پسمانده ۽ اڪسري طور تي بي پهچ ۽ چٽ تي ويو. انهيءَ جي باوجود ضابطا اخلاق يعني قانون ناهي ڏيندڙ استاد ۽ معمار جي حيثيت ۾ روم جو اثر رسوخ سموري يورپ ۾ مسلسل طور پکڙجندو رهيو جيتوڻيڪ ڇهين کان پندرهين صديءَ تائين واري عرصي دوران ڪيٿولڪ عيسائي اڳواڻن يعني پوپز popes جي روين ڪري صورتحال پيانڪ ۽ ڪنهن وقت المناڪ توڙي مڪروهه ۽ باعث شرم رهي پر روم جي شهر کي عيسائيت جي مرڪز هجڻ واري عظمت جو احساس هو ۽ حالتن جي موافق تبديليءَ سان آهستي آهستي هن پنهنجو اقتدار ۽ ارتقا وري حاصل ڪري ورتو ۽ علوم و فنون توڙي سونهن سوڀيا واري حوالي سان نئين سر تعمير ۽ ترقي ڪئي.

جيتوڻيڪ روم شهر جي ماڳ تي برانز ڏاتو واري تهذيبي دور ۾ يعني عيسيٰ عليہ السلام کان پندرنهن صديون کن اڳ ۾ انساني آباديڪاريءَ جا آثار ملن ٿا، مسيح کان اڳ واري هزار ساله دور جي اوائل تائين ماڻهن جي هتي مسلسل ۽ مستقل آباديڪاري ڪانه ٿي هئي. هتي اٺين صديءَ قبل مسيح ڌاري مختلف هنڌن تي، يورپي قبيلن جا هڪڙي کان الڳ الڳ ڪجهه ڳوٺ نمودار ٿيا، اهي ماڻهو لوهه جا اوزار استعمال ڪندا هئا. هنن پهرين پيليٽائين ۽ اوينٽائين ٽڪرين تي ڳوٺ ٻڌا، پوءِ پير واري ايراضيءَ ۾ آباديڪاري ٿي. سندن استعمال جي اوزارن ۽ خصوصاً سندن تدفين واري رسمن ۾ اختلاف هئڻ مان پتو پوي ٿو ته اهي جدا جدا قبيلا هئا. انهن ۾ لاطيني، سيبائين ۽ ٻين قبيلن جا ماڻهو شامل هئا. جن هن شهر جو بنياد وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ستين صدي قبل مسيح ۾ پيليٽائين، ايسڪيولائين ۽ سيليئن ٽڪرين جي وچ واري وادي ۾ آباديڪاري ٿيڻ سان ويجهيون وستيون ۽ واهڻ هن وڏي آبادي ۾ ضم ٿيڻ لڳا. هن صديءَ جي خاتمي کان اڳ ڏاري قبرستان واري هيٺيائين ايراضيءَ جتي ڪني پاڻي جا دٻا هوندا هئا. انهيءَ کي خشڪ بنائي اتي ڪکاوان گهر ۽ جهوپڙيون اڏي ماڻهو رهڻ لڳا. هن علائقي کي فورم ويلي Forum valley سڏيندا هئا.

گذر جي زراعتي ۽ دهقاني وسيلن ۾ واڌاري سبب هنن ماڻهن يوناني ۽ ايٽريوريا Etruria ملڪ جي ماڻهن سان واپاري ناتا جوڙيا. ڇهين صدي قبل مسيح جي اوائل ڌاري اتر طرف ايٽريوريا وارين شهري رياستن جي اثر ۽ متحد شهري رياست طور روم شهر جو بنياد پيو. اها شهري رياست پنهنجي بادشاهن جيڪي ڪل ست هئا ۽ انهن مان پويان ٽي ايٽرسڪين Etruscan يعني ايٽريوريا جا باشندا هئا جي حڪومتن دوران اٿلي واري مرڪزي پاڳي ۾ زبردست قوت ٿي ابري.

هن اوائلي بادشاهي نظام دوران سماجي ۽ معاشي اختلافن سبب هتان واري سماج ۾ ٻه مختلف طبقا پيدا ٿيا. انهن مان هڪڙو Patrician يعني اصل رومي شهرين تي مشتمل طبقو ۽ ٻيو پليبئن Plebeian يعني نئون رومي امير طبقو سڏجڻ لڳو. انهن متضاد طبقن پاران سياسي قوت جي سياسي حصول لاءِ ڪشمڪش هن اوائلي رياست تي وڏو اثر وڌو. شروعات ۾ قبائلي تنظيم تي ٻڌل حڪومت قائم ڪئي وئي. ان کان پوءِ فوج تي ٻڌل جماعت جي حڪومت برپا ڪئي وئي. پوئين بادشاهي دور ۾ انهيءَ فوجي تنظيم ۾ شاهوڪار ۽ امير طبقو شامل هو.

سن 509 قبل مسيح يا هڪ ٻه نسل پوءِ ڏاري روم جي آخري بادشاهه جو تختو اونڌو ٿيڻ ۽ روم ۾ عوامي حڪومت جي قيام سان گڏ وچ اٽليءَ ۾ ايٽرسڪن اقتدار يعني ايٽريوريا جي پيدا ٿيل هن امير طبقي جنهن مان روم جا پوپان تي بادشاهه به هئا، جو زوال شروع ٿي ويو.

روم ۾ بادشاهي نظام جي خاتمي کان پوءِ قائم ٿيندڙ نئين حڪومت شروع ۾ ٻن ڪونسلن Two consuls جي هٿ هيٺ گڏيل عوامي حڪومت هئي. اهي ڪائونسلون اصل رومي رهواسي هئا. جن امين جي حيثيت سان حڪومت جو انتظام سنڀاليو هو. ريپبلڪ حڪومت جي اقتدار دوران ايٽرسڪن حڪمران وارا طور طريقا، اهڃاڻ ۽ علامتون ته هيون پر انهيءَ حڪومت دوران يوناني بيٺڪن سان جيڪي ڏکڻ اٽليءَ ۾ قائم هيون، انهن سان واپاري لڳ لاڳاپا آهستي آهستي گهٽجي ويا.

جنهن ڪري معاشي بحران پيدا ٿيو ۽ معاشري بحران جي نتيجي طور اناج جي سخت قلت ٿي پئي جنهن ڪري شهر ڪيترين وبائن جو ڪئين صدين تائين شڪار ٿي پئي سگهيو. لاچار حڪومت سسلي Sicily کان اناج خريد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پئي. ان ڪانسواءَ سياسي انقلاب جي نتيجي ۾ رياست اندر معاشي پسماندگي پيدا ٿي پئي.

پيٽريشينس Patricians يعني اصل باشندن ۽ پليبئنس Plebeians يعني ڌارين جي وچ ۾ ٿيندڙ وڏي جنگ جي نتيجي طور پنجين صدي قبل مسيح جي وچ ڌاري ريتن رسمن ۽ اخلاقي اصولن کي قانوني طور لکت ۾ آندو ويو ۽ انهن کي Low of the twelve table جي صورت ۾ سن 450_451 قبل مسيح دوران محفوظ ڪيو ويو انهيءَ عرصي ۾ ٻاهرين آبادڪارن پنهنجي سياسي تنظيم ٺاهي جنهن جا اڳواڻ اصل باشندن جي ڊر جي مقرر ڪيل امينن جي فيصلن کان ڌارين کي بچائيندا هئا. پنجين صدي قبل مسيح جي پوئين اڌ ۾ روم وري به پنهنجي آسپاس وارن علائقن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جو نتيجو وچي سن 396 ق_م ۾ ايٽرسڪن شهر veii جي فتح تي ٿيو.

سن 390 ق-م ۾ قديم فرينچ جنگي سردارن جي لشڪر روم شهر جو گهيرو ڪيو. جيڪو ساڍا ست مهينا هليو گهٽي ڦرلٽ ۽ تباهي مچائڻ کان پوءِ نيٺ فرينچ هتان موٽي ويا. پر پوءِ روم شهر جو فقط هڪڙو ڪيپيوٽولائين Capitoline area وارو حصو رومين جي هٿن ۾ وڃي رهيو. انهيءَ جي باوجود روم جي ماڻهن پنهنجي شهر جي تعميرنو جو ترت عزم ڪيو ۽ هڪدم توفا Tufa پٿر جي وڏين چپن سان شهر جي چوڌاري ڪوٽ اڏڻ شروع ڪيائون. هن دور جي پوين ليکڪن مان هڪڙي Livy نالي شخص روم جي تعميرات ۾ بي ترتيبيءَ جو ذڪر ڪندي بيان ڪيو آهي، ته هي جٽن جو شهر ٿو لڳي، جنهن جي تعميرات ۾ ڪا به صحيح منصوبه بندي نظر نه ٿي اچي. پر انهيءَ بي ترتيبيءَ سان اڏيل ڪوٽ ڪي مسلسل ايندڙ اٺن صدين تائين ڪو به حملو آور ٽوڙي نه سگهيو. فرينچ حملي سبب پيدا ٿيل اقتصادي بدحالي هڪ ڀيرو ٻيهر اصلوڪن ۽ ڏارين رومين ۾ تضاد ۽ اختلاف وڌايا. پر ڏارين پنهنجي ڏاهپ سان گهٽ ۾ گهٽ ٿي قانون معاهدن تحت چوٿين صدي قبل مسيح جي خاتمي کان اڳ ۾ ٿي اقتدار جي ايوانن ۽ دفترن ۾ اڪثريت حاصل ڪري ورتي ۽ سندن اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل قانونن جي پاسداري سمورن اصل توڙي ڏارين رومي باشندن مٿان لاڳو ڪئي وئي. قرضن ۽ زمين جي ورهاست بابت سماجي قانون سازي هيٺين طبقي کي بدحاليءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ سندن حق ۾ ڪئي وئي.

وڏي پئماني تي منصوبا بنديءَ ڪانسواءِ به سن 375 ق-م ۽ 275 ق-م جي وچواري عرصي ۾ به رومي رياست پاران پنهنجي واضح سرحدي توسيع سبب ڪافي پائيدار معاشي فائدا حاصل ڪيا. رومي حڪومت سموري پيننسولر اٽلي يعني سموري اپيٽ تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ سبب پنهنجي فتح ڪيل علائقن ۾ بينڪون (نو آباديون) قائم ڪيون ۽ رومي باشندن کي انفرادي طور جاگيرون عطا ڪيون، ٽئين صدي قبل مسيح جي وچ کان اڳ ئي سٺ هزار کن اهڙا زميني ٽڪرا ماڻهن ۾ ورهائي بي زمين رومين کي زميندار ڪيو ويو ۽ ٻاهرين جو ڪجهه زور ٽوڙيو ويو. 250 ق-م ۾ شهر جي آبادي هڪ لک کي پهچي وئي. فتحن مان حاصل ٿيل مال غنيمت شهر ۾ مندرن، رستن ۽ پاڻيءَ جي رسد وارن منصوبن تي استعمال ڪيو ويو. ٽئين صدي ق-م جي شروعات ۾ شهر ۾ تازو پاڻي آڻيندڙ به هترادو ناهيل چينل شهر ۾ پاڻي پهچائڻ لڳا. سن 264 ق-م ۾ روم اتر آفريڪا ۾ قائم هڪڙي زبردست فونيشيائي نسل جي ڪارٿيج حڪومت سان جنگ ۾ ڦاسي پيو. هڪڙي پوري صديءَ کان وڌيڪ عرصي دوران مختلف ويڙهن، مقابلن ۽ جنگين بعد روم سموري رومي سمنڊ سان لاڳاپيل سمورن ملڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ملڪ ٿي اڀريو. پر هيڏي وڏي سلطنت جي سار سنڀال لاءِ

رومي ماڻهن پاران شعوري طور تي ڪوشش نه هئڻ سبب روم جي شهر واسين لاءِ ڪئين نوان سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿيا. سن 201کان 218 ق-م رومين ۽ ڪارٿيجي فوجن جي ٻي جنگ سبب اٽليءَ واري اپٻيٽ جي وڏي حصي ۾ قتل و غارت ۽ ڦرلٽ سبب تباهي آئي. ڪارٿيجن زمينن تي قبضو ڪيو جنهن ڪري اتي آباد رومين ڀڄي روم شهر ۾ اچي پناهه ورتي. ان وقت ڪارٿيج فوجن جو سپهه سالار هيني بال Hannibal هو. رومي امير طبقو جنهن ڪي روم شهر ۾ صنعت توڙي واپار ۾ سيڙپ جي قانوني طور منع ٿيل هئي. تنهن ڏکڻ ۾ وچ اٽليءَ واري ڌتڙيل آبادگار طبقي مان ناجائز فائدو وٺندي تمام سستي اگهه سان زمين جي وڏي ايراضي خريد ڪئي.

ٽبر Tiber نديءَ تي شهر ۾ پهرين پل سن 142 ق-م ۾ ۽ پهرين پاڻي جي ٽانڪي گهٽي اوچائي تي اول سن 144 ق- م ۾ ٺاهي هئي. جنهن سبب شهر جي اوپر طرف واري مٿانهين پٽ تي پڻ آبادڪاري شروع ٿي وئي.

## ( آگسٽس وارا سڌارا Reforms of Augustus)

جوليئس سيزر Julius Caesar روم جو پهريون بادشاهه هو جنهن شهر توڙي ملڪي مسئلن ۽ ڪمن کي صحيح منصوبه بنديءَ موجب سر انجام ڏيڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي. ڪيمپس مارشس وارو راندين جو ميدان ۽ ٽبر نهر جي سڌاري جو پروگرام هن بادشاهه جي منصوبن ۾ شامل هو. پر پنهنجي منصوبن کي مڪمل ڪرڻ تائين هو زنده نه رهيو. سندس هنج ورتل پٽ ۽ جاءِ نشين آگسٽسAugustus روم شهر کي سلطنت جي عظيم راڄڌاني بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سندس هن دعويٰ ۾ وڏاءُ آهي ته هن کي روم سرن جو ٺهيل مليو هو ۽ هن انهيءَ کي سنگ مرمر سان تعمير ڪيو آهي. ها باقي هن ۽ سندس ساٿين شهر ۾ ڪافي عمارتون، مندر، ٿيٽر، حمام، ڦوهارا ۽ راندين جا ميدان، بازاريون ۽ گودام وغيره جوڙايا هئا. تنهن کان سواءِ قديم اڏاوتن جي مرمت جو ڪم چالو ڪرڻ سبب غريب طبقي کي ڪافي روزگار حاصل ٿيو. پر شهر جي اڏاوت بابت گهربل شهري منصوبابندي نه هئڻ سبب غريب شهري غير محفوظ ۽ صفائي گهربل وانجهيل جڳهين ۾ ڦاٿل رهيا جيڪي قديم پاڻي جي سوڙهين ۽ ٻوساٽيل گهٽين ۾ گهيريل هئا. آگسٽس جي هڪ دوست ۽ مددگار ايگرپا Agrippa پنهنجي تمام گهٽي دولت شهر کي وڌيڪ سهڻو بنائڻ ۽ شهر ۾ پاڻي جي سد واري نظام کي سڌارڻ تي خرچ ڪئي.

سفر کي اڌ ۾ ڇڏي تاريخ جا ورق اٿلائڻ سبب اميد تہ پڙهندڙن کي روم جي باري ۾ ڪافي معلومات ملي هوندي. اسان جي گائيڊ ٻڌايو تہ اسان هوٽل پارڪ ڪوسٽانزا Hotel Park Costanza ۾ رهنداسين. اسان جي بس جيئن شهر ۾ داخل ٿي، تيئن ئي اسان کي گائيڊ شهر جي ماڳن مڪانن يا جڳهين جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو. ان ڪان پوءِ پوءِ هن رات توڙي ايندڙ ڏينهن جي خوبصورت ۽ رنگين پروگرامن کان واقف ڪيو. نيٺ بس اچي شهر جي هڪ خوبصورت هوٽل ٻاهران بيٺي ۽ اسان گائيڊ جي پٺيان پٺيان هوٽل جي لابي ڏانهن روانا ٿياسين. دستور مطابق هوٽل جي ڪمرن جون چاٻيون اسان کي اسان جي گائيڊ ڏنيون ۽ اسان پنهنجي ڪمرن ٻاهران پنهنجو رکيل سامان کڻي ڪمري اندر گهڙياسين. هميشہ وانگر آئون ۽ منا هڪ ڪمري ۾ ونود ۽ نور ٻئي ڪمري ۾ رهياسين. مون ونود ۽ نور کي چيو تہ جلد تيار ٿي هيٺ اچجو تہ ٻاهر روم ٻاءِ نائيٽ پروگرام لاءِ هلبو. هوٽل جو ڪمرو يورپ جي سيني ٻين هوٽلن وانگر تمام ويل ڊيڪوريٽيڊ هو يعني مني بار سينٽرلي ايئر ڪنڊيشن. ڊبل ڪارپيٽيڊ. نفيس ۽ سهڻو فرنيچر ڪلر T.v جنهن الاهي ڪيترا چئنل ۽ ڪئبل نيٽ ورڪ پروگرام بہ هو ٽي وي کولي سين تہ انهن هيترن سارن چئنلن ۾ صرف هڪ انگريزي چئنل يعني سي اين C.N.N باقي ٻيا سڀ يورپ جي ٻين ملڪن جي مقامي ٻولين ۾ پروگرام. جنهن جو هڪ لفظ بہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي باقي وينا رڳو شڪليون ڏسون. اها حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ انگليڊ، آمريڪا يا جت انگريز حاڪم رهيا آهن. انهن ملڪن ڪانسواءِ ٻين ملڪن جي ماڻهن کي انگريزي جو هڪ لفظ بہ ڪونہ اچي. جيئين پاڻ کي فرينچ، جرمني ۽ اٽالين ڪونہ اچي، وري جت جت دنيا ۾ جرمن، فرينچ ۽ اٽالين حڪومت ڪئي تہ ات وري اهي ٻوليون رائج آهن. يعني ڌورو قومن دنيا جي جن بہ ملڪن تي حڪومتون ڪيون تہ ات پنهنجي زبان، مذهب ۽ ڪلچر جا اهڃاڻ بہ ڇڏي ويا. جنهن جو مثال پنهنجو صوبويا گڏيل هندستان ئي ڪافي آهن. سنڌ ۾ پهرئين ٻڌ مذهب هو پوءِ جڏهن راءِ سهاسي ۽ ان کان اڳ هندو حاڪم ٿيا تہ ٻڌ مذهب جو زور آهستي آهستي گهٽجڻ لڳو جڏهن راجا ڏاهر جي وقت ۾ ديبل ۽ سڄي سنڌ جي مسلمانن ڪاهہ ڪئي تڏهن ٻڌن مسلمانن جي ڀرپور مدد ڪئي، ۽ ائين مسلمانن جو سنڌ تي قبضو ٿيڻ ڪري هندو مذهب آهستي آهستي گهٽجڻ لڳو ۽ مسلمانن جو تعداد وڌڻ لڳو. اهڙي نموني وري جڏهن سنڌ ۽ گڏيل هندستان جا حاڪم انگريز عيسائي ٿيا تہ هت هزارن لکن ۽ هندستان ۾ تہ ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهو عيسائي ٿيا. خاص ڪري گهٽ جاتين وارا ماڻهو وڏي تعداد ۾ عيسائي ٿيا، ۽ ٿي رهيا آهن.

انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ شرط ڪراچي ۾ گرجا قائم ڪئي، پر هاڻ انگريز حاڪم ته نه رهيا آهن. پر عيسائي مشينري تمام زور شور سان خفيه نموني گهٽ جاتين ۽ ڏتڙيل ماڻهن ۾ وڏي تعداد ۾ پيسو خرچ ڪري رهي آهي، جنهن کي هيومن رائيٽس وارا به هلڪي ڦلڪي نموني سان سپورٽ ڪن ٿا. مون ڏٺو آهي ته هيومن رائيٽس وارا مقامي مظلوم قومن تي ٿيل ظلمن تي گهٽ ٿا ڌيان ڏين. پر اقليت خاص ڪري عيسائين ۽ عورتن جي حقن کي وڌيڪ ٿا اهميت ڏين. سو عيسائين جون گرجائون ته هاڻ ننڍين ننڍين ڳوٺن تائين قائم ٿي ويون آهن. ٽنڊي محمد خان جي پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ پانڌي واه جي پرسان پڻ عيسائين هڪ وڏي مشينري قائم ڪري رکي آهي. هنن کي اولهه جا ملڪ وڏيون امدادون ٿا ڏين. ۽ عيسائين جي ٻارن کي وڏي تعداد ۾ ڪافي اسڪالرشپون به ڏيندا آهن. مشينري اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ انهن نون عيسائين کي وڏيون سهولتون مليل هونديون آهن. هت رهندڙ عيسائين جون همدرديون هن ڌرتيءَ سان نه پر يورپ ۽ آمريڪا سان آهن. جنهن تي هڪڙي ڏاڍي مزيدار هندستاني فلم به ٺهيل آهي جنهن جو نالو ”جولي“ آهي، هيءَ هڪ وڏو بحث آهي جنهن تي پاڻ وٽ ته ڪجهه به لکيل ڪونهي ان تي اسان جي سڄاڻ ليکڪن کي ضرور لکڻ گهرجي. پاڻ واپس ٿا هلون اٽليءَ جي گادي واري شهر روم ڏانهن جت ٽي وي جي ڳالهه آٽي پاڻ کي پاڏي واهه پهچايو.

اسان ڪمري ۾ گهڙڻ شرط پهريائين چانهه پيتي، پوءِ ٿورو ليٽي فريش ٿي هيٺ هوٽل جي لابيءَ ۾ آياسين ته ڪافي ٽوئرسٽ اڳيئي ويٺا گپ شپ ڪري رهيا هئا. مون ڏٺو ته سڀ جا سڀ سياح ڪپڙا بدلائي آيا هئا. سواءِ مون ۽ منا جي، نور ۽ ونود به اچي ويا. هنن کي به لنڊن مان ورتل بهترين شرٽس پيل هيون. اسان جو گائيڊ به اچي ويو. جنهن اسان کي ٻڌايو ته روم ڏينهن توڙي رات هميشه سياحن لاءِ کليو پيو آهي، پاڻ شهر جو چڪر لڳائينداسين ۽ خاص جڳهين تي بيهنداسين. ۽ رات جو دير سان ڊنر ڪري پوءِ واپس هوٽل تي اينداسين. ٻي ڏهاڙي به سڄو ڏينهن شهر ۾ مصروف گذاربو ۽ صبح جو سوير اٿبو. اسان گائيڊ سڳوري جا فرمان ٻڌي اچي بس ۾ ويٺا ٿياسين ۽ اسان جي بس روم جي رستن تي جهرمر جهرمر روشنين ۾ ڊوڙڻ لڳي. رات ٿي چڪي هئي. سڄو روم روشنين ۾ جرڪي رهيو هو. روم جا رهواسي ۽ سڄي دنيا جا سياح رات جو روم کي گهمڻ لاءِ اسان وانگر نڪري پيا هئا. جڳ مڳ روشنيون رستن تي ۽ زندگي روان دوان اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسون ۽ اسان جو گائيڊ اسان کي هر هڪ ماڳ ۽ مڪان جي باري ۾ سهڻي نموني سمجهائيندو رهيو ۽ اسان جي بس اڳتي وڌندي رهي.

۽ اسان به انهن ڪروڙن سياحن ۾ هڪ هئاسين، جيڪي سڄي دنيا کان کهي آيا هئا. ۽ اسان جو تعلق سنڌ جي هڪ ڳوٺڙي ٻني سان آهي. اسان جي پهرئين منزل Fountane de Treveri فائونٽين

ڊي ٽروري ڦوهارو آهي، جيڪو پيازا بار بريني علائقي جي هيٺ اوپر طرف ٽرائٽون رستي وٽ سوڙهين گهٽين سان گهيريل روم شهر جو اهو عجب علائقو آهي. جت هي نهايت خوبصورت ڦوهارو ٺهيل آهي. هي ڦوهارو روشن خيالي واري دور جو ٺهيل آهي. جيڪي هڪ محل جي پٺئين پاسي ٺهيل آهي هن ڦوهاري ۾ ڪيترين ئي مورتيون ٺهيل آهن جيڪي فن مصوريءَ جو ڪمال آهن. هت سون جي تعداد ۾ سياح بيٺل آهن جيڪي فلمون پري ۾ فوٽا ڪڍي رهيا آهن. اسان بہ مووي پري. مون ڏٺو تہ ڪيترائي سياح هن ڦوهاري اندر سڪا اڇلائي رهيا هئا. چون ٿا تہ هن ۾ سڪي اڇلائڻ وارو روم ٻيهر گهمڻ ضرور ايندو. تہ رومي ڏاڍا هوشيار آهن جو انهن سياحن کي کهڙي نہ نموني سان قائل ڪيو تہ ڪجهہ سڪا اڇلائڻ سان توهان وري روم ايندا. هڪ سياح جيڪو روم گهمڻ آيو آهي انهيءَ لاءِ ان وقت ات چند سڪا اڇلائڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. پر انهن ٿورن ٿورن سڪن مان ڪيترا پئسا گڏ ٿي ويندا هوندا. جنهن مان هڪ ڦوهاري کي هلائڻ يا انهيءَ تي مقرر چوڪيدار توڙي ٻي سار سنڀال جي خرچ سان گڏ ڪافي ساري رقم بچندي هوندي. هر سال ڪروڙن جي تعداد ۾ سياح هتي اچن ٿا جيڪي سڀ هن ڦوهاري تي بہ اچن. هونئن بہ روم جي آبهوا ٻي يورپ کان زياده گرم آهي. تنهن ڪري اٽليءَ ۾ سواءِ ٻن مهينن جي باقي ڏهہ مهينا وڏي انگ ۾ سياح وينس، روم، فلورينس، پيزا ۽ ڪئپري جا ماڳ ڏسڻ اچن. اسان بہ انهيءَ چشڪي ۾ تہ وري روم ايندا سين، ڪافي پيسا هن ڦوهاري ۾ ڦٽا ڪيا. هن ڦوهاري جي تعمير جو ڪم پوپ اربن اٺين (pope Urban viii) مشهور مصور برنني کي سونپيو. پر هو ڪم چالو ڪري نہ سگهيو نيٺ اهو ڪم هڪ ٻي معمار کي ڏنو ويو. جنهن جو نالو نڪولو سالوي (Nicolo Salvi) هو. هو بہ ڦوهاري جي ڪم دوران سخت بيمار ٿي مري ويو. اهو 1723ع جو سن هو. انهن سببن ڪري هو ڦوهاري جي ڪم ۾ ڪافي دير ٿي وئي. ۽ ڦوهاري کي ٺهڻ ۾ هڪ انسان جي زندگي يعني 39 سالن جو وقت لڳي ويو. نيٺ هي ڦوهارو ٺهي راس ٿيو ۽ سڄي دنيا جي سياحن جو مرڪز بڻجي ويو ۽ اسان بہ زندگيءَ جون ڪجهہ حسين گهڙيون ات گهاريون جيڪي سدائين ياد رهنديون.

هن ڦوهاري جي ڀرسان ئي سياحن جي خريداري لاءِ ڪوڙ سارا دڪان هئا. جت سياحن وڏي تعداد ۾ خريداري ٿي ڪئي، انهيءَ سان گڏوگڏ هيٺ زمين تي بہ ڪافي ماڻهو پنهنجو سامان رکيو وينا هئا. مون پري کان ڏٺو تہ تمام سادي قسم جون سنڌي ٽوپيون بہ وڪري لاءِ رکيون ويون هيون. آئون انهيءَ دڪان ۾ گهڙي ويس تہ هڪ پنجابي اهي ٽوپيون وڪڻي رهيو هو. اسان کي پاڪستاني سمجهي اسان سان مليو ۽ پاڻ ٻڌايائين تہ آئون لاهور جو آهيان، چوڪرات هو پاڻ ٻڌايائين تہ پنجاهہ روپين جي

ٽوپي هٽ هڪ هزار ريين ۾ وڪامي ويندي آهي، ۽ هٽ سياح ڏاڍي شوق سان هن ٽوپيءَ کي خريد ڪن ٿا، پاڻ اٽلين ڪرنسي ۾ اگهه ٻڌايائين ته منهنجو مٿو ڦري ويو. هزارين ليرن جي ڳالهه ڪيائين ۽ مون کي اڃا تائين ڪرنسي جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ ڪانه هئي ڇو ته خرچ نور پئي ڪيو. سو هن جو هزارين ليرن جي ڳالهه ڪئي سا وري نور کان پڇيم ته ڪلي پيوءِ چيائين ته ها بابا هتي جي ڪرنسي ۾ ماڻهو منٽن ۾ لکا پتي ۽ منٽن ۾ ڪنگال ٿيو پون. مون پڇيو ته اهو وري ڪئين؟ پاڻ چيائين سئو پائونڊن ۾ لکين ليرا ملن جيڪي صبح جو ڪلا ڪرائي ته شام جو ختم. هوٽل تي ماني کاءُ تو ڙي ٽيڪسيءَ واري کي به ڀاڙي عيوض هزارين ليرا ٿا ڏيڻا پون. نور ۽ ونود هتان پنهنجون ڪافي ساريون شرٽس ورتيون، جن تي روم اٽلي ۽ ٻين ڪافي شهرن جا نالا لکيل هئا. روم شهر کي جيڪر ڦوهارن جو شهر چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو.

آئون سمجهان ٿو ته روم شهر ۾ گرجائن کان پوءِ وڏي تعداد ۾ ڦوهارا ئي آهن. هڪ دور ۾ ته روم جي ٻن وڏن مصورن بورو مني ۽ برنني Bernini جو ڦوهارو ناهڻ تان ايترا ته مقابلا ٿيا جو سڄو شهر ڦوهارا ئي ڦوهارا ٿي ويو. ٽروي ڦوهاري کان پوءِ وري برنئي ٻيو هڪ جڳ مشهور ڦوهارو ناوونا اسڪوائر ۾ ناهيو. جنهن ۾ دنيا جي چئن وڏن دريائن يعني هر هڪ نيل، ڊينيوب، گنگا ۽ پليٽ جي نالي سان مختلف جانورن جا ڦوهارا ٺهيل آهن ۽ اتي جانورن مان صرف هڪ گهوڙي جو مجسمو آهي. جيڪو ڊينيوب نديءَ جي علامت طور ڏيکاريل آهي. اهو گهوڙي جو مجسمو برنني پاڻ ڏاڍي محنت ۽ فن مهارت سان جوڙيو. الائي ڇو برنني درياءَ سنڌ کي وساري ڇڏيو نه ته درياءَ سنڌ دنيا جي وڏين ندين مان آهي. ناوونا اسڪوائر پرسان پيازا ناوونا واري عمارت لڳ سينٽ آگسٽينوSaint Agostino جو ٺهيل مشهور چرچ آهي. چرچ جي مهاڙي ڪا خاص ڪانهي. پر هن اندر ٺهيل فني شاهڪار ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائن ٿا. جنهن ۾ خاص ڪري انهن ۾ رافائيل جي ناهيل حضرت عيسيٰ عليه اسلام جي بهترين تصوير ۽ سينسو وينو (Sansovino) جي بيبي مريم ۽ حضرت عيسيٰ عليه اسلام جي گڏ ناهيل تصوير به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٻي هڪ مصور ڪار واگيو Carvaggio جي به حضرت عيسيٰ عليه اسلام جي بهترين تصوير ناهيل آهي. ڪارواگيو جون بهترين تصويرون ۽ فن پارا فرانس جي گاديءَ واري شهر پيرس جي مشهور قومي چرچ ۾ رکيل آهن. پولو گيٽ واري علائقي جي ذڪر اوير ۾ تاريخي طور روم شهر جو فنڪارانا حصو آهي، جيڪو هميشه سياحن جو مرڪز رهندو اچي. ارڙهين صديءَ کان وٺي هن علائقي کي عالمي شهرت ملي ۽ اها حيثيت اڃا تائين برقرار آهي. هن علائقي جي وچ ۾ هڪ سوڙهي ۽ ڊگهي عمارت پيازا ڊي اسپينگا نالي آهي. جنهن جي مرڪز ۾ هڪ

تمام سهڻي بيڙيءَ جي شڪل ۾ هڪ خوبصورت ڦوهارو نهيل آهي، جيڪو ڏاڍو وڻندڙ آهي ۽ اهو ڦوهارو اٽليءَ جي مشهور معمار برنئي جي پيءُ جو نهيل آهي جيڪو اڄ به سياحن جو مرڪز بڻيو پيو آهي. برنئي اهو جنهن ترويري جو ڦوهارو ناهيو آهي. روم شهر ۾ توهان کي رات جو بشني، ڳنڍي چوڙ ۽ رولو چوڪريون هر هنڌ ملنديون. خاص ڪري بس اسٽينڊن، ريلوي اسٽيشنن، سوڙهين گهٽين ۽ سنسان جڳهين تي توهان کي سواءِ ڳولڻ جي به ملي وينديون.

روم شهر ڪنهن زماني ۾ سڄي دنيا جي مافيا جو مرڪز هو، هت هر بڇڙائي ٿيندي هئي. هونئن به غريب ملڪن جا ماڻهو دنيا ۾ اٽلي جي ساموندي جهازن ۾ هزارن جي تعداد ۾ چڙهي پهريائين اٽليءَ اچن پوءِ سڄي يورپ ۾ پکڙجي وڃن. ڪڏهن ڪڏهن ته اهي غير قانوني اميگرنٽس سون جي تعداد ۾ انهن جهازن ۾ مري وڃن، هونئن به اٽليءَ وارن جو نعرو آهي Via_san_pietro يعني عورت، پيسو ۽ ڏوهه، آمريڪا ۽ لنڊن ۾ شيدين جو به اهوئي حال آهي. سو سائين اسان به روم جا محل ۽ محلاتون حسين ڦوهارا ڏسندا اچي پنهنجي آخري پروگرام يعني رات جي ماني‌ءَ واري هوٽل تي پهتاسين. جت اسان جي اچڻ جو اڳ ئي اطلاح ۽ اهتمام ٿيل هو. هوٽل جي اسٽاف اسان کي خوش آمديد چيو ۽ اسان جي لاءِ مقرر ڪيل جڳهه تي آڻي اسان کي ويهاريو. جت پهريائين کاڌو کارايائون جنهن ۾ ڪئين روايتي اٽليءَ جا طعام هئا، جنهن کان پوءِ راڳ رنگ جي محفل، آخر ۾ کل پوڳ ڏاڍو مزو آيو. بهترين پروگرام ٿيو. ٽن چئن ڪلاڪن جو پروگرام ڪن پل ۾ گذري ويو. خبر ئي ڪانه پئي. رات جو دير سان اچي هوٽل تي پهتاسين، نور وارا پنهنجي ڪمري ۾ ۽ اسين پنهنجي ڪمري ۾ اچي آرامي ٿياسين.

دستور مطابق صبح جو سوير منا قرآن شريف جو دور ڪيو ۽ پوءِ اسان روم جي گهٽين ۾ ٿوري دير واڪ ڪري واپس پنهنجي ڪمري تي اچي تيار ٿي هيٺ هوٽل جي ڊائينگ هال پيڙا ٿياسين، جت اسان جي ٽوئر گروپ وارن ڪانسواءِ بيا به ڪيترائي سياح ويٺا هئا، ۽ هر ڪو پنهنجي ڌن ۾ مگن هو. اسان کان هوٽل رسيپشن وارن اسان جو ٽوئر نمبر پڇيو تنهن کان پوءِ ٻڌايائون ته توهان جي بريڪ فاسٽ جو بندوبست فلاڻي هال ۾ آهي، ٿيندو ائين آهي ته هڪڙي هوٽل ۾ سوين سياح رهندا آهن تنهن ڪري رش کان بچڻ لاءَ هر ٽوئر گروپ جو مختلف فلورن تي مختلف هالن ۾ صبح جو ناشتي ۽ رات ماني‌ءَ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي. چوته ٻنپهرن جو سياح هوٽل تي ڪونه ايندا آهن. گهمڻ جا سمورا بندوبست اهڙي نموني رکيل هوندا آهن جو شام يا رات کان سواءِ واپس موٽي اچڻ جو ڪو به امڪان نه هوندو آهي. تنهن ڪري لنچ گهڻو ڪري ٻاهر ڪائبي آهي. هونئن به سياح، سيلاني ٻنپهرن جي

مانيءَ کان وٺون ويندا آهن. ڇو تہ ٻنپهرن جي ماني کائڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جو بدن ڪجهہ دير لاءِ ڳرو ٿيو پوي.

هونئن بہ ٻاهر گهمڻ وقت ماڻهو جو ذهن سڄو گهمڻ ڦرڻ ڏانهن هوندو آهي سو مانيءَ ڏانهن ماڻهوءَ جو توجهہ گهٽ هوندو آهي. اسان ڇاڻايل هال ۾ داخل ٿياسين تہ اسان جي ٽوئر گروپ وارا سڀ سياح ناشتي ڪي لڳا پيا هئا. اسان بہ پليٽ کڻي ناشتي لاءِ گهربل ڪاڌو ان ۾ ڪنيو ۽ پري هڪ ڪنڊ وڃي کائڻ ويناسين. ناشتو ڪري ٻاهر بس ڏانهن روانا ٿياسين ونود ۽ نور بہ ات ٻين سياحن سان ڪچهري ڪري رهيا هئا. اسان دستور مطابق گائيڊ جي هٿ ۾ هٿ ملائي بس ۾ چڙهياسين.

گائيڊ سڀني سياحن کي هيلو هيلو ڪيو ۽ پوءِ سڄي ڏينهن جي ٽوئر پروگرام جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ ٻڌايائين تہ اڄ شايد رات ٿي وڃي. اڄ اسان جي پهرئين منزل ويٽيڪن سٽي هو. جنهن ۾ اسان کي تقريبن چار پنج ڪلاڪ گهمڻو هو. اسان جي بس اٽليءَ جي قديم شهر روم جي رستي تي هلڻ شروع ڪيو. روم جيڪو ستن ٽڪرين تي اڏيل خزانن ۽ دنيا ڀر جي سياحن جو مرڪز، رنگ برنگي ڦوهارن، قديم گرجائن، گنبذن ۽ مينارن وارو روم جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڏينهن نہ پر مهينا کپن. پر اسان وٽ هن عظيم شهر کي ڏسڻ لاءِ صرف بہ ڏينهن ۽ بہ راتيون هيون، جنهن ۾ ڪوشش ڪبي تہ اسان گهڻو ڪجهہ گهمون ۽ توهان کي بہ گهمايون. اسان جي بس هڪ چوڪ تي ڦيرو کائي وري رستي تي ڊوڙڻ لڳي، تہ اسان جي گائيڊ اسان کي ٻڌايو تہ هيءَ روم شهر جي عظيم ريلوي اسٽيشن آهي جنهن جو نالو اسٽزيئن ٽرميني Stazione Termini آهي. ريلوي اسٽيشن سان گڏ زير زمين ريلوي پڻ آهي جنهن کي هت ميٽرو چون تنهن جو مرڪز بہ هتي آهي. جيئن لنڊن ۾ V.T آهي. يعني سڄي شهر ۽ ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ مواصلاتي نظام جو مرڪز جت پهچي سياح جت چاهي ات وڃي سگهي ٿو. مغربي يورپ ۾ سڄو ريلوي نظام يورو ٽرين جي ڪري هڪ ٻئي سان گڏيو پيو آهي. روم شهر ۾ ٻہ انٽرنيشنل ايئرپورٽ آهن. هڪ جو نالو ليو ناردو ڊاونچي آهي. اهو جڳ مشهور مصور آهي، جهن موناليزا جي تصوير ناهي هئي.

اسان جي بس ويٽيڪن سٽي پهچي چڪي آهي. اندر وڃڻ لاءِ سياحن جون وڏيون وڏيون قطارون لڳيون پيون آهن. پر جيئن تہ اسان جي اڳ ۾ بوڪنگ ٿيل هئي. تنهن ڪري اسان جي گائيڊ ٻاهر سيڪيورٽي وارن سان ڪجهہ ڳالهہ ٻولهہ ڪري اسان کي اندر هلڻ لاءِ چيو. اندر بہ تمام گهڻي رش هئي. اسان کي اندر گهمائڻ لاءِ هڪ مقامي عورت گائيڊ هئي. جيڪا اڳ ۾ ئي اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. اسان جي اٽالين گائيڊ پهرئين اسان کي سمجهايو تہ پاڻ اندر ڇا ڇا گهمنداسين ۽ جي

هڪبئي کان جدا ٿيون تہ وري ڪٺ ملنداسين. اندر فلم پرڻ ۽ فوٽو ڪيڻ بلڪل غير قانوني آهي. تنهن ڪري ڪا بہ فلم نہ پربي ۽ فوٽو بہ ڪونہ ڪڍيا. اسان پنهنجي گائيڊ جي رهبريءَ ۾ پنهنجي اڄ جي پهرئين پروگرام جي شروعات ڪئي، منهنجي گهٽي ۾ گهٽي ڪوشش هوندي تہ آئون توهان کي دنيا جي هن عظيم تاريخي ورثي متعلق هر ننڍي وڏي ڳالهہ کان واقف ڪريان ۽ پاڻ سان گڏ وٺي هر ننڍي وڏي شيءَ ڏيکاريان ۽ گهمايان. مون کي اميد آهي تہ توهان مون سان گڏ هوندا ۽ منهنجي هن پورهئي کي ضرور پڙهندا.

ويٽيڪن شهر ۾ سينٽ پيٽر وارو چرچ باسيليڪا، سسٽائن چيپل يا گرجا، ويٽيڪن شهر ۾ ڪرستانن جا عجائب گهر، پڪچر گيلري ۽ لئبرريون آهن. ويٽيڪن شهر دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي رياست آهي. جنهن کي سن 1929ع ۾ رومن ڪيٿولڪ چرچ جي حڪومت ۽ ان اڳواڻ پوپ جي رهائشگاهہ ۽ حڪومت جي گادي طور قائم ڪيو ويو. هي شهر 44000 چورس ميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. سينٽ پيٽر جي سجاده نشين جي قيام گاهہ هئڻ سبب رومن ڪيٿولڪ عيسائي فرقي جو اخلاقي ۽ روحاني مرڪز تي ويو.

اوائل ۾ پوپ ليٽران محل ۾ قيام پذير هو. جيڪو محل شهنشاهہ ڪانسٽينٽائين مذهبي پيشوائن کي عطئي طور ڏنو هو. هن بادشاهہ ليٽران محل وارو باسيليڪا چرچ بہ جوڙايو هو. قرون وسطيٰ يعني وچئين دور ۾ ليٽران پوپ مبلغ اول سينٽ آگسٽين جي مزار تي بادشاهہ ڪانسٽينٽائين طرفان اڏيل سينٽ پيٽر واري باسيليڪا ۾ رهڻ لڳا. ويٽيڪن شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چورس پلرن سان گهيريل هڪ ڪشادي هال مان لنگهڻو پوي ٿو. جتان وري مشهور عمارتن جي ماهر برنني جي شاهڪار عمارت سينٽ پيٽرس اسڪوائر ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. هتي اسين هاٿي برنني واري مثالي ايمبريس يعني چورس پيلرن سان ٺهيل ۽ جڳهين سان گهيريل شاهي وراندي ۾ پهچون ٿا. جيڪو 284 پيلرن تي مشتمل آهي. انهيءَ جي وچ تي ڪيليوگولا ۽ نيرو جي سرڪس واري ڳاڙهي گرينائيٽ پٿر جو هڪڙو مصري طرز جو چورس پيلر Obelisk آهي. ان جي ٻنهي طرفن تي مشرقي گرينائيٽ پٿر جي شاهي چپن مان تراشيل بيسن (Basins) ۾ فوهارا ٺاهيل آهن. ساڄي طرف وارو ميڊرنو 1613ع ۾ ۽ کاٻي طرف وارو 1675ع ۾ برننيءَ جوڙايو هو. وراندي جي پيلرن جي چوڌاريءَ سينٽن جا مجسما سجايل آهن. وراندي Piazza جي مکيہ چيز سينٽ پيٽر وارو گرجا (Basilica) پنهنجي نرالائي ۾ عجيب آهي. موجوده گرج، اصل چرچ جي ڦٽڻ سبب 1506ع ۾ نئين سر ٺاهڻ شروع ڪيو ويو.

سينٽ پيٽر وارو اصل باسيليڪا بادشاھ ڪانسٽنٽائين جوڙايو هو جيڪو پهرئين عيسائي مبلغ پيشوا جي مزار تي جوڙايو ويو هو. سو وچئين دور ۾ اڻ چاتل سبب سان ڦٽي ويو. سينٽ پيٽر جي هن نئين باسيليڪا جو پهريون نقشو وقت جي ماهر عمارت ساز Bramante بريمينٽ تيار ڪيو ۽ ڪم جي شروعات ڪئي. هن کان پوءِ وارن معمارن ۾ جهڙوڪ رافائيل Rapheal بالڊاسير Baldassare اينٽونيو Antonio ۽ مائيڪل اينجيلو Michelangelo سندس رهنمائي حاصل ڪئي. ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌيا. پوءِ وارن فنڪارن مان هڪڙي پريمينٽ جي نقشي موجب يوناني طرز جي صليب وارو باسيليڪا جيڪو ٻتي گنبذ سان ڇانيل هو جوڙيو ويو.

سترهين صديءَ جي شروع ۾ پوپ پال پنجين طرفان مقرريءَ موجب هڪ معمار ميڊرنو Maderno يوناني طرز واري صليب کي لاطيني طرز ۾ تبديل ڪيو ۽ پنجن مهينن جي عرصي ۾ باسيليڪا جي مهاڙي بہ تعمير ڪئي. سترهينءَ صدي جي وچ ڌاري لورينزو برنني Lorenzo Bernini موجوده شڪل تيار ڪئي. جنهن ۾ پيلرن جا ٺهيل بہ شاهي اڌ گولائي وارا هال شامل آهن. باسيليڪا جي مهاڙي جيڪا برنني جي ٺهيل آهي. انهيءَ تي سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پالا جا مجسما تراشيل آهن. ۽ مٿس ڪيٽريون بالڪنيون ٺهيل آهن. جن ۾ هڪڙي لوگيا ڊيلي بينڊيزيوني Bendedizioi Loggia Delle سڏجي ٿي. جتان پوپ حاضر ماڻهن کي دعا ڪندو آهي. انهيءَ جي هيٺان پنج لنگهہ آهن جن وسيلي هڪ شاهي دالان ۾ اچبو جيڪو ميڊرنو معمار جو ٺهرايل آهي. ان جي مرڪزي دروازي مٿان چنبڊ جي شڪل وارو اسٽيوڪو سيمنٽ پلستر سان هڪ نظارو موزيڪ جڙاءَ سان ٺاهيو ويو آهي. انهيءَ ۾ هڪ غوراب ڏيکاريل آهي. جيڪو نهايت خطرناڪ سمنڊ ۾ تري پيو. غوراب ۾ سوار عيسائيت جا پوئلڳ سمنڊ جي خطري جي باوجود خوش باش نظر اچن ٿا. تنهن مان گمان ٿئي ٿو تہ چرچ يعني عيسائيت طاقتور ۽ ترقي يافتا آهي.

جڙاءُ جي ڪاٻي دنگ وٽ شارلمين Charlemagne جو مجسمو ٺهيل آهي، جنهن جي 800ع ۾ تاجپوشي ٿي هئي. جڙاءُ جي ساڄي رنگ تي شهنشاھ ڪانسٽنيٽائين جو مجسمو ٺهيل آهي. جيڪو برنني جو گهڙيل آهي.

ڊالان vestibule مان باسيليڪا ڏانهن وڃڻ لاءِ پنج دروازا ٺهيل آهن. منجهائن وچيون سيني ۾ پراڻو آهي. برانز Bronze واري جڙاءَ سان سينگاريل دروازا پندرهين صديءَ ۾ فلاريٽ Filarate جا ٺاهيل آهن.هنن ۾ سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال جي شهادتن بابت تصويرون اڪريل آهن. ۽ ڪنجهي جي ڪاريگريءَ جو بهترين نمونو آهن. ساڄي پاسي واري دروازي Door of Death تي فنڪار

Giacomo manzu مانزو طرفان جان John xxiii 23 جي تصوير ٺهيل آهي. کاٻي طرف واري در cetti Venenzio Cro فنڪار طرفان ٺهيل مجسمو لڳل آهي.هن جي پر وارو دروازو نيڪيءَ ۽ بدي Door of Good and Evil سڏجي ٿو. ساڄي طرف آخري دروازو Door of prota santa آهي انهيءَ کي يورپ جو بلي تقريب شروع ڪرڻ لاءِ متر ڪي سان کوليندو آهي تنهن ڪري جڳ مشهور آهي.

سستين چيپل يا عبادتگاهه پوپ سڪستس چوٿين جو جوڙايل هي گرجا گهر شڪل ۾ چورس آهي ۽ يورپ لاءِ مخصوص آهي ان جي ڇت اڌ گولائين ۾ گهٽي مٿي يعني غير معمولي اوچائي تي آهي. هن گرجا گهر جي تعمير مشهور معمار گيروانيو ڊولسي Giovanio Dolci جي رهبريءَ ۾ اڳوٽي معمار بيسوپونٽيليBaccio pontelli جي نقشي ۽ ڊزائين موجب سن 1475ع کان 1481ع جي وچ ۾ مڪمل ٿي.

مذهبي، تاريخي توڙي فني لحاظ کان هيءَ عمارت سڀ کان وڌيڪ اهم شاهڪارن جو مظهر آهي حقيقت ۾ هن گرجا گهر ۾ چرچ جي سموري تاريخ جون نهايت خاص تقريبون منعقد ٿينديون آهن. انهن مان سڀ کان وڌيڪ مشهور پوپ جي چونڊ واري تقريب آهي. ان تقريب کي ڪنڪليو Conclave چئبو آهي. سڄي دنيا جا ڪارڊينل يا وڏا پادري هتي گڏ ٿي پوپ جي نامزدگي ۽ چونڊ ڪندا آهن. هيءَ تقريب تيرهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ وقت جي وڏي پادريءَ کي پوپ يعني رومن ڪيٿولڪ چرچ جو روحاني پيشوا طور چونڊڻ واسطي منعقد ڪئي ويئي. جنهن دوران سنڌن مک پادريءَ پوپ گريگري ڏهين(pope Gregory x) جي حيثيت ۾ منتخب ٿيڻو هو. پوپ جي سياسي توڙي اقتصادي طاقت جي پيش نظر پنهنجي پنهنجي اميداوار کي پوپ طور چونڊائڻ واري خواهش جي ڪري مختلف گروهن ۽ گروپن ۾ سخت ڇڪتاڻ سبب چونڊ لاءِ آيل پادري ڪنهن حتمي فيصلي تي پهچڻ ۾ ناڪام رهيا. انهيءَ ڳالهه تان ڪاوڙ ڪندي سينٽ بونا وينچورا Sr: Bonaventura جي چوڻ تي روم جي ماڻهن دنيا جي آيل پادرين کي انهيءَ محل ۾ قيد ڪري رکيو. جنهن محل ۾ اها چونڊ ٿيڻي هئي. اهو واقعو 1268ع ۾ ٿيو. پادرين کي حتمي فيصلي لاءِ ڏمڪايو ويو ۽ ٻاهرين ماڻهن سان سنڌن ملاقات بند ڪئي وئي ۽ کين مجبور ڪيو ويو ته هنن مان ڪوبه پادري يا بيو ماڻهو ٻاهر نه نڪري بلڪ ڪنهن هڪ پادريءَ کي پوپ طور نامزد ڪرڻ پوءِ ثبوت جي طور محل جي مقرر هنڌ وٽان دونهون خارج ڪيو وڃي. حقيقت ۾ اڄ تائين اها رسم هلي اچي.

هزارين ماڻهو پوپ جي چونڊ جي علامت طور دونهين جي لاٽ ڏسڻ لاءِ انتظار ۾ هوندا آهن. جيڪڏهن دونهون ڪارو هوندو آهي تہ سمجهبو تہ اجا نامزدگي نہ ٿي آهي پر جيڪڏهن دونهين جي لاٽ اڇي رنگ جي هوندي تہ يقين ٿي ويندو تہ چونڊ ٿي وئي آهي.

جيستائين پوپ سِڪسِيس چوٿين ماهر فنڪارن کان پٽين ۽ ڇتين کي پنهنجي فن پارن سان آراستہ نہ ڪرايو هو تيستائين هن سستين گرجا گهر جي تعمير مڪمل ڪانہ ٿي انهيءَ ڪم ۾ ڪيترا سال لڳي ويا. اوائلي فنڪارن ۾ پنتيوريشيو Pinturicchio پروگينو Perugino سگنوريلي Signorelli، برتيسيلي Botticelle ، گهرلانڊائيو Ghirlandaio ۽ ڪوسيمو روسيلي Cosimo Rosselli شامل آهن. تنهن ڪانسوءِ فريسڪو Fresco پلستر تي پينٽنگ جو ڇت تي ٿيل ڪم ماتيو سرڊبنتي Serdenti Matteo، نالي ڪاريگر جو ٿيل هو. هن ڇت ۾ نيري رنگ واري پس منظر تارن جا نقش چٽيا ۽ گنبذ جي ڇيڙن وٽ پوپ جي خاندان وٽ موجود هٿيارن ۽ ٻئي اسلحي جون شڪليون چٽيون هيون. هتي مصوريءَ جي ڪم ۾ مشهور فنڪار مائيڪل اينجيلو Michelangelo جي شموليت مٿي ڄاڻايل فنڪارن کان ڪافي عرصو پوءِ جو واقعو آهي. هن پنهنجي فن جو اظهار ڇت تي پينٽنگ سان ڪيو. انهيءَ لاءِ اڳوڻا فنپاراهن کي مسخ ڪرڻا پيا جن ۾ پيروگينو جي مصوريءَ جا ٻہ شاهڪار Finding of Moses ۽ Nativity شامل آهن. انهن تصويرن جي جاءِ تي مائيڪل اينجيلو پنهنجو يادگار شاهڪار Last Judgment آخري فتويٰ جي عنوان واري تصوير چٽي.

فريسڪو پينٽنگ ۾ بائيبل جي پراڻي ۽ نئين نسخي ۾ ڄاڻايل مکيہ واقعن کي تصويرون ۾ نمايان ڪيو ويو آهي. اڻپڙهيل ماڻهو بہ اهي تصويرون ڏسي انهن واقعن، حادثن ۽ عملن کي سمجهي سگهي ٿو. جيڪي پادرين پاران ڪين ٻڌايا وڃن ٿا. مکيہ ۽ وڏين تصويرن ۾ ڏيکاريل اهم واقعن سان واسطي وارن ننڍن واقعن کي بہ انهن وڏين تصويرن جي پرسان چٽيو ويو آهي. جيئن ڪو ماڻهو ڪهاڻي يا واقعن کي اکرن جي مدد کانسواءِ ئي اڻ پڙهيل هوندي پر ڏسڻ سان سمجهي سگهي . واقعن ۽ مضمونن جي چونڊ پڻ مٿي ڄاڻايل گهرج جي پورائي لاءِ ڪئي ويئي آهي.

سستين گرجا گهر جي پٽين تي چٽيل تصويرون جو احوال ترتيبوار هيٺ ڏجي ٿو.

1 ـ پهرئين تصوير ۾ حضرت موسيٰ عليہ اسلام جي پٽن جي طهر جي تقريب ۽ سندس مصر ڏانهن سفر جا نظارا چٽيل آهن. فريسڪو پلستر تي پينٽنگ جو هي نمونو Umbrain School امبريا جي فن سان تعلق رکي ٿو. تصوير ۾ ڏيکاريل ماڻهن جي چهرن تي اطمينان ۽ خوشي

محسوس ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ فني اعتبار کان تصوير ڪافي پيچيده ۽ ڳوڙهي آهي هيءَ تصوير ٻن مصورن 1۔ پنٽيوريشيو ۽ 2۔ پيروگينو گڏجي ٺاهي هئي. تصوير جو پسمنظر مصور پنٽيوريشيو جي هٿ جي ڪاريگري آهي.

2۔ ٻيو نمبر تصوير ۾ حضرت موسيٰ عليہ اسلام کي رڻ پٽ ۾ ڏيکاريل آهي، ته ٻئي طرف ڪوهه مان مبد قوم جي ڇوڪرين کي بچائڻ لاءِ ٻاهر ڪڍندي ڏيکاريو ويو آهي. ساڳئي تصوير ۾ مصر جي هڪ ماڻهوءَ کي ماريندي ڏيکاريل آهي، هڪ مصريءَ ماڻهو Jethro جون ڌيئر ٻه ڌڻ ۾ اچن ٿيون. تصوير جي پسمنظر ۾ ٻرندڙ وڻ ٻه ڌڻ ۾ اچي پيو. هيءَ تصوير بوٽيسلي Botticelli مصور جي پينٽنگ آهي.

3۔ ٽيون نمبر تصوير ۾ حضرت موسيٰ عليہ اسلام جون ڳاڙهي سمنڊ مان اڪرڻ ۽ فرعون جو پنهنجي فوج سميت ٻڏي مرڻ وارو نظارو چٽيل آهي. هي نظارو حضرت موسيٰ عليہ اسلام جي حياتيءَ جو يادگار واقعو هئڻ سبب وقت جي پوپ هتي نقش ڪرايو. جئين ته مسلم سلطان محمد جي قبضي ۾ آيل عيسائين جي شهر اوٽرينٽو Otranto کي آزاد ڪرائڻ لاءِ مذهبي فوج موڪلڻ واري پوپ طرفان کنيل قدم کي مذهبي توڙي سماجي طور تقويت ملي. سسٽين چيپل جي پينٽنگ سان آرائش واري سال ۾ ئي ترڪن ذڪر ڪيل سهر تي قبضو ڪيو. هي تصوير ۾ هو وڏو پادري Cardinal بيسارئن Besarion حضرت موسيٰ عليہ اسلام جي پير ۾ بيٺل ڏيکاريو ويو آهي. سندس هٿ ۾ هڪ سراهي يا گهگهي جهليل آهي. حقيقت ۾ ڪارڊينل بيسارئن، پوپ سيڪسٽس ۽ سمورن عيسائين کي خبردار ڪري چتاءُ ڏنو ته عيسائين کي مسلمانن مان خطرو لاحق آهي، ۽ جيڪڏهن انهن جي اڳرائي خلاف گهربل قدم نہ کٽبو تہ مسلمان اسان کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا. ڪارڊينل جي سچائي ۽ چرچ سان وفاداريءَ جي خراج طور سندس شبيهه کي هن تصوير ۾ پينٽ ڪيو ويو هو. انهيءَ ئي سال 1481ع ۾ پوپ طرفان مذهبي فوج چاڙهي شهر کي مسلم قبضي مان آزاد ڪرايو ويو. هيءَ تصوير مصور ڪوسيمو روسيلي Cosimo Rosselli جي ٺهيل آهي.

4۔ چوٿين نمبر تصوير ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام قانون جون آيتون وصول ڪندي ڏيکاريل آهي. هن تصوير ۾ هڪڙي رسم طور سنهري ڳابي جي پوڄا جو منظر ٻہ ڏيکاريل آهي. هي تصوير پڻ ڪوسيمو روسيليءَ جي ٺهيل آهي. هن ۾ فريسڪو پلستر تي فلورينس ڪاريگريءَ تي طبع آزمائي ٿيل آهي.

5۔ پنجون نمبر تصوير، مصور بوٽيسيلي جي ٺهيل آهي. هن ۾ انهن ماڻهن کي سزا پوڳيندي ڏيکاريو ويو آهي. جن پاڻ کي خدا Lord کان به مٿي ڪري پيش ڪيو انهن ٽن مان ٻن ڄڻن کي هڪ اوڙاهه يا ڳُن ۾ غرق ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. سندن نالا داٿن Dathan ۽ ابرام Abiram ڄاڻايل آهن. جڏهن ته ٽيون مک جوابدار نالي ڪوراهه Korah پنهنجي ساٿين سان گڏ زمين تي ڪريل ڏيکاريل آهي. جنهن جي مٿان حضرت موسيٰ عليه اسلام پنهنجي عصا الاريندي ڏيکاريو ويو آهي. هن تصوير ناهڻ ۾ مصور جو مقصد ڊومنيڪن وڏي پادريءَ اينڊريا زاموميٽڪ تي تنقيد ڪرڻ به هو. جنهن باسل Basle شهر ۾ پوپ جي فوقيت گهٽائڻ لاءِ هڪڙي گڏجاڻي ڪائونسل منعقد ڪرائي هئي. آرٽسٽ جو پوپ جي روحاني طاقت ۽ فوقيت ۾ ايمان پختو هئڻ ڪري هن تصوير ۾ سندس پنهنجي شڪل پڻ هن سزا واري لقاءُ کي ڏسندڙ تماشبينن ۾ ڏيکاري وئي آهي.

6۔ ڇهين تصوير ۾ حضرت موسيٰ عليه اسلام صحيفو پڙهندي ۽ پنهجي عصا Rod سندس وارث گادي نشين کي سندس پاران عطا ڪيل نبوت جي وراثت جي حق جي نشاني يا علامت طور ڏيئي رهيو آهي. هن تصوير ۾ ڪيترائي نظارا ڏيکاريل آهن. ساڄي طرف اها زمين ڏيکاريل آهي جنهن بابت صحيفن ۾ بني اسرائيل کي عطا ڪرڻ جو واعدو ڪيل آهي. ته ڪابي طرف حضرت موسيٰ عليه اسلام کي وفات ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. جنهن دوران هو سندس مذهبي وارث Joshua کي پنهنجي عصا نشانيءَ طور ڏيئي رهيو آهي. هنن ٻنهي نظارن جي وچ تي نيبو Nebo ٽڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن تي هڪ فرشتو يروشلم Jerusalem جي ماڳ ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي. هن پسمنظر ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ واري ڌرتي ڏيکاريل آهي. جنهن ۾ سهڻين ٽڪرين جي پويان پاڻيءَ جا جهرڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.تصوير جي ساڄي طرف حضرت موسيٰ عليه اسلام جا پوئلڳ حيران، پريشان ڊنل ۽ اداس آهن. جيڪي ڪيس صحيفو پڙهندي ٻڌي رهيا آهن.

مٿي بيان ڪيل سموريون تصويرون گرجا گهر جي ڪابي طرف وارين ڀتين تي ٺهيل آهن ۽ انهن ۾ حضرت موسيٰ عليه اسلام جي حياتيءَ جي واقعن کي بني اسرائيل جي رکپال ۽ بچائيندڙ جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويو  آهي. ساڄي طرف واري ڀت تي وري حضرت عيسيٰ عليه اسلام جي زندگيءَ بابت تصويرون پينٽ ٿيل آهن. جنهن کي انسانذات جو رکوالو سڏجي ٿو.

1۔ تصوير نمبر هڪ ۾ حضرت عيسيٰ عليہ اسلام جي نالي رکڻ واري رسم جو نظارو چٽيل آهي. تقريب ۾ شامل ماڻهن جي چهرن تي روحاني جذبا نمايان محسوس ٿين ٿا ۽ اهي امن ۽ ايمان جا مجسما محسوس ٿين ٿا. هي تصوير ناهڻ ۾ پنٽيوريشيو سان گڏ امبريا واري ڪاريگريءَ جو ماهر مصرور پيرو گينو شامل هو.

2۔ تصوير نمبر 2 ۾ مسيح عليہ اسلام جا ڪجهہ عمل ڏيکاريل آهن. انهن مان هڪ ۾ حضرت عيسيٰ هڪ ماڻهو جو علاج ڪندي ڏيکاريل آهي. جيڪو ڪوڙهہ جي مرض ۾ مبتلا آهي. ٻئي طرف روم شهر ۾ هڪ اسپتال ڏيکاريل آهي. جنهن جو نقشو سستين چيپل جهڙو آهي. تصوير جي پسمنظر ۾ هڪڙو پهاڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جبل وٽان مسيح شيطان کي ڀڄائيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تماشاين ۾ فنڪار بوٽيسيلي پنهنجي همعصر ماڻهن جا عڪس چٽيا آهن. اها سندس خواهش هئي.

3۔ تصوير نمبر 3 ۾ پيارڻ پاٻوهہ جو عجيب نظارو چٽيل آهي. هن ۾ فنڪار ڊومينيڪو گهرلينڊيو Domenico Ghirlandaio حضرت عيسيٰ عليہ اسلام کي گيليلي ڍنڍ جي ڪناري وٽ ڏيکاريو آهي. سندس پر ۾ سينٽ پيٽر ۽ سينٽ ايڊريو گوڏن ڀر جهڪيل نظر اچي رهيا آهن. حضرت عيسيٰ مسيحيت جي ڦهرئين پرچارڪ تبليغ ڪندر Aportle کي سڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. تصوير ۾ ڏيکاريل تنهي شخصن جي چهرن تي محبت ۽ ميناج جا تاثرات نمايا آهن. اهو ڪمال فنڪار جي خاص ڪاوش آهي.

4۔ چوٿون نمبر تصوير ڪوسيمو روسيلي فنڪار جو شاهڪار آهي. هن تصوير ۾ هن ٽڪريءَ تي مسيح عليہ اسلام وعظ ڪندي ڏيکاريل آهي. تہ ٻئي منظر ۾ هڪ ڪوڙهئي مريض جو علاج ڪندي ڏسجي پيو. هن تصوير جي خصوصيت اها آهي تہ تصوير ۾ خيال بائيبل جي نئين نسخي موجب پينٽ ٿيل آهي. جن ۾ گناهن مان ڇوٽڪاري جا گر سيکاريل آهن.

5۔ نمبر پنجون تصوير ۾ حضرت عيسيٰ سينٽ پيٽر کي چاٻيون ڏيئي رهيو آهي. جنهن مان سينٽ پيٽر کي سندس صحيح ۽ جائز پوئلڳ ۽ جاءِ نشين جي حيثيت ۾ کيس حقدار طور مسيح طرفان کيس چاٻين جي صورت ۾ چرچ جي اڳواڻي عطا ٿيل آهي. تصوير جي پسمنظر ۾ هڪڙي طرف نذراني جي رقم ادا ڪئي پئي وڃي تہ ٻئي طرف مسيح جي پٿر بازي ڏيکاريل آهي هيءَ تصوير پيروگينو جي مصوري آهي.

6۔ تصوير نمبر ڇهه ۾ فنڪار ڪوسيمو روسيلي حضرت عيسيٰ عليہ اسلام جي حياتيءَ جو آخري باب چٽيو آهي. جنهن ۾ سندس گرفتاري ۽ ڦاسيءَ وارو ڏکوئيندڙ منظر ڏيکاريل آهي.
گرجا گهر جي ڇتين تي حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليہ اسلام ٻنهي جي حياتيءَ جي مکيہ واقعن کي وڏي ڪاريگريءَ سان پينٽ ڪيل آهي. جنهن لاءِ فنڪار هميشہ لاءِ جس لهن.
سستين چيپل جي ڇت نئين سر پينٽنگ ڪرڻ پوپ جوليئس ٻئي سال 1508ع جي شروعات ۾ مائيڪل اينجلو کي مقرر ڪيو. هن مهان مصور اهو ڪم مئي 1508ع ۾ شروع ڪيو ۽ آڪٽوبر 1512ع ۾ پورو ڪيو.
هن ڇت اندر ڇٽئي پاسن تي ٻارهن شاهي تصويرون ناهيون جن ۾ نبي سڳوري سان گڏ مشهور زمانہ درويش عورتون بہ شامل هيون. جن جون اڳڪٿيون عيسائي عقيدي موجب سچيون ثابت ٿيون هيون.
ڇت جي مرڪز ۾ بائيبل جي پهرئين باب جينيسس ۾ ڪائنات جي پيدائش متعلق احوال موجب ڪل 9 نو نظارا ڪمال خوبصورتيءَ سان پينٽ ڪيل آهن. فنڪار ذاتي مزاج موجب انهن کي معمول جي برعڪس ابتي انداز ۾ پينٽ ڪيو آهي. تنهن ڪري پهرئين نظر سان انهن کي سمجهي ڪين سگهبو. ڪائنات جي پيدائش جي اصول مطابق انهن تصويرن جي ترتيب هيٺ ڄاڻائجي ٿي.

1۔ روشني يعني نور جي پيدائش The creation of light
2۔ ستارن ۽ وڻن ٻوٽن جي پيدائش The creation of stars and plants
3۔ خشڪي ۽ پاٽي يا ڪنڌن ۾ سمندن جي جدائي The separation of land and water
4۔ آدم عليہ اسلام جي پيدائش The creation of Adam
5۔ بيبي حوا جي پيدائش The creation of Eve
6۔ حضرت آدم ۽ بيبي حوا جو زوال ۽ جنت مان نيڪالي Fall and expulsion from paradise
7۔ حضرت نوح جي قرباني Sacrifice of Noah
8۔ ٻوڏ يا سيلاب The flood
9۔ حضرت نوح جي غنودگي The Drunkenness of Noah

ڇت ۾ حضرت يوحنا Jonah جي شبيهہ جي ساڄي طرف واري ٽڪنڊي ۾ هڪ ڀيانڪ بلا اجگر ۽ کاٻي طرف واري ٽڪنڊي ۾ حامن Haman کي ملندڙ سزا جو منظر چٽيل آهي.
ڇت جي ٻئي حصي ۾ حضرت ذڪريا جي تشبيهہ جي هڪ طرف حضرت دائود ۽ ساڻس گڏ هڪ ديو جي شڪل ٺهيل آهي. حضرت ذڪريا جي شبيهہ جي ٻئي طرف واري ٽڪنڊي ۾ حضرت دائود عليہ اسلام کي ڪجهہ جهڙي وڻ هيٺيان ڏيکاريل آهي. درين جي ونگن تي ۽ ڇت ۽ درين جي وچ وارين وٿين، يسوع مسيح جي خاندان جي وڏن جون تصويرون ٺهيل آهن.
ڇت تي ڪم مڪمل ڪرڻ کان ايڪيهہ سال پوءِ وري بہ هڪ دفعو مائيڪل اينجيلو سستائين چيپل ۾ اچا بہ هڪڙي پٽ جيڪا ممبر جي پويان آهي انهيءَ تي پنهنجي فن جا آخري نشان ڇڏيا. هن کي انهيءَ پٽ تي پينٽنگ ڪرڻ ۾ پنج سال لڳي ويا. هن فني شاهڪار ۾ بائيبل جي هڪ باب آخري جي فتوي Last Judgment ۾ ڄاڻايل واقعن کي ڪمال ڪاريگري سان چٽيو ويو آهي.
فن جي هن قسم کي جديد دور جو شروعاتي شاهڪار تسليم ڪيو ويو آهي. هنن تصويرن جي نظارن ۾ ڊرامائي شور ۽ موجود ماڻهن تي قدرتي آفت يا قهر نازل ٿيڻ جو خوف ڇانيل آهي. مسيح عليہ اسلام وچ تي وينل آهي. سمورا ماڻهو سندس چوڌاري حيران پريشان ۽ ڊنل بيٺا آهن. حضرت عيسيٰ جج جي حيثيت ۾ فيصلو صادر ڪري پيو. جن گناهگارن کي سزا مقرر ڪئي وئي آهي. انهن کي هڪ ٻيڙي ۾ چاڙهيو ويو آهي، پاڻي يا ٻيڙيا تو ڪيس سزا ڀوڳڻ لاءِ پاتال ۾ غرق ڪرڻ لاءِ ٻيڙو ڌڪي رهيو آهي. هن منظر جي مٿان ڪڪرن تي وينل فرشتا فتوي جي علامت طور توتارا وڄائي رهيا آهن.
حضرت عيسيٰ جي قدمن وٽ وينل شخص هڪڙو سينٽ لارينس ۽ ٻيو بارٿولو ميو آهي. بارٿولو ميو پنهنجي شهادت واري روپ ۾ ڏيکاريل آهي. سندن کل لٿل آهي ۽ اهو خنجر جنهن سان ڪيس شهيد ڪيو ويو هو. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي پيو. شهيد جي چهري ۾ فنڪار سندس پنهنجي تصوير چٽي آهي.
هن ڀيانڪ منظر ۾ بيبي مريم جي سندر شبيهہ بہ پينٽ ٿيل آهي. جيڪا مسيح عليہ السلام جي پر ۾ ڏيکاريل آهي.
زندگيءَ جون هي نہ وسرندڙ يادگار گهڙيون ڪن پل ۾ گذري ويون ۽ اسان فرشتن جي هن مقام مان ٻاهر نڪري هاڻ واپس انسانن جي دنيا ۾ اچي ويا آهيون. جيڪو ماڻهو روم وڃي تہ اهي گرجائون ضرور ڏسي ڇا تہ شئي آهي. ماڻهوءَ کي ڏسڻ کان پوءِ احساس ٿئي ٿو تہ جن ماڻهن کي تاريخ هميشہ ياد ڪندي رهندي آهي اهي سو ڪو ائين ڪو نہ هوندا آهن پر انهيءَ لاءِ انهن ماڻهن وڏيون جاکوڙون ۽ محنتون ڪيون آهن، ۽ پنهنجون زندگيون وقف ڪيون آهن تڏهن ئي هزارن سالن پڄاڻا بہ اهي ماڻهو اڄا

نٿا وسرن. سو اڄ نہ صرف روم ۾ پر سڄي دنيا ۾ مائيڪل اينجيلو مشهور آهي. تہ هن سڄي اٽليءَ ۾ اهڙا تہ نہ وسرندڙ شاهڪار ڇڏيا آهن. جو جيئن جيئن دنيا ترقي ڪندي وڃي ٿئين ٿئين انهن ماڻهن جو قدر ۽ ناموسي وڃي وڌندي. اهو بہ دنيا جي ترقيءَ جو اهڃاڻ آهي. جو ٻني جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي جا ماڻهو بہ هاڻ روم پهچي هي دنيا جا عظيم شاهڪار ڏسي سگهن ٿا. نہ تہ اڳ جڏهن سڪندر روم کان سنڌ پهتو تہ سڄي دنيا حيران هئي ، تہ هي ماڻهو ڪيڏا جاڪوڙي آهن جو ڪيترين تڪليفون برداشت ڪري ڪيڏا ڪشالا ڪري اچي سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئائون. پر اڄ جڏهن دنيا ايتري ترقي ڪئي آهي ۽ سفر جا ذريعا آسان ٿيا آهن ۽ ماڻهو بہ خوشحال ۽ مالوند ٿيا آهن تہ دنيا بہ سسي سوڙهي ٿي پئي آهي. جو ماڻهو دنيا جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پهچڻ ۾ دير ئي ڪونہ ٿو ڪري. نہ تہ ڪنهن وقت ماڻهو کي حج جو فرض پورو ڪرڻ لاءِ بہ سال لڳي ويندا هئا. انهيءَ ڪانسواءِ ٽوئرسٽ کي صرف هڪ ٽائپ جون جڳهيون نہ گهمڻ گهرجن پر ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ڪوشش ڪجي تہ هرشئي ڏسجي ۽ گهمجي، ڪي ٽوئرسٽ صرف نائيٽ ڪلب ۽ ڊسڪو ڏسي واپس گهر پهچي ويندا آهن. تہ ڪي وري حج يا عمري لاءِ ويندا تہ صرف مڪو شريف ۽ مدينو ڏسي واپس هليا ايندا آهن. واقعي اسان انهن شهرن کي ئي ڏسڻ وڃون يا پر جيڪڏهن عربستان جي اندر ڪي تاريخي نوعيت جون جڳهيون ڏسنداسين تہ ڪو گناهہ تہ ڪونہ ٿيندو.

سعودي عرب ۾ ڪيترا شهر يورپ جي شهرن کان بہ وڌيڪ خوبصورت آهن. حاجين کي ٻيا شهر تہ پري ٿا پون پر جدي جهڙو سهڻو شهر جنهن ۾ هر حاجي جهاز مان لهي ٿو سو تہ صفا ويجهو آهي. پر آئون سمجهان ٿو تہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ حج ۽ عمري وارو ماڻهو هن حسين شهر کي ڏسندو هوندو نہ تہ عمري کان سڌو لنڊن، آمريڪا يا پنهنجي ملڪ واپس ويندو حيقيت ۾ تہ جده ڪنهن حالت ۾ يورپ جي شهرن کان گهٽ نہ آهي، خاص ڪري جدي جو ساموڊي ڪنارو لاجواب آهي. مطلب تہ ماڻهو کي انهيءَ ملڪ يا شهر جت هو هيڏو خرچ ڪري پهچي ٿو. ات ڪوشش ڪجي تہ هر سٺي جڳهہ ڏسجي واسجي نہ تہ بہ جيڪي ان ملڪ جون مشهور جڳهيون آهن سي ضرور ڏسجن.

اسان جي مقامي اٽيلين گائيڊ جيڪا هڪ پڪي عمر جي عورت هئي. تنهن نور کان منا جي باري ۾ پڇيو تہ "هيءَ تنهنجي ماءُ آهي". نور چيس تہ "ها". پوءِ پاڻ ڪلي نور کي چيائين تہ "پوءِ تولاءِ مونکي ڪنوار ڳولڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي. پر نيٺ ڳولي وٺندس". اسان سڀ ڏاڍو کلياسين. آخر ۾ اسان سيني کان ڪلي موڪلايائين. هن اسان سيني سياحن کي ڪٽي اسان جي سموري ٽوئر پروگرام واري گائيڊ جي حوالي ڪيو. جنهن اسان کي پنهنجي بس ۾ چاڙهيو جت اسانکي اسان جي گائيڊ ٻڌايو

تہ پاڻ هاڻ روم شهر جو چڪر هڻندا. هيل دنيا جي تاريخي قديم ماڳ ڪولوزئيم Collosseum پهچنداسين. سواءِ ڪٽ بيهڻ جي. ڇو تہ اڄ آچر Sunday آهي ۽ سياح وڏي تعداد ۾ شهر ۾ آهن. جنهن ڪري شهر ۾ تمام گهڻي رش آهي.

اسان جي بس هلڻ لڳي ۽ گائيڊ اسان کي هر هڪ جڳهہ جي باري ۾ ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو رهيو ۽ بس سواءِ ڪجهہ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي اڳيان وڃي رهي آهي. گائيڊ چيو تہ پل جنهن تان پاڻ گذري رهيا آهيون. سا بہ هزار سال پراڻي پل آهي، هيءَ فلاڻي بادشاهہ ٺهرائي هئي. هيءَ گرجا پندرهن سئو سال پراڻي آهي. هيءَ محل قبل مسيح جو ٺهيل آهي. واقعي روم دنيا جو قديم ترين شهر آهي، جنهن جي هڪ هڪ سر جي جدا جدا تاريخ آهي ۽ هنن انهيءَ تاريخ کي جنهن نموني سان محفوظ ڪيو آهي انهيءَ لاءِ هي ماڻهو جس لهڻن. ۽ انهن جي محنتن جي نتيجي ۾ ساري دنيا خود بہ خود هت پهچيو وڃي.

اسان جي بس ڳاڙهي سگنل سامهون بيٺل آهي، ڪافي گاڏيون بيٺيون آهن، پر هڪ ڪار ٽريفڪ جي ڳاڙهي سنگل کي نظر انداز ڪندي اڳيان هلي وئي. اهڙي قسم جون حرڪتون توهان سڄي يورپ ۾ صرف اٽليءَ ملڪ ۾ ڏسندا. ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ. اسان جي بس جي پرسان هڪ بهترين بگي اچي بيٺي جنهن ۾ سياح ويٺا آهن. بگيءَ جو گهوڙو ڏاڍو ٿلهو متارو آهي.

آسٽريليا جا ننڍي قد جا گهوڙا تہ اسان جي ڳوٺ ويجهو ديوان شگرمل ۾ بہ جام هلن. پر هي وڏو ۽ ٿلهو متارو گهوڙو ڏسي مونکي ڊزني ليند جا گهوڙا ياد اچي ويا. جنهن جهڙا ڏٺا ۽ ٿلها گهوڙا مون اڄان تائين پنهنجي زندگي ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺا آهن. سگنل کليو تہ اسان جي بس بہ هلي. روم جيڪو دنيا جو قديم ترين شهر آهي، تہ وري اڄ جو روم دنيا جو جديد ترين شهر پڻ آهي. جنهن جا ايئرپورٽ ريلوي اسٽيشن، بس ٽرمينل، انڊر گرائونڊ ميٽرو سروس، ڪلبون، ڊسڪو ڪلبون، نائيٽ ڪلبس، چوڪ ، چوراهہ، روڊ، سروس روڊ، گارڊن پارڪس، ۽ سوين هزارين لگزري ڪارون ڏسي ماڻهو حيران ٿيو وڃي، تہ هنن جو ماضي بہ عظيم هو ۽ حال بہ حيران ڪندڙ آهي باقي مستقبل جي خبر خدا کي.

پر اسان جو ماضي يعني موهن جو دڙو، ڪاهو جو دڙو ۽ رني ڪوٽ کي ڏسي سڄي دنيا کي تہ حيرت آهي پر اسان جو حال ڏاڍو هيٺو آهي. شل اسان پنهنجي راڄ ڀاڳ جا ڏٺي پاڻ ٿيون تہ هي گوندر گذرن. ڪهڙي ڪمي آهي اسان وٽ. اڄ جي دنيا جي عظيم دولت سان اسان مالا مال آهيون. مثلا پيٽرول، گئس، ڪوئلو طويل سامونڊي پٽي جنهن تي دنيا جا بہ وڏا سامونڊي بندر، ڪراچي پورٽ ۽ قاسم پورٽ،ڪراچي ايئرپورٽ پڻ دنيا جي اهم حصي ۾ آهي. جنهن جي پڻ هڪ تمام وڏي اهميت آهي، دنيا جو جديد ترين ايريگيشن سسٽم جنهن بدولت سنڌ ۾ خدا تعاليٰ زراعت جي هر هڪ جنس هت

پيدا ڪئي آهي. کھڙو فروٽ، سبزي ۽ اَن آهي جيڪو اسان وٽ ڪو نہ ٿو پيدا ٿئي. کھڙو وڻ ٽڻ، ٻوٽو گل ۽ ول آهي جيڪا اسان وٽ ڪونہ ٿئي. دنيا ۾ اھو ڪھڙو پکي ۽ جانور آهي جنھن جو گوشت، کير ۽ بيضو دنيا ۾ تہ آهي پر اسان وٽ ڪونہ ٿئي. سھڻيون سرسبز آباد سون ورنيون ٻنيون جنھن جي ڪُک مان پيٽرول، گئس، ڪوئلو ٽر مان دنيا جو پھريون نمبر ماربل نڪري ٿو. جيڪو تقريبن سڀ جو سڀ ٻاهرين ملڪن ڏانھن ايڪسپورٽ ٿئي ٿو. جر جي وڏي حصي جو پاڻي منو آهي جنھن تي هزارين ٽيوب ويلن وسيلي پاڻي حاصل ڪري اسين سنڌ جي سينڌ ڪي سرهو ڪريون. دنيا جون مشھور ڍنڍون منڇر. ڪينجھر ۽ هاليجي دنيا جي عظيم ندين مان هڪ درياءِ سنڌ اسان وٽ آهي، پر تڏهن بہ اسان هيٺا آهيون. چو تہ اسان ۾ ٻڌي نہ آهي. اسان زندگيءَ کان هرڻ وانگر ٽا پجون. اسان جي هزارن سالن جي تاريخ ۾ اسان سدائين ڊفينس ڪيو آهي. ڪڏهن بہ افينس نہ ڪيو آهي. تنھن ڪري اسان جي ڌرتي جنھن جون سرحدون ڪشمير کان ڪيٽي بندر تائين پکڙيل هيون. سي هاڻ وڃي ٿيون سسنديون ۽ گھٽجنديون، خدا ڄاڻي ڪٿي وڃي دنگ ٽيندو. واقعي اسان پنھنجي وڏڙن جا ڏوهاري آهيون جو اسان انھن جي سرزمين ۽ ورثي کي سنڀالي نہ سگھياسين. جنھن جوئي اسان لوڙهہ لوڙهي رهيا آهيون.

بندر جا پيئين، سکاٽيان مَ سمھو،
ڪپر ٿو ڪن ڪري، جئين ماٺي منجھ مھي،
ايڏو سور سھي، ننڊ نہ ڪجي ناکئا.

چوندا آهي تہ ”پٽر پرايو سور سپ کا پنھجي پٽي“ واقعي ڏکن ۽ سکن ٻنهي گھڙين ۾ اکيون پرجي ايندیون آهن.
سو روم جي هن حسين وادين ۾ گھمندي ڦرندي پنھنجا ڏک سک ياد آچي ويا. اسان جي بس اچي ڪولوزيئم جي ٻاهران بيٺي. هي هڪ قسم جي راندين جو اسٽيڊيئم آهي جيڪو هزارين سال اڳ جي حاڪمن پنھنجي وندر لاءِ جوڙايو هو پر ان ۾ هر عام خاص کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت هئي.
قديم دور جون رانديون نہ پر خون جون هوليون هيون، عجب آهي يورپ ۾ ڪئين جنگون وڙهيون ويون پر هنن پنھنجي تاريخي ورثن کي ذرو بہ نقصان ڪونہ پھچايو جنھن ڪري هو اڄ بہ زندھ آهن ۽ هنن جو پنھنجي قديم تھذيبن جي ڪري سڄي دنيا جي اڳيان ڪنڌ اوچو آهي. ۽ اسان موهن جي دڙي

ڪوٽيندڙ مجمندار کي صرف انهيءَ ڪري قتل ڪيو جو هن جي هٿن ۾ پٽل جي چمڪندڙ رنبي هئي. جيڪا اسان جي لاڙڪاڻي وارن چاندين سمجهيو ته سون جي ڪا شئي آهي. جيڪا هو اسان کان لڪائي پيو ۽ اسان هن کي قتل ڪري سندس پٽل جي رنبي لڪائي ڇڏي ۽ ائين اسان جو ڪنڌ تاريخ جي اڳيان سدائين جهڪيل رهندو ڇو ته اسان تاريخ جا مجرم آهيون. اسان جي بس جي بيهڻ تي اسان سڀ هيٺ لهون ٿا هن قديم ماڳ تي روم جي عظيم اڏاوتن مان هڪڙي عمارت ڪولوزيئم Colosseum جي نالي سان موجود آهي جيڪا راندين جي اکاڙي طور ڪم ايندي هئي. هن عمارت جي اڏاوت شهنشاهه ويسپاسين vespasian سن 72ع ڌاري شروع ڪئي هئي. ۽ اٺ سال پوءِ سندس پٽ شهنشاهه ٽائيٽس Titus انهيءَ تعمير جي تڪميل ڪئي. هن عمارت ۾ قومي راندين جو لڳاتار هڪ سئو ڏينهن تائين هلندڙ جشن ملهايو ويو هو. هتي ٿيندڙ سموريون رانديون ويڙهه تي مشتمل هيون. جن مان ماڻهن جي هڪٻئي سان جنگي جوڌن جي صورت ۾ هٿياربند ويڙهه، ماڻهن جي مختلف جانورن سان بچاءُ واري يا شڪار ڪرڻ واري ويڙهه ۽ مختلف جانورن جي باهمي ويڙهه شامل هئي. هنن سمورين راندين ۾ وحشت ۽ دهشت وارو عنصر غالب هوندو هو. تنهن ڪري پنجين عيسوي صديءَ ۾ اهي رانديون غير قانوني ڄاڻائي بند ڪيون ويون ۽ هن عمارت ۾ ڪم آيل پٿر ٻين اڏاوتن ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. هن وقت هي عمارت جو اڌوڙو شان مان باقي ڪونه رهيو آهي. ۽ فقط ڍانچو وڃي بچيو آهي. مگر سندس اهميت اڃا تائين برقرار آهي ڇو ته سموري دنيا ۾ راندين جا اسٽيڊيم هن طرز تي ٺهيل آهن.

اسان جي بس جي پرسان ڪوچرچ هو. جنهنجي ٻاهران وڏي تعداد ۾ سفيد رنگ جون ڊگهيون گاڏيون گلن سان سينگاريل بيٺيون آهن. جنهن مان گهوٽ ڪنواريون پيا لهن ۽ چڙهن. جن کي نهايت ئي سهڻا سفيد ڪپڙا پهريل آهن. جن جي منهن تي خوشيءَ جو اظهار آهي اهڙي خوشيءَ جو اظهار. انسان زندگيءَ ۾ صرف هڪ دفعو سيج تي وڃڻ لاءِ ڪندو آهي. گهوٽ ڪنواريون هڪٻئي کي ڀَڪلي لڳي ڳالهيون ڪري لب لبڙن سان ملائي چمي رهيا آهن. نه ڪنهن جو ڊپ نه ڊاءُ، ۽ چپڙا چمندي گرجا مان اچي وڃي رهيا آهن. ۽ پڻ وڏي تعداد ۾ اهڙيون سفيد گاڏيون اچي وڃي رهيون آهن. جيسين بس جا سياح سڀ گڏ ٿين تيسن اسان به اهو تماشو ڏسي دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهيا آهيون. هيتري تعداد ۾ گهوٽ ڪنواريون هڪ ئي جڳهه تي هڪ ئي وقت زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏسي رهيو آهيان. اسان جي بس ۾ سياح پهچي چڪا آهن. بس روم جي رستن تي هلي رهي آهي. مون روم سان گڏوگڏ سموري اٽليءَ جي سيني شهرن ۾ اها ڳالهه چڱي طرح محسوس ڪئي ته هتي جا گهر ۽ فليٽ باقي سموري

يورپ ڪان مختلف اسان جي ملڪ جي گهرن، فليٽن وانگر نهيل آهن. مثلا جيئن پاڻ وٽ گهر نهرائڻ وقت روشني ۽ هوا جو خيال رکندي ڪمرن جي اڳيان ورانڊا، بالڪونيون، وڏيون وڏيون دريون ۽ وينٽيليٽر نهيل هوندا آهن. اٽليءَ ۾ به ماڻهن جي رهائش جا گهر ۽ فليٽ بلڪل اهڙيءَ ئي ترتيب سان نهيل هئا. اسان ڪي اٽليءَ ۾ هڪ هفتو رهڻو هو. ان ڪان اڳ اسان لنڊن، بيلجيم، لگزمبرگ ۽ سوئيزرليند مان گهمي آيا هئاسين. تنهن ڪري اسان ڪي هت ڪافي گرمي محسوس ٿي رهي هئي. هت مقامي ماڻهن ڪي ڪپڙا ته اهڙا پيل آهن. جهڙا ڪپڙا گرم ملڪن جا ماڻهو پائيندا آهن. ته جيئن گرمي گهٽ لڳي. شهر کان ٻاهر ايگريڪلچر فارمن تي اهڙا بنگلا نظر آيا جوجڻ سنڌ وانگيان ڪنهن زميندار جو زمين تي نهيل بنگلو. پنهنجي لاءِ گهر پنهنجي ملڪ جي ماحول ۽ آبهوا ماحول مطابق نهرائن ٿا. ۽ اٽليءَ جي ماڻهن به ائين ئي پنهنجي رهڻ لاءِ گهر نهرايا آهن. جهڙي هتان جي موسم ۽ آبهوا آهي اهڙو اثر انهن جي رهڻي ڪهڻي سان گڏوگڏ ڪپڙي، لٽي ۽ کاڌي، پيتي تي به ظاهر آهي، ساڳيا اثر هتان جي ماڻهن جي بناوت ۽ مزاج ۾ به نظر اچن ٿا.

جتي هاڻ اسان بيٺا آهيون ان پرسان رستي جي پرئين طرف رومن فورم Roman Forum يعني اصل روم شهر جو مرڪزي حصو واقع آهي. سلطنت جي زوال ۽ عيسائيت جي فروغ سبب شهر پڻ زوال جو شڪار ٿيو. پوءِ ڪيترن ئي وحشي حملا آورن شهر کي لٽي ۽ ڦري کيس کنڊرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. تاريخ جي وچئين ۽ روشن خيالي وارن دورن دوران شهر جي ٻين پاڱن ۾ نيون جايون جوڙڻ لاءِ گهربل شيون خاص طور تي پٿر هن علائقي جي ڦٽل عمارتن مان وڏي مقدار ۾ ڪڍي ڪم آندو ويو.

انهن قديم آثارن جي بچائڻ لاءِ انهن جي چند ڦوڪ پڻ کوٽائي وسيلي ئي ٿي. انهيءَ سلسي ۾ کوٽائي جو ڪم اوڻيهين صديءَ جي شروعات کان چالو ٿيو. جيڪو مختلف صورتن ۾ مرحلن موافق اڄا تائين هلندڙ آهي. ڪافي ڀاڱي ۾ کوٽائي هلندڙ آهي. تنهن ڪري اهو ڀاڱو نمائش ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ اڄا تائين بند آهي. هن فورم جي وچ مان لنگهندڙ گهٽي قديم روم جي بهترين گهٽي هئي.

ان ڪانپوءِ اسين پهتا آهيون شهر جي مرڪز جي ذڪڻ ۾ پيليٽين هل Palatine hill جيڪو سرڪو ماسينو Circo Massino نالي هڪڙي عالشان ۽ سرسبز ميدان ۾ آهي. هي ميدان قديم شهر جو گهوڙي گاڏين جي ڊوڙ واري مقابلي جو مکيه ميدان هوندو هو. هي ميدان ايترو وڏو ۽ ڪشادو هوندو هو. جو اتي هڪ ئي وقت فقط گهوڙي گاڏين جي ڊوڙ وارو مقابلو ڪندڙ ماڻهن جو تعداد ٻن لکن کان وڌيڪ هوندو هو. جيڪڏهن هن ميدان جو اڌ حصو به اڄا تائين سلامت هجي ها ته ڪولوزيئم وانگر هن ميدان جو پڻ دنيا ۾ چرچو هجي ها.

روم شهر جا هي قديم ماڳ مڪان ڏسندي، ڏسندي اسان کي ڏهن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ ٽائيم ٿي ويو آهي. دل پئي چاهي تہ اجا گهڻو ڪجهہ ڏسجي پر هاڻ ٽائيم ختم ٿي ويو آهي ۽ اسان جي بس جو رخ هاڻ اسان جي هوٽل ڏانهن آهي ۽ باقي ماڳن جو سير سڀاڻي ڪرائيندا. خير اسان اڄ.

1۔ سينٽ پيٽر وارو چرچ باسيليڪا

2۔ سسٽائين چيپل يا گرجا

3۔ ڪولوزئيم

4۔ بلي فورم

5۔ پيليٽين هل

جهڙا خوبصورت ماڳ ڏٺا آهن بس ۾ موجود سمورا سياح اڄ جي ٽوئر تي هڪٻئي سان ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا آهن. ونود ۽ نور بہ ٽڪل لڳي رهيا آهن، اسان جي بس هوٽل پهچي چڪي آهي ۽ اسان بس مان لهي هوٽل جي لابيءَ ڏانهن وڃي رهيا آهيون تہ اسان جي گائيڊ اسان کي ٻڌايو تہ سڀاڻي صبح جو ٺيڪ اٺين بجي بس ۾ سوار ٿي ٻاهر هلبو.

اسان ڪمري تي پهچي ڪجهہ دير آرام ڪري شاور ورتو. چانهہ پي ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي هوٽل رسيپشن کي چاٻي ڏيئي ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪري پياسين اونهاري جي موسم ۾ روم ۾ ڏينهن رات تمام گهڻي رش هوندي اهي. جڻ تہ سياح نجو ميلو لڳو پيو آهي. مختلف ملڪن جا مختلف زبانون ڳالهائيندڙ ماڻهو موجود آهن جن سان سڄو شهر پريو پيو آهي.

شهر ۾ سياحن جي سهوليت لاءِ انڊر گرائونڊ ميٽرو سروس آهي جيڪا رات جو ساڍين يارهين بجي بند ٿيو وڃي پر ٽيڪسيون چوويهہ ڪلاڪ پيون هلن. پر انهيءَ ڪانسواءِ هتي سيني کان سٺي، سستي ۽ تيز رفتار سواري شهر ۾ هلندڙ A.T.A.C بس سروس آهي جيڪا سڄي شهر ۾ صبح جو پنجين بجي تائين هلي.

سڄي شهر ۾ مهانگيون هوٽلون سون جي تعداد ۾ آهن. پر ريلوي اسٽيشن جي ويجهڙائي ۾ توهان کي سستيون هوٽلون بہ جام ملنديون.

روم شهر ۾ حڪومت طرفان بہ سياحن لاءِ هڪ سستي اوسٽيلو ڊيل فورم اٽاليڪو Osttello del foro Italico نالي هاسٽل نهرايل آهي. جنهن ۾ سدائين سياحن جي پيهہ لڳي پئي آهي. پر جي ڪجهہ ڏينهن اڳوات فون ڪري ڪمرو بڪ ڪرائجي تہ ڪمرو مليو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اڳوات بڪنگ ڪانسواءِ بہ ڪمرو مليو وڃي. پر اهڙو آسرو نہ رکڻ گهرجي. بهتر ٿيندو تہ اڳوات بڪنگ

ڪرائي چڙجي. هت روم شهر ۾ YWCA نالي بي بہ هڪ بهترين هاسٽل آهي جيڪا ريلوي اسٽيشن کان صرف ڏهن منٽن جي پنڌ تي آهي. پر اها صرف عورتن لاءِ مخصوص آهي. ات مردن کي ڪمرو ڪونہ ڏيندا آهن. ڪو ٽوئرسٽ روم گهمڻ وڃي تہ ڪيس ايئرپورٽ بس ٽرمينل يا ريوي اسٽيشن تي حڪومت طرفان سياحن جي رهنمائي لاءِ آفيس مان انگريزيءَ ۾ ڪتابچو ۽ نقشو ضرور وٺڻ گهرجي. جنهنجي مدد سان ٽوئرسٽ کي روم گهمڻ آسان ٿي پوندو. هن آفيس جي ٻاهران وڏن اکرن ۾ ٽوئرسٽ انفارميشن آفيس Tourist Information office جا بورڊ لڳا پيا آهن. اهي توهان کي هوٽلن ۽ هاسٽلن ۾ بڪنگ بہ ڪرائي ڏيندا.

روم شهر ۾ سرڪاري ٽوئرسٽ آفيسن کان سواءِ ڪافي تعداد ۾ خانگي ادارا بہ آهن جن ۾ نيشنل ٽوئرسٽ آرگنائيزيشن ۽ انجوائي روم Enjoy Rome خاص قابل ذڪر آهن. جنهن جون آفيسون پڻ توهان کي مک مک جڳهين تي ملنديون.

اٽليءَ جي قومي ايئر لائين Alitalia ۽ برٽش ايئر ويز جون آفيسون سوليٽي روڊ تي آهن. T.W.A ايئر سروس ٿامس ڪوڪ وارن جون آفيسون باربيني روڊ تي آهن. روم شهر ۾ خاص ريسٽورانٽ، بارون. ڊسڪو ڪلب راڪ ۽ جاز هينيان آهن.

روم شهر جون مکيہ رهائش جون هوٽلون هيٺ ڏجن ٿيون.

| | |
|---|---|
| 1۔ ايبروزي | Abruzzi |
| 2۔ ڪيپٽل | Capitol |
| 3۔ ڊي رينزو | De Rienzo |
| 4۔ جرمينو | Germano |
| 5۔ منارا | Manara |
| 6۔ ناوونا | Navona |
| 7۔ پريٽي | Prati |
| 8۔ سميرالڊو | Smeraldo |
| 9۔ ايليمنڊي | Alimandi |
| 10۔ڊيلا لونيٽا | Della Lunetta |
| 11۔فالٽي ٽاورس | Fawlty Towers |
| 12۔ڪيٽي | Katty |

| | |
|---|---|
| 13_مارسلا | Marsala |
| 14_پيروگيا | Perligia |
| 15_رومانو | Romano |
| 16_ سول | Sole |
| 17_ ڪينڊي | Kennedy |
| 18_ موناڪو | Monaco |
| 19_ پڪولو | Piccolo |
| 20_ روسٽٽا | Rosetta |
| 21_ ٽوني | Tony |

روم شهر جي ڪاڏي پيتي جون مکيه ريسٽورانٽون هيٺيون آهن.

| | |
|---|---|
| چند آفريڪي ريسٽورانٽن مان هڪڙو | 1_Hosteria Africa |
| بس ٽرمينل وارو ريسٽورانٽ | 2_Hostera Archetto |
| ميڊونا ڊي مونٽي رستي تي واقع | 3_ Alle Carette |
| ڊيگلي آرٽسٽي رستي تي | 4_Da Augusto |
| باسڪيٽو رستي تي | 5_ II Boscaiolo |
| ڪورالو رستي تي | 6_ Dragon Garden |
| ميرولانا رستي تي | 7_ II Carallo |
| نهايت سستو | 8_ La Diligenza Rossa |
| پيٽيڪوا وٽاويا رستي تي | 9_ Filletti di Baccala |
| ڪينسريا پلازه وٽ | 10_ Da Giggetto |
| سيفرا سسڪو رستي تي | 11_Grappola D' Oro |
| يونسينو رستي تي | 12_ Ivo |
| وريزيو اينٽونري رستي تي | 13_ Al Leoncino |
| ٽبرٽينا رستي تي | 14_ II Piccolo Alpino |

| | |
|---|---|
| 15_ Pizza Alpino | نريٽ ٽراسٽيريئر علائقي ۾ |
| 16_Popi Popi | زاسٽيويئر علائقي ۾ ڪاسميٽو رستي تي |

روم شهر جون مکيه بازارون هيٺيون آهن.

| | |
|---|---|
| 1_ Antica cage Della pace | پيس شاهراهه تي |
| 2_ Bar San cotito | ٽراسٽيويئر علائقي ۾ |
| 3_ Druid's | مارٽينو مونٽي رستي تي |
| 4_Enteca Cavour | ڪيور رستي تي |
| 5_ Fiddler's Elbow | اومارٽا رستي تي |
| 6_ La scala | اسڪالا پلازه ۾ |
| 7_ Traste | لنگهريٽا رستي تي |
| 8_ La vetrina | ويٽرينا رستي تي |
| 9_ Vineria | فيوري ڪيمپ ۾ سوشل سينٽر |
| 10_ Forte Presntino | پائينو رستي تي |
| 11_ Villagio Globale | ٽيسٽا سيو علائقي ۾ |

روم شهر جا مکيه ڊسڪو ڪلب هيٺيان آهن.

| | |
|---|---|
| 1_ L' Ali Bi | مونٽي ٽيسٽاسيو رستي تي |
| 2_ Iteaven | ايئرپورٽ واري رستي تي |
| 3_ Alien | ويليٽري رستي تي |
| 4_ Piper | ٽيگيا مينٽو رستي تي |
| 5_ Angelo Azzurro | ڪارڊينل ميري رستي تي |
| 6_ Soul II Soul | آريليا رستي تي |
| 7_ Blue Zone | ڪيمنيا رستي تي |
| 8_ B.Side | فيونري رستي تي |
| 9_ Gilda | ماريو فيوري رستي تي |

## Live Mudic, Rack, jazz and Latin.

| | |
|---|---|
| 1_ Alpheus | ڪمرشل رستي تي ڊسڪو ناچ گهر |
| 2_ Big Mama's | ٽراستيويئر علائقي ۾ جاز |
| 3_ Café Latino | مونٽي ٽيستاسيو رستي تي گڏيل ڪلب |
| 4_ Ciroco Degli Artisti | ڪيمبر مورا رستي تي بار، ڊسڪو لو ميوزڪ |
| 5_Fonclia | ڪريسينزيو رستي تي جاز لو ميوزڪ |
| 6_ Palladium | پيازا جي رومانو سينيما ۾ لو ميوزڪ ۽ ناچ |
| 7_ St: Louis | ڪارڊيلو رستي تي لو جاز ڪاڪٽيل بار |
| 8_ Yes! Brazil | سينفرسيڪو رستي تي لاطيني لو ميوزڪ بار |

## Classical music, Opera and filair

| | |
|---|---|
| 1_ Accademia di santa Cecilia | گريسي رستي تي |
| 2_ Teatro Dell's Opera | فائيرينز رستي تي |
| 3_Pasquino | ٽراستيوئر علائقي ۾ انگريزي فلمون ڏيکاريندڙ سينيما |
| 4_ Nuovo Sacher | غير رومي فلمون ڏيکاريندڙ سينيما |
| 5_ Alcazar | ڪارڊينل رستي تي فلمون ڏيکاريندڙ سينيما |

اسان پنڌ ئي پنڌ اڳتي وڃي رهيا آهيون. منا ٻڌايو ته سرٽين چيپل ۾ مائيڪل اينجيلو جو پورهيو ڏسيو ماڻهو دنگ رهجيو وڃي ۽ ماڻهوءَ کي هي جهان ئي وسريو وڃي. جڻ ته ماڻهو خوابن جي ڪنهن دنيا ۾ فرشتن ۽ روحن سان گڏ گهمي ڦري رهيو آهي. ڇا ته محنت ٿيل آهي يقين ئي نٿو اچي ڪيترو نه وقت لڳو هوندو هنن خوبصورت تصويرن کي ناهڻ ۾ ۽ انهن ۾ رنگ ڀرڻ ۾.

چون ٿا مائيڪل اينجيلو هي ڪم چئن سالن ۾ پورو ڪيو هو. جيڪو ڏهه هزارن فوٽن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هي ڪم روم جي حاڪم جوليس ٻئي جي حڪم تي مائيڪل اينجيلو ڪيو. پر هو خوش نصيب هو جو اڄ انهيءَ پورهئي ڪري سڄي دنيا کيس ياد ٿي ڪري.

پر حقيقت ۾ ايشيا ۾ تاج محل، اجنتا الورا، کجوراهو جو پورهيو هن کم کان هزارين دفعا ڏکيو آهي. پر جن هٿن سان اهي عظيم شاهڪار نهي راس ٿيا تن جي ڪابہ خبر ڪانهي. مائيڪل اينجيلو وانگر يورپ جا ٻيا مشهور فنڪار پڪاسو رافيل ليونارڊو ڊائي ونچي اڄ يورپ سان گڏ سڄي دنيا ۾ مشهوري ماڻي رهيا آهن. ۽ سڄي دنيا کين عزت جي نگاهن سان ياد ٿي ڪري پر اسان جا هي تخليقڪار جن هيڏا وڏا جبل ڏاري هي پورهيو ڪري دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي، تن جي ڪابہ خبر ڪانهي. ڪافي وقت ٿي چڪو آهي، صبح سوير اٿڻو آهي سو هڪ هندستاني هوٽل جهانگير تي ماني کاڌي سين. سڄي دنيا ۾ هندستاني هوٽلون جام آهن جن تي توهان کي هر قسم جو پنهجي ملڪ جهڙو کاڌو ملي، پر کاڌي ۾ جيڪو سواد انهن انڊين ريسٽورانٽ جولنڊن ۽ ٽوڪيو جي بازارن ۾ آهي اهڙو ٻي سڄي دنيا جي هوٽلن ۾ ڪونهي. پر لنڊن ۾ ٽوڪيو جي انهن انڊين ريسٽورانٽس جو بل تمام ڳرو ٿئي. انهيءَ ۾ وري ٽوڪيو جي هوٽلن جو بل لنڊن جي ڀيٽ ۾ تمام ڳرو آهي. جيڪو ماڻهو روز نٿو برداشت ڪري سگهي ۽ سو بہ هڪ ٽوئرسٽ، جيڪو ملڪ کان ٻاهر ٽڪي ٽڪي جو حساب رکي. هوندي بہ ٽوڪيو سڄي دنيا ۾ مهانگي ۾ مهانگو شهر آهي. پر جپان جو مقامي کاڌو نندين هوٽلن ۾ کائجي تہ تمام سستو ٿو پوي. اهو کاڌو توهان کي ٽوڪيو شهر ۾ لڳل مشين ۾ پئڪ ٿيل ملندو. رڳو سڪو وجهي بٽڻ دٻائڻ جي دير آهي تہ اهو پئڪ ٿيل کاڌو گرم گرم اچي توهان جي اڳيان نڪرندو. جنهن ۾ چانور، مڇي کٽو مصالحو هوندو آهي ۽ کائڻ ۾ بہ ڏاڍو لذيذ هوندو آهي. اهڙي طرح سان جپان جون هوٽلون بہ تمام مهانگيون آهن. پر جپان جون روايتي هاسٽل نما هوٽلون جن جي ڪمرن ۾ پلنگن جي جڳهہ تي انهن جا مقامي مئٽس هيٺ پٽ تي وڇايل ۽ ڪمري ۾ اندر پير اگهاڙا ڪري وڃبو آهي. اهي بہ ٽوڪيو شهر ۾ تمام وڏي تعداد ۾ آهن. انهن بابت معلومات توهان کي ايئرپورٽ ۽ ريلوي اسٽيشن تي ملندي. انهن انڊين ريسٽورانٽ تي توهان کي ڏونئرو لسي، پاپڙ، آچار دال پوري،ڪباب، تڪا ،ٻوٽي، ڊوسا، مصالحا ۽ هر قسم جا ڀوڄ سبزيون ۽ سوئيٽ ڊش ملندا. پر انهن هوٽلن ۾ سوپ ڪونہ ملي. اهڙي انڊين هوٽل ڪراچي ڪلفٽن تي بہ ”ڪلپنا“ نالي سان کُلي پر نہ هلي ۽ بند ٿي وئي هاڻ شام جو وقت ڪلفٽن تي هڪ بهاري گاڏو هٽندو آهي. جنهن تي ڊوسا يا هڪ بہ قسم جا اتر هندستان جا کاڌا ملندا آهن. پر جي ڪيس آرڊر ڏبو تہ هر کاڌو ناهي ڏيندو آهي.

کاڌا جيڪي بابا سائين پاڻ پنهنجي کائڻ لاءِ يا ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪنهن خاص دوستن لاءِ تهرائيندو هو. انهيءَ جهڙا لذيذ ۽ عمده کاڌا مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اڄا تائين ڪونہ کاڌا آهن. خاص

ڪري واريءَ ۾ پڪل پَلا جيڪي ناڪو علي محمد ۽ ناڪو جمعو تيار ڪندا هئا. وسڪيءَ ۾ پُڳل گوشت جي ڪڙاهي بابا سائين پاڻ پنهنجي نگرانيءَ ۾ ٺهرائيندو هو.
باقي تندوري، چڪن، سجي ۽ برياني جيڪي پڻ نفيس ڪيٽرن ۾ ويڙهي پوءِ ٿانٻن تي تيار ٿين سي بورچي تنبي آدم مان ايندا هئا، ۽ ماڪٽي دال گهر ۾ تيار ٿيندي هئي. انهي ماڪٽيءَ دال جو هڪ بهترين لطيفو توهان کي ٿو ٻڌايان. بابا سائين مرحوم جي وفات تي مير علي احمد ٽالپر اسان وٽ بابا سائين جي عذر خواهي لاءِ ڳوٺ پٽي آيو پاڻ تنهن وقت پاڪستان جو وفاقي وزير دفاع هو. سو وڏي اهتمام سان آيو ۽ ٻنپهرن جي ماني بہ اسان وٽ کاڌائين. ماني کان پوءِ جڏهن سوئيٽ ڊش آيو تہ پاڻ کلي چيائين تہ پوءِ اها سوئيٽ ڊش مون کاڌي سو چا هو. اسان پڇيس تہ توهان کهڙي ڊش کاڌي پاڻ انهيءَ ماڪٽيءَ دال ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايائين تہ مون هن پيالي مان اها ڊش ڪنئي. مون کيس ٻڌايو تہ سائين اها تہ دال آهي، جيڪا اسان جي گهر ۾ تيار ٿي آهي. کلي چيائين سرڪار ڏاڍي ٿي.
سو بابا سائين جي وقت ۾ جيڪي ڪاڌا ڪاڌاسين تنهن جي ٽيسٽ اڃان بہ نہ ٿي وسري، چا تہ باذوق ماڻهو هو. ٻني جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ سنڌ جون عظيم هستيون صرف سندس قرب ڪري کهي اينديون هيون. جن مان سائين جي ايم سيد، ميران محمد شاهہ، ڊاڪٽر چوئٿرام، رسول بخش پليجو، محمد يوسف چانڊيو شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، تنوير عباسي، جمال ابڙو، غلام رباني، سوڀو گيانچنداڻي، نياز همايوني، ڪامريڊ عبدالقادر، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڊاڪٽر الانا، غلام مصطفيٰ شاهہ، ڪمتر نقوي، ساقي سجاولي، ماستر چندر، بسنت، ماستر محمد ابراهيم، استاد منظور علي خان ۽ ٻيا ڪيترائي اديب ۽ شاعر ايندا هئا.
اها اسان جي خوش نصيبي آهي جو ننڍي هوندي کان ئي اهڙن منڙن ماڻهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو ويجهڙائي سان موقعو مليو. انهن سڀني ماڻهن جي وچ ۾ چا نہ پياري شخصيت هوندي هئي بابا سائين جي، سهڻي شبيهہ پروقار شخصيت، منهن تي سدائين معصومانہ مرڪ. اڪين ۾ حياءُ هر ننڍي وڏي لاءِ لک عزتون، محبتون ۽ عزت ڏيڻ تہ ڪو بابا سائين کان سکي. پنهنجي اولاد سان گڏ ٻين ڪيترن غريب شاگردن کي پڙهائين. ٻني ۾ هاءِ اسڪول کليو تہ ٻاهران آيل استاد سالن جا سال اسان جي اوطاق ۾ رهيا ۽ سندن کاڌ خوراڪ جو بندوبست بہ پاڻ ڪيائين.
اسان بہ هوٽل جو بل ڏنو. جيڪو تمام مناسب هو. ٽيڪسي ڪري اڃي هوٽل پيڙا ٿياسين. جت ننڊ اسان جو جڻ تہ انتظار ڪري رهي هئي سو فقط ناٽي پائڻ جي دير هئي. هن سجي ٽوئر ۾ پهريون دفعو هوٽل وارن فون ڪري اٿاريو نہ تہ فون تہ هو Wake_up call وقت ضرور ڪن. پر اسان سوير اٿڻ جا

عادي اڳئي اٿي وڃون، ۽ فون ڪري مهل صرف شڪرئي طور ڪين Thanks چئي ڇڏيون. پر اڄ اڪ ٻه هنن جي فون تي کُلي، سو يڪدم تيار ٿي هيٺ ڊائيننگ هال ۾ پهتاسين. ته نور ۽ ونود اڳئي ويٺل نظر آيا. اسان به ناشتو پليٽن ۾ وجهي وڃي سندن ٽيبل تي ويناسين. ۽ ڪالهه جي ٽوئر تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندا رهياسين ۽ اڄ جي ٽوئر جي باري ۾ به هڪٻئي سان مشورا ڪندا رهياسين. منا اٿي ڊائيننگ ٽيبل تان وڏيڪ ميوزلي ۽ پائين ايپل جوس کڻي آئي، جيڪو هن منهنجي ۽ سندس بائول ۽ گلاس ۾ وڌو.

ونود ويجيٽيئرين آهي تنهن ڪري ناشتي ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏيندو آهي. اسان وانگر، چو ته ناشتي ۾ گوشت ڪڪڙ يا مڇي ڪونه هوندا آهن، هڪ جاءِ تي ناشتي ۾ سئنڊوچ ڏٺائون جيڪو گوشت مان ٺهيل هوندو آهي ۽ ڪاڻڻ ۾ ڏاڍو لذيذ هوندو آهي.

يورپ جي هوٽلن ۾ جت سيلف سروس سان ڪاڏو ملي، اٽ هر قسم جا جوس ته رکيل هوندا آهن پر پاڻي جو نالو به ڪونه هوندو آهي. پاڻ ماني ڪائي يا اڳ ۾ جيسين پاڻي نه پيون تيسين جڻ ته ماني ڪو ڪونه ڪاڏيسين. پاڻي آرڊر تي ڏين پر انهيءَ لاءِ اضافي پئسا وٺن. اسان دستور مطابق ناشتو ڪري ٻاهر نڪتاسين ته اسان جي بس اسٽارٽ بيني هئي، ڪجهه سياح بس ۾، ڪجهه بس کان هيٺ بيٺل هئا ته ڪي وري سگريٽ پي رهيا هئا. جيستائين سڀ سياح گڏ ٿين تيستائين اسان به پٽ سان گڏ پيل بئنچ تي ويهي رهياسين. جت اهڙين بين بئنچن تي وڏي تعداد ۾ سياح هڪٻئي سان گپ شپ ڪري رهيا هئا. جيسين بسون هلن تيسين هوٽل کان ٻاهر سياحن جي اچ وڃ جي ڪري رونق لڳي پئي هوندي آهي. ڪي سياح جيڪي ڪجهه ڏينهن هت رهندا سي سواءِ سامان جي ۽ جيڪي پنهنجو ٽوئر پورو ڪري اڳتي پنهنجي پنهنجي بي منزل لاءِ اڄ اسهندا تن جي هٿن ۾ بريف ڪيس نديو ٿيلهو. پاڪيٽ، گلدستو يا ڪو بيو تحفو يا سامان ضرور هوندو. پر جي هٿ ۾ لفافو ڪارڊ، پارسل، ڪئميرا يا مووي ڪئميرا ته معنيٰ اجا به ٿي ڏينهن سندن منزل هت آهي. مطلب ته ڏاڪڻين تان ٽڪڙو چڙهندي لهندي، هڪٻئي کان موڪلائيندي، kiss ڪس ڪندي، هيلو هيلو ڪندي، ڪلندي ڪڏندي انهن ڪي ڏسندي جڻ ته مزو اچي.انهيءَ ٽوئر ۾ ڪي اڪيلا ته ڪي وري Couple يعني زال مڙس تازي شادي ٿي هوندن ۽ نڪري پيا هوندا هني مون ملهائڻ ته ڪي وري وڏي فئملي سان جنهن ۾ عمر رسيده ماءُ پيءُ سان جواب اولاد به گڏ، مطلب ته اهڙن ٽوئرن ۾ توهان کي هر قسم جو ماحول ملندو.

اسان جي بس ۾ ڊرائيور پنهنجي سيٽ تي وينو ته اسان به بس ۾ چڙهياسين ۽ آهستي آهستي سڀ مسافر بس پيڙا ٿيا ته بس سرڪڻ لڳي. اسان جي گائيڊ، ٽوڊ ٻڌايو ته اڄ توهان کي اڌ ڏينهن گهمائبو

باقي وقت توهان پنهنجي ليکي گهمو ڦرو ۽ دوستن لاءِ خوب تحفا خريد ڪريو ڇو تہ سپاٽي پاڻ روم مان سوير نڪري هلنداسين ۽ توهان هتان ڪابہ شئي انهيءَ وقت خريد ڪري نہ سگهندا، سو بهتر ٿيندو تہ اسان جي گهمائڻ کان پوءِ توهان بہ پنهنجي ليکي شهر کي ڏسو وائسو روم جي نائيٽ لائيف پئرس لنڊن جي نائيٽ لائيف کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ آهي. روم جو جهڙو ماضي شاندار آهي اهڙو ئي روم سياحت لاءِ اندران بہ رنگين آهي. اسان جي بس روم شهر ۾ تيز تيز ڊوڙندي پنهنجي منزل تائين وڃي رهي آهي.صبح جو رش گهٽ هئڻ سبب ماڻهوءَ جو ڌيان گهٽو ڪري ٻين شين ڏانهن ويندو آهي. جنهن ۾ شهر جا پارڪ، ماڻهن لاءِ ٺاهيل ويٽنگ شيڊ شهر جي گهرن جي بناوت ۽ انهن جا رنگ، ڪارون، موٽر سائيڪل تي ماڻهن کي پهريل ڊريسون، ماڻهن جي هلڻ جو انداز اٽليءَ جا ماڻهو ٻين يورپين مقابلي ۾ ڪجهہ گهٽ تيز هلن. بدن ۾ پريل ۽ مرد وڏي تعداد ۾ مڇون رکن سي پاڻ وانگر ڪاريون نہ پر يوريون. يورپ ۾ تيز تيز ماڻهو انگلينڊ جا هلن. سو صبح سان اسان بہ هر شئي کي اک مان ڪيندا اڳتي وڌندا رهياسين. صبح سوير هئڻ ڪري ٿوري ٿڌ محسوس ٿي رهي آهي. پر سيءَ ڏيارينڌڙ نہ پر وٺندڙ ٿڌي هوا، جنهن سان اسان کي هڪ قسم جي راحت پئي اچي. نہ تہ هوٽئن ۾ پهرن جو ڪجهہ ڪجهہ گرمي بہ محسوس ٿيندي هئي. اسان جي بس جنهن علائقي ۾ اچي بيٺي انهيءَ علائقي کي وينيزيا چون.

پيازا وينيزيا Piazza Venezia نالي شهر جي مرڪز ۾ عاليشان عمارت بہ هت آهي. جتان ئي سير جي شروعات ڪجي. پلازو ڊي وينيزيا ۽ امينيوئل مونيومينٽ واريون عمارتون هن جي ويجهڙائي ۾ موجود آهن. وڪٽوريو امينيوئل يادگار اوڻيهين صدي جي خاتمي تي ملڪي اتحاد جي يادگار طور تعمير ڪيو ويو هو.هن يادگار جي پٺئين طرف ڪيپيٽولين هل Capitoline hill نالي علائقي ۾ ڪئين عاليشان عمارتون ڏسڻ وٽان آهن. جن کي پيازاڊيل ڪيمپيڊو گليو نالي سان سڏيندا آهن. انهن عمارتن جي ڊزائين مشهور مصور مائيڪل اينجيلو سن 1550ع ۾ پوپ پال ٽئين واسطي تيار ڪئي هئي. هنن عمارتن جا بہ بلاڪ آهن جن مان هڪڙي بلاڪ ۾ قديم آرٽ جو زبردست عجائب گهر قائم آهي. تنهن جو نالو ڪيپيٽولين ميوزم Capitoline Museum آهي. ڪاٻي طرف واري بلاڪ ۾ پڻ هڪ ٻيو ميوزم قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اٽڪل اڌ ڊزن کن ڪمرا ٿيندا. انهن ۾ رومي ۽ يوناني طرز سنگتراشي موجب گهڙيل مجسما رکيل آهن.

ڊائنگ گائول Dying Gaul نالي مشهور مجسمو بہ هتي رکيل آهي. اهو حقيقت ۾ اصل يوناني مجسمي جو رومي سنگتراشن طرفان نقل ٺهيل آهي Eros and psyche يعني محبت جو ديوتا ۽

سندس محبوبا جا اصلي مجسما پڻ هتي رکيل آهن. تنهن کان سواءِ جڳ مشهور سنگتراش پريڪسيٽيلس Praxiteles جو گهڙيل Sotyr Resting يعني جهنگل جو ديوتا. نالي مجسمو پڻ هتي رکيل آهي. انهي کان سواءِ ساڳئي ديوتا جو هڪڙو ٻيو مجسمو پڻ آهي تنهنجو نالوLaughing Satyr آهي. اهو ڳاڙهي سنگمرمر جو ٺهيل آهي.اهو اصل يوناني مسجمي جو رومي نقل آهي، هتان کان پوءِ اسان کي ريپيٽا رستي جي پرئين دنگ وٽ پيازا ڊيل پوپولو نالي هڪڙي زبردست گيٽ ڏانهن وٺيو پيا وڃن.جتان شهر ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. هتان جي رستي جي ٻنهي طرفن تي ٺهيل جايون گهڻو ڪري هڪجهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.انهن جو نظارو ماحول ۾ عجيب خوبصورتي پيدا ڪري ٿو. هتي سينٽ ماريا وارو چرچ ڏسڻ وٽان آهي. جنهن ۾ روشن خياليءَ واري دور جا بهترين فني شاهڪار موجود آهن. چرچ جي ڏاڪٽي پاڳي ۾ مشهور مصور پنٽيورڪيوPinturichio جون ٺاهيل فريسڪو پلس تي تصويرون ۽ اينڊريا سينسو وينو Andrea Sansovino جا ٺهيل ٻه نهايت عمدا مقبرا موجود آهن. ڏاڪٽي پاڳي ۾ ٻيو نمبر چگي چيپل مشهور فنڪار رافائيل اينتوينو چگيءَ لاءِ تيار ڪيو هو. انهيءَ ۾ گهڻو ڪم ٻين فنڪارن جو ٿيل آهي. جيڪو سترهين صديءَ ۾ وڃي پورو ٿيو. چرچ جو ممبر مائيڪل اينجيلو جي شاگرد سيباسٽينو پيئومبر Sebastiano piombo جو ٺاهيل آهي. ڪنڊن ۾ ٺهيل جارن ۾ رکيل ڊينيئل Danial ۽ هبباڪوڪو Habakkuk جا مجسما برنيءَ جا گهڙيل آهن، هتي رکيل ڪارا واگيو جون ٺهيل ٻه تصويرون گهڻي توجهه جي گهر ڪن ٿيون. انهن مان هڪڙي تصوير Conversion of St: paul ۾ سينٽ پال ۽ سندس گهوڙو ڏيکاريل آهي ۽ پاڻ تمام خوش ۽ مطمئن نظر اچي رهيو آهي. ٻي تصوير Crucifixion of St: peter ۾ سيٽ پيٽر هڪ پيرسن شخص آهي جنهن کي چند جاننا جوان صليب تي چاڙهين پيا

هتان اسان سڀ جدا جدا ٿي مختلف هنڌن ڏانهن روانا ٿي وياسين. آئون، منا، ۽ ونود ٻه ٽيڪسي ڪري شهر جي هڪ واپاري مرڪز ڏانهن روانا ٿياسين.

جنهن کي پزا بار برينيPiazza Bar Berini چوڪ چون، هتي برنني جو ٺهيل هڪ خوبصورت ڦوهارو آهي. جنهن جو نالو فونٽانا ڊيل ٽرائيٽون Fontana_del_Tritono آهي. هن ڦوهاري جي پرسان ڪئين بارون، ريسٽورانٽون ۽ ڪلب آهن. جت توهان کي سدائين شوقين ۽ شوقيناٽيون ملنديون. سو هي علائقو ڏاڍو مهانگو آهي. هتي ڪاڏي جون پڻ ڪئين هوٽلون آهن. جت توهان کي هر وقت لذيذ کاڌا ملندا. اسان ان علائقي کان ٿورو اڳيان هڪ وڏي چوڪ نما ڪمرشل علائقي ۾ ٽيڪسيءَ مان لٿاسين. اسان هت ڪافي وقت دڪانن جا چڪر هڻندا رهياسين چوٽي موٽي خريداري

پڻ ڪندا سين جڏهن ته هتي نور ۽ ونود ڪافي فوٽو به ڪڍيا. اسان هت فاسٽ فوڊ هوٽل تان ڪجهه کاڌي پيتي جو سامان ورتو جيڪو اسان گهمندي ڦرندي کاڌو. فاسٽ فوڊ اسٽائل جي کاڌن جي شروعات پهرئين جوئارين ڪئي. جوئاري جيڪي سڄو ڏينهن جوا کن تن کي ماني کائڻ ڪري وقت جي وڃائڻ جو احساس ٿيو. تنهن ڪري انهن پهرئين پهرئين ٻن ڊبل روٽين وچ ۾ ڪا شيءِ وجهي کائڻ جي شروعات ڪئي ۽ جيئن ته اهو کاڌو جوئاري ماڻهو راند هلندي به کائي ٿي سگهيا. انهيءَ جو نالو سئنڊوچSandwich رکيائون ۽ پوءِ آهستي آهستي اهڙن کاڌن جا ڪئين قسم تيار ٿي ويا. ۽ نيٺ اهي عام مارڪيٽ ۾ به پهچي ويا. پيزا تنهن جي شروعات پهرئين آمريڪا مان ٿي جت جڏهن اٽلي جا ماڻهو پهتا ته سخت ڏڪار ۽ بک جو شڪار ٿي ويا. ائين انهن لاءِ اٽ نان تي چٽڻي هڻي اها ڊش تيار ڪئي وئي. جيڪا اڄ سڄي دنيا ۾ شوق سان وڏي تعداد ۾ پسند ڪئي وڃي ٿي. اسان هتان ڪجهه انگريزي اخبارون ۽ رسالا به خريد ڪيا. اسان ٽيڪسي ڪري پنهنجي رهائش واري هوٽل پارڪ ڪرسٽنازا ڏانهن روانا ٿياسين.

روم شهر جت سڄي دنيا تي حڪومت ڪئي ات هن شهر باهين بيمارين ۽ ڦرلٽ ڪري ڏاڍا ظلم ۽ سور پڻ سٺا آهن. جن جي احوالن سان تاريخ پري پئي آهي. روم جي آدمشماري ڪڏهن ته ڏهن لکن کان وڌيڪ هوندي هئي. ڪڏهن وري هي شهر صفا خالي ٿي ويندو هو. جنهن جو تفصيلي ذڪر هن ريت آهي.

ٻي صديءَ جي پڇاڙي ۾ روم شهر جي آدمشماري گهٽجڻ لڳي. جيڪا ٻي صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ ڏهه لک هئي. مارڪس آرليئس Marcis Aurelius جي ايامڪاريءَ ۾ پليگ نالي مهلڪ مرض واري نهايت خطرناڪ وبا ڦهلجڻ سبب شهر ۾ روزانو به هزار کن ماڻهو مرندا هئا. ٽئين عسيوي صدي دوران معاشي ۽ سياسي تباهه ڪارين به گهڻ نقصان ڪونه ڪيو. 270ع ڌاري شهر جي ڪوٽ جي تعمير شهر لاءِ خطري جو نشان ٿي پئي.

سن 284ع کان 305ع تائين حڪمراني ڪندڙ بادشاهه ڊايو ڪليٽيئن سن 284ع کان 305ع تائين حڪمراني ڪندڙ بادشاهه ڊايو ڪليٽيئن Diocletian شاهي حڪومتي نظام ۾ ڪجهه سڌارا آندا ۽ قدري خوشحاليءَ ڏانهن مائل رهيو. هن پنهنجي يادگار طور سهٽا حمام تعمير ڪرايا هئا. تنهن کان پوءِ روم سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ نه رهيو. قسطنطنيه Constantinople شهر جي تعمير سان روم جي سياسي عظمت باقي نه رهي. ملڪ جي گادي هن نئين شهر ڏانهن منتقل ٿي وئي ۽ اهڙي ريت روم جي سياسي عظمت ختم ٿي وئي.

جڏهن اولهہ وارن گوٿڪ قبيلن جي فوج سان الارڪ Alaric سالار جي اڳواڻي ۾ سن 408ع ۾ شهر تي حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني تہ شهر جي چڱي مڙس ۽ سندس پٺنچائت دشمن جي حملي کي ٽارڻ لاءِ مذهبي قرباني ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن کي وقت جي پوپ پڻ جائز قرار ڏنو پر انهيءَ کي راز ۾ رکيو ويو. نيٺ سن 413ع ۾ الارڪ شهر تي اچي قبضو ڪيو ۽ فوج کي ٽن ڏينهن تائين ڦرلٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني جنهن تمام گهڻو مال غنيمت هٿ ڪيو. انهيءَ ڦرلٽ سبب ڪافي ماڻهو شهر خالي ڪري ويا. جيتري قدر رومي قديم يادگارن جو تعلق آهي تہ انهن کي نسبتن نقصان گهٽ رسيو. رڳو ڪين ٻاهران جزوي طور نقصان پهتو.

شاهي اقتدار جو زوال ۽ پوپ جي اقتدار تي گرفت جستينين Justinian بادشاهہ کان پوءِ وڌيڪ مضبوط ٿي وئي. انهيءَ کان پوءِ روم شهر تي پيرا محاصرن جو شڪار رهيو. جنهن دوران شهر ۾ پاڻي پهچائڻ وارا واهہ بہ بند ڪيا ويا، ۽ هڪ اهو وقت بہ آيو جڏهن ماڻهو مجبور ٿي پورو شهر خالي ڪري ويا.

ڇهين صدي جي آخر ۾ شهر جي آبادي پنجاهہ هزارن کان ڪجهہ گهٽ هئي. انهيءَ وقت شهر تي سياسي توڙي انتظامي طور پوپ جو مڪمل قبضو هو.پوپ گريگري اول عاليشان شهري انتظام رکڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جي نتيجي طور سندس جاءِ نشين ٻن صدين تائين پنهنجو اقتداري ڪردار برقرار رکيو.

اٺين صديءَ جي وچ ڌاري بازطيني حڪمرانن روم کي فوجي مدد بند ڪئي تہ پاپائي مرڪز فرينچن جي حمايت شروع ڪئي. پيپن Pepin جنهن پاڻ کي پوپ سڏائڻ سان گڏ فرينچن جي بادشاهہ هئڻ جو اعلان ڪيو ۽ سندس پٽ جي ڪاررواين پاپائي اقتدار جا نظرياتي بنياد فراهم ڪيا. اٺين صديءَ جي آخر ۽ نائين صديءَ جي اوائل واري عرصي دوران روم ڪئين زبردست چرچ اڏبا رهيا.

پوپن ۽ اميرن جي وچ ۾ ڪشمڪش اٿليءَ ۾ ڪيرولنجيئن اقتدار جي زوال جي نتيجي طور چالو ٿي. سن 846ع ۾ مسلمانن طرفان سينٽ پيٽر وارو چرچ کان پوءِ پوپ ليو چوٿئين ويٽيڪن شهر واري ايراضيءَ کي ڪوٽ ڏياريو. تنهن کان پوءِ انهيءَ کي ليو نائين سٽي يعني ليو وارو شهر سڏڻ لڳا. نائين صديءَ جي پوئين اڌ کان وٺي يارهين صديءَ جي وچ تائين واري عرصي ۾ روم ۾ پاپائي اقتدار تي رومي جاگيردار اميرن جو قبضو رهيو. وچ ۾ رکي رکي جرمن شهنشاهن جي دخل اندوازي بہ ٿيندي رهي.

نيٺ يارهين صديءَ جي آخر ۾ پاپائي اقتدار جي گرفت مضبوط ٿي وئي. عام طرح پوپ ليو نائين جي اقتدار دوران ڪجهہ سماجي سڌارا آندا ويا ۽ ترقياتي ڪم ٿيا. هن پوپ جي مالي مدد واپاري ۽

بينڪر خاندان ڪري رهيا هئا. جن ۾ فرينجيپين Frangipane ۽ پيئر ليئن Pierleone جا نالا قابل ذڪر آهن. ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ عيسائي ياترين ۽ ٻين مذهبي پيشوائن توڙي پوئلڳن طرفان روم ۾ چرچن ۽ پوپن جو زيارتون شروع ٿي ويون جن هتي اچي ڪافي پيسو خرچ ڪيو ٿي، جيڪو پوپن ۽ سندن حڪومت کي حاصل ٿي رهيو هو ۽ اهو آمدنيءَ جو اهم ذريعو ٿي پيو.

سن 1143ع ۾ بريشيا واري وڏي پادري آرنالڊ Arnold جي حمايت سان هڪڙي تحريڪ شروع ٿي جنهن جو مقصد هو ته پاپائي حڪومت مان جان ڇڏائجي. ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي اقتدار ۾ حصو ڏجي ۽ اهم ڪم اڳوٽي فنا ٿيل سينيٽ بحال ڪري انهيءَ وسيلي حڪومت هلائجي. انهيءَ جي نتيجي ۾ روم ۾ نئون عوامي آئين تشڪيل ڏنو ويو. جنهن تي پوپ توڙي بادشاهه سخت حملا ڪيا. پر نيٺ سن 1188ع ۾ ڪميون حڪومت کي پوپ ڪليمينٽ ٽئين Clement_III تسليم ڪيو. اهڙيءَ طرح پاپائي اقتدار ختم ٿيڻ لڳو ۽ سينيٽ کي اختيار ملندا رهيا. ڪميون ۽ پاپائيت ۾ اختيارن جي ورچ تي ويڙهه جاري رهي. گريگري نائين جي ڏينهن ۾ چرچ ۽ پادرين جي ملڪيت تي به سينيٽ ٽيڪس لڳائي سندن اقتدار جو اثر ختم ڪيو.

نيٺ فريڊرڪ بادشاهه جي وفات کان پوءِ پوپ سرڪار مخالف ڪميون بحال ڪيون ۽ وچئين طبقي جي اپار جي حمايت ڪئي.

ٽيرهين صديءَ جي پوئين اڌ دوران روم ۾ فقط چند پوپ رهڻ جي قابل رهيا. سن 1280ع کان 1290ع واري ڏهاڪي دوران پوپ بونيفس Boniface Viii انين جي چرچ تي ڪولونا اورسسني ۽ اينيبالڊي گهراڻن ۾ اقتدار جي لڳل جنگ روم کي تباهه ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري پوپ خلاف نفرت ڦهلجي وئي. نتيجي طور سن 1309ع ۾ پوپ ڪليمينٽ پنجين پنهنجي رهائش روم مان وجي فرانس جي شهر اوگنن Avigonon ۾ اختيار ڪئي ۽ روم کي فرقيوار جهڳڙن ۽ معاشي بدحالي جي ور چاڙهي ڇڏيو. ٽيرهين صديءَ دوران رومي حڪمرانن ۽ پوپن جا مفادات اڪثر ڪري هڪجهڙا رهيا.

انهيءَ عرصي دوران روم ۾ ڪا صنعت يا وڏي پيماني واري تجارت ڪانه هئي. انهيءَ وقت شهر جي آمدني جو مکيه ذريعو گرجائن جي زيارتين ۽ پوپن جي مريدن جي اچڻ سبب اتي خرچ ٿيندڙ پيسو ۽ ٻيو حڪمرانن پوپن ۽ اميرن جي ضرورت جون شيون جن ۾ اڪثر عيش جو سامان هوندو هو جي وڪري مان حاصل ٿيندو هو. شهر جي اڪثر محل ماڙين، گرجائن ۽ ٽاورن جي تعمير ۾ مذهبي رنگ موجود هو ۽ شهرين جي رهڻي ڪهڻي ۽ ٻهراڙي واري زرعي اثر موجود هو. شهرين جي اڪثريت سينٽ پيٽر واري چرچ جي چوڌاري آباد هئي ۽ باقي مارتيئس واري ميدان ۽ ٽراستيوئير واري علائقي ۾ رهندڙ

هئا. آربليئس بادشاهہ جي اڏايل ڪوٽ اندر واري قديم شهر جو وڏو حصو چراگاهن، انگورن جي فارمن، باغن، بنجر زمين ۾ تبديل ٿي چڪو هو. انهيءَ وقت ۾ بہ اونگنن ۾ ويٺل پوپ جو حڪم روم ۾ جزوي طور هلندڙ هو. خصوصن بينيڊڪٽ ٻارهين جو اثر وڌيڪ هو.

سن 1347ع ۾ رومي ڏارين اميرن طرفان هڪڙو جزوي انقلاب برپا ٿيو. جنهنجي اڳواڻي ڪولاڊي رينزو ڪئي. هن ٻاڻ کي روم جو فوجي سالار سڏايو. هن انقلاب جو مقصد هو تہ امير طبقي جا قديمي حق بحال ٿين. اهو انقلاب سياسي صورت جي پيٽ ۾ ڊرامائي انداز ۾ پنهنجي جهلڪ ڏيکاري ويو. چوڏهين صديءَ ۾ نهايت مهلڪ وبا سبب هزارين ماڻهو مري ويا ۽ شهر ۾ ويهہ هزار ماڻهو مس وڃي بچيا. 1377ع ۾ پوپ واپس روم ۾ اچي رهيو تنهن هوندي بہ هتي جي حالتن ۾ سڌارو ڪونہ آيو سن 1400ع تاري چوڌ ۾ آيو تہ شهر ۾ چند جهوپڙيون رهجي ويون آهن، جتي رڳو چور ۽ جيت جنترا اچي گڏ ٿيا آهن، ۽ ان جي پسگردائي ۾ ۽ سينٽ پيٽر واري ڪليسا جي آسپاس رات جو بگهڙن جي لوڏين جو واسو هوندو هو.

اسان روم جي هن نئين ۽ پراڻي سنگم کي ڏسندا گهمندا ڦرندا، تاريخ جا پراڻا ورق ورائيندا اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. رسيپشن واري کي هيلو ڪندي، چاٻي وٺندي اچي ڪمري جي پلنگ تي آرامي ٿياسين. اڄ اسان جي روم ۾ آخري رات آهي. مون ڪجهہ وقت اخبارون ۽ رسالا اٿلائي ڏٺا. جيئن جيئن هيءَ دنيا پنهنجي ترقي ۽ تيز رفتاريءَ جي ڪري ننڍي ٿيندي وڃي. تيئين سڄي دنيا جي اخبارن جون خبرون بلڪل هڪجهڙيون ٿينديون وڃن. توهان ٽوڪيو ۾ هجو يا ممبئيءَ ۾ آيا آمريڪا، لنڊن ۽ پئرس ۾ پر تقريبن هر هنڌ هڪجهڙيون خبرون هونديون آهن. اخبار پڙهندي فون جي گهنٽي وڳي فون تي ونود هو چيائين انڪل اسان ٻاهر گهمڻ ڦرڻ ٿا وڃون. رات جو دير سان ايندا سين. مون چيو تہ "بابا روم ۾ پلي رلو اهي ئي تہ گهمڻ جا ڏينهن آهن." ٻاڻ ڪلي کٽي فون رکيائين. وري بہ فون آئي مون کنيو تہ ونود ٻڌايو انڪل توهان جي ماني لاءِ هوٽل وارن کي چئي ڇڏيو آهي. جيڪي ماني مهل توهان کي ڪمري تي ماني پهچائي ويندا. اخبارون پڙهي هوٽل جي گيلريءَ ۾ ٻاهر وڃي ويناسين. آئون سمجهان ٿو تہ سڄي يورپ ۾ اٽلي واحد ملڪ آهي، جنهن جي هوٽلن ۾ وڏيون ڪشاديون عاليشان بالڪونيون آهن. نہ تہ سوئيزرلينڊ، لنڊن يا پئرس ۾ تہ هوٽلون صفا بند لڳيون پيون آهن. اسان جي هوٽل جنهن علائقي ۾ هئي اهو علائقو ڪمرشل ڪونہ هو. تنهن ڪري ٻاهر ٽريفڪ جو گوڙ گهمسان گهٽ هو. ان ڪري ماحول ڏاڍو پرسڪون لڳو پيو هو. آئون ۽ منا ڪافي دير ٻاهر گيلريءَ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين. هوءَ پنهنجي هٿ تي ننڍڙا چٽپٽا بادام هڪ هڪ ڪري

صاف ڪندي رکندي وئي ۽ مون خبر ناهي تہ ڪيترا سارا بادام کاڌا. ڏاڍا مزيدار هئا. اسان پاڻ ۾ پنهنجي ملڪ جون خبرون ڪندا رهياسين.پاڻ ٻڌايائين تہ مون اڄ فون تي ٻارن سان ڳالهايو هو. سڀ ٺيڪ ٺاڪ هئا. سڀ پڇي پئي تہ توهان خوش آهيو ۽ توهان ڪڏهن ايندا. هن چيو تہ مون سچي ٻڌايو آهي تہ اڃان ٻہ هفتا کن لڳي ويندا. اسان اڃا ڪچهري ۾ مگن هئاسين جو فون جي گهنٽي وڳي ۽ اسان جي گائيڊ پڇيو تہ "توهان کي ماني ڪيڏي مهل موڪليون." مون چيو تہ پلي هينئر ئي موڪلي ڏيو. ٿوري ئي دير ۾ هوٽل جو بيرو وڏي ٽري ۾ ماني کڻي آيو. اسان اها ماني ٽيبل تي رکي واپس گيلري ۾ اچي ويناسين.منا ٽيبل کي سرڪائي پنهنجي ويجهو ڪري رکي ۽ ٽيبل تي پيل پليٽون ۽ گلاس ترتيب سان ٺاهي رکيائين، ۽ پاڻ جوس جي گلاس ۾ تازي ليمي جو رس وجهي سرڪيون ڀري پيئڻ لڳي.اسان ڪجهہ دير بلڪل ماٺ ڪري ٻاهر جي ماحول کي ڏسڻ لڳاسين.ٻاهر خاموشي لڳي پئي هئي ۽ پريان نظر ايندڙ وڏن وڻن تي روشنيءَ ۾ سندن گل ٽڙي رهيا هئا. هوا جي لڳندڙ جهوٽن تي اهي گل ڪيڏي مهل لڏي لمي رهيا هئا تہ ڪيڏي مهل انهن مان سنهڙيون پنکڙيون هيٺ ڪري ٿي پيون. هتي جا گل تہ پنهنجي ملڪ جي گلن جهڙا ٿين پر وڻ پنهنجي ملڪ جي وڻن کان بلڪل مختلف ٿين. جيڪي قد ۾ تمام وڏا ۽ ڏاڍا خوبصورت ٿين. پر سندن ڇانو پنهنجي ٻڙن، پپرن، آمرين ۽ نمن جي وڻن کان تمام ننڍي ٿئي. اسان غور سان انهن قطارن ۾ بيٺل وڻن کي ڏسي لطف اندوز ٿي رهيا هئاسين تہ منا چيو هن ڌرتي جي گولي تي چوطرف نظر ڦيرائجي ٿي تہ دنيا ڪيڏي نہ خوبصورت ۽ سهڻي آهي. جنهن ۾ هزارين قسمن جا وڻ ٽڻ، لکين قسمن جا گل ڦل پنهنجي ڳاڙهي، پيلي، سائي، هيڊي نيري ۽ اڇي رنگن ۾ ڪيڏا نہ خوبصورت ٿا لڳن. جنهن کي ڏسيو انسان جو اندر ٺريو پوي.

وڻن ۽ برفن سان ڍڪيل وڏا وڏا پهاڙ جن مٿان هيٺ چشما پيا وهن جن جو پاڻي چکڻ تہ آب حيات آهي جن کي ڏسيو اکيون ٺري پون ٿيون. خوبصورت ڍنڍون ۽ نديون جن جي وهڻ سان موسيقي جهڙا آواز پيدا ٿين ٿا. تن ندين مٿان ڪيئن پکي پيا هر روز سهڻا ٻول ٻولين. انهن پکين جي منڙن آوازن ۽ جبل مٿان هيٺ ڪرندڙ ڌاٽي جي چرچر جي آوازن منجهان ئي راڳ جو تصور ۽ راڳ تخليق ٿيو. جنهن جي منڙن سُرن انسان اندر اها شڪتي پيدا ڪئي، جو انسان انهن سرن تان سر ڏيندي بہ نہ ڪيٻايو. دنيا ڪيڏي نہ پراسرار ۽ اونهي آهي. پر جي اکيون پوري اندر ۾ جهاتي پائجي تہ ڪاٻہ ڳالهہ ڳجهي ڪانهي.

وڃين چو وٺڪار، هٽ نہ ڳولهين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻارو چو ٻئي پار،

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.
”شاهه لطيف“

آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ماڻهو پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪيترو نہ ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر جي هيترن ماڻهن کي خوش ڪرڻ بجاءِ صرف هڪ رب پاڪ کي راضي رکي تہ ڪيڏو نہ بهتر آهي.
رات ڪافي گذري چڪي هئي صبح جو سوير اٿڻو هو. تنهن ڪري ننڊ جي لبڙن کي چمي بيڊ پيڙا ٿياسين جت سڄي بيڊ تي منا گلاب جي ڪيترن رنگن جون پنکڙيون پکيڙي ڇڏيون هيون، جن جي سرهاڻ سبب روح کي راحت اچي وئي.
صبح جو سوير اٿياسين، ڇو تہ اسان کي اڄ سڀ سامان پيڪ ڪرڻو آهي ۽ روم ڇڏي پنهنجي ٻي منزل فلورينس ڏانهن وڃڻو آهي. سو تڙ تڪڙ ۾ سڀ سامان پيڪ ڪري پنهنجي بئگن کي ڪمري جي ٻاهران رکي تيار ٿي هيٺ لهڻ کان اڳ نور ۽ ونود جي ڪمري ۾ وياسين ۽ سندن ڪبٽ ۽ بيڊ پڻ چيڪ ڪياسين. متان ڪا شئي رهجي نہ وڃي. اهو دستور سڄي ٽوئر ۾ هو. مون ناشتي ۾ فقط اورينج جوس پيتو. اسان جي بس جو ڊرائيور ۽ گائيڊ هيٺ تيار بيٺا هئا، ۽ اسان کي صرف بس ۾ ويهڻو هو ۽ بس ۾ ويناسين تہ بس روم شهر جي گهٽين ۾ هلڻ شروع ڪيو. اڄ اسان کي روم پرايو نہ پر پنهنجو محسوس ٿي رهيو هو. جنهن کي اسان ٻن ڏينهن ۾ گهڻو ڪجهه گهميو.
اسان هڪٻئي کي ٻڌائي رهيا آهيون تہ ڪالهہ پاڻ ڪٿ ڪٿ هئاسين ٽيون ڏيهاڙي هت هئاسين، مطلب تہ ڪافي تعداد ۾ گرجائون، محل، جڳهيون ۽ روڊ جن جا هاڻ اسان کي نالا بہ ياد ٿي ويا آهن. مثال :

| | |
|---|---|
| پيازا وينيزيا | Paizaa venezia |
| ڪيپٽولين هل | Capitoline Hill |
| ڪيپٽولين وينس | Capitoline venus |
| فورم | Forum |
| پليبسائيٽو | Plebiscito |
| ڪيمپو۔ ڊي – فيوري | Campo_ De_Fiori |
| گيلريا اسپيڊا | Galleria Spada |
| پيازا نووانا | Paizza Novana |

| | |
|---|---|
| فونٽين_ ڊي_ ٽريو | Fountane_ De_Trave |
| ڪولوزئيم | Collossem |
| ويٽيڪن سٽي | Vatican City |

مطلب تہ بس ۾ روم ڪان موڪلائيندي ڪافي جڳهيون پنهنجون پنهنجون لڳي رهيون آهن. واقعي روم جهڙو ٻڏوسون تهڙو ئي ڏٺوسون.

دنيا جي سمورن تاريخي شهرن ۾ روم جي اهميت ۽ افاديت سيني شهرن ڪان وڌيڪ آهي. پوري دنيا جي شهرن جي ڀيٽ ۾ روم شهر ۾ تاريخي، مذهبي توڙي تهذيب جي لحاظ ڪان تمام گهڻيون جڳهيون قديم مذهبي ماڳ، محل محلات توري سوين ميوزم ڏسڻ ۽ گهمڻ وٽان آهن. هتي اڍائي هزار سالن ڪان بہ وڌيڪ جهونا يادگار ۽ نوادرات مختلف عجائب گهرن ۾ نمائش لاءِ رکيل آهن. روم جو شهر ڪنهن وقت بہ دنيا تي پکڙيل عظيم رومي سلطنت جي گادي وارو شهر هو. انهيءَ نرالي خصوصيت واري جهلڪ شهر ۾ اڄ بہ نمايان آهي. هي شهر اٽليءَ جي مثالي راڄڌاني ۽ اتر ڏکڻ وارن جاگرافيائي ڀاڱن جي وچ تي موجود آهي.

ڪنهن سياح لاءِ شهر جي تاريخي حيثيت وڏي آهي. جو تہ مختلف تاريخي دورن جا يادگار سڄي شهر ۾ پکڙيل نظر اچن ٿا. مثال طور ڪولوزيئم، ربلي فورم ۽ پيليٽائين هل قديم تاريخي اهڃاڻ آهن، تہ ٻئي طرف آڳاٽي مسيح يا دور جا پڻ ڪيترائي يادگار جيئن قديم باسيليڪا وغيره هتي مسيحي عبادتگاهن جي صورت ۾ ڪافي خوبصورت عمارتون موجود آهن. انهيءَ سان گڏ بروڪ Baroque طرز تعمير جا بہ ڪيترائي چرچ ۽ ڦوهارا اڏيل آهن. جيڪي گهڻو ڪري شهر جي مرڪزي علائقي ۾ موجود آهن. انهن مان اڪثر چرچ، برنني نالي جي ماهر تعميرات جي ڪاوش جو نتيجو آهن. مٿي بيان ڪيل سمورا يادگار شهر جي سمورن يادگارن جو هڪڙو ٿورڙو حصو آهي. جو تہ انهن ڪان سواءِ بيون بہ ڪيتريون ئي عمارتون، چرچ، ڦوهارا ۽ شاهي پلازه پڻ تعمير ٿينديون رهيون آهن. انهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اهي سموريون عمارتون هڪٻئي ڪان چند قدمن تي موجود آهن. هاڻ اسان جي بس جنهن علائقي مان گذري رهي آهي اهو علائقو شهر جو حقيقي طور مرڪزي ڀاڱو سينٽرو اسوريڪو سڏجي ٿو. جيڪو شڪل ۾ ٽڪنڊي جهڙو آهي.

اوائلي رومي دور حڪومت ۾ اهو علائقو اصل شهر ڪان ٻاهر هڪڙو هيناهون پٽ هو جتي لشڪر جي ڪيمپ لڳل هوندي هئي ۽ راندين جي ميدان طور ڪم ايندو هو. هتي هڪ مندر بہ هوندو هو. پوءِ هي

علائقو روشني خياليءَ واري دور ۾ شهر جي دل سڏجڻ لڳو. هاڻ بہ اهو علائقو شهر جو اهو ڀاڱو آهي جتي ڏينهن توڙي رات زندگي جي تمام گهڻي چهل پهل آهي. هن سموري علائقي ۾ گهٽيون سوڙهيون آهن، جيڪي گهڻي تعداد ۾ آهن.

پر اسان جي بس جو ڊرائيور جيڪو پڻ اٽالين آهي ۽ سندس نالو جان ڪارلو آهي. سو اهڙين سنهڙين گهٽين مان ٿلهي متاري بس ڏاڍي سولائي سان ڪڍي ويندو آهي پيو تہ هي ٽوئرسٽن جون بسون اهڙيون سهٽيون مضبوط ۽ ماڊرن نموني سان ٺاهين جو ننڍيا وڏا گهٽ گهيڙ ڪراس ڪندي هنن کي ذري برابر تڪليف نہ ٿئي. اسان هي قدامت ۽ جديديت جي ميلاپ وارو روم شهر ڇڏي هاڻ اٽلي جي موٽروي تي وڃي رهيا آهيون. بس ۾ دستور مطابق ڪي سياح ڪچهري ۾ تہ ڪي ميوزڪ ٻڌڻ ۾ تہ ڪي فوٽن ڪيڻ ۾، تہ ڪجهہ وري اسان وانگر بس ۾ هلندي هلندي نوٽس وٺندي، اخبار يا رسالو پڙهندي نظر اچن ٿا ۽ هرڪو پنهنجي ايندڙ منزل جي انتظار ۾ آهي. اهوئي ساوڪ سان ٿمتار پهاڙ گلن سان پريل شاهراهون، سهٽن ٽاورن سان سينگاريل چوڪ، سرسبز کيت ۽ ٻنيون اڪاريندي نيٺ اسان جي بس ڊوڙندي ڊوڙندي اچي دنيا جي عظيم ڏاهن جي شهر فلورينس پهتي. دنيا جي عظيم ڏاهن جي پيدائشي شهر هئڻ ڪري اٽلي جا ماڻهو هن شهر جو وڏو احترام ڪن ٿا.انهيءَ احترام جي ڪري شهر جي اندر تمام وڏي حصي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ٽريفڪ نہ هلي، سياح، سيلاني ۽ شهر واسي پنڌ ئي پنڌ هي شهر گهمن ڦرن. توهان کي هتي ڪافي هنڌن تي ڪابہ سواري ڪانہ ملندي، اها آهي اٽلي وارن کي هن شهر لاءِ محبت ۽ ميڃتا. هي ڏاها ڪير آهن، جنهن ڪري سڄي دنيا ۾ هن شهر کي ايڏي عزت ملي آهي، اهي آهن:

1۔ ليونارڊو ڊانونچي
2۔ گليلو
3۔ مائيڪل اينجيلو
4۔ ڊانتي

جت اهڙا عظيم انسان فلورنس شهر ۾ پيدا ڪيا. ات ميڪاولي جهڙا شخص بہ هن ڌرتيءَ ئي پيدا ڪيا. ميڪاولي اهو مفڪر آهي، جنهن پرنس prince ڪتاب لکيو.

اسان جي بس هڪ هنڌ بيٺي ۽ اسان جي گائيڊ اسان کي ٻڌايو تہ، پاڻ پيرين پنڌ هت ڪئين ڪلاڪ گهمنداسين، توهان لنچ بہ هت ڪندا تنهن کان پوءِ پاڻ پنهنجي رهائش واري هوٽل تي هلنداسين، فلورنس شهر جيڪو ڪنهن وقت آزاد شهري رياست هو تہ ڪڏهن تسڪيني Tuscany نالي

رياست جو ۽ ڪڏهن وري اٽلي ملڪ جي گادي وارو هنڌ ٿي رهيو. اهو اٽلي واري اپيٽ جي تقريبن مرڪز ۾ روم شهر جي اتر اولهه طرف اٽڪل 145 ميلن جي پنڌ تي واقع آهي. اٽليءَ ٻولي ۾ هن شهر کي فائرينز Firenze ۽ لاطيني ٻوليءَ ۾ فلورينٽيا Florentia سڏيندا آهن. شهر جي چوڌاري موجد ٽسڪن ٽڪرين جي دامن ۾ ڪٿين فارم، انگورن ۽ ٻين ميون جا باغ باغيچا پوکيل آهن. شهر ۾ قديم سينگار جو سامان ۽ ڪيترن قسمن جا پردا وغيره شهر جي هنر ۽ خوبصورتي جو اهڃاڻ آهن.

آرنونديءَ تي موجود ٽن لانگهن يا پتڻن تي تسلط حاصل ڪرڻ لاءِ هي شهر اڏيو ويو. مگنون Mugnone ۽ آفريڪو Affrico نالن وارا ٻه ننڍڙا واهڙ هن هنڌ واري ندي ارنو Arno river ۾ اچن ٿا. انهن مان آفريڪو واهڙ عام طور تي مانيٽي وهڪري وارو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ خطرناڪ ٻوڏ ايندي آهي. جنهن جو مثال ويجهڙ ۾ سن 1966ع واري ٻوڏ آهي جنهن شهر کي گهڻو نقصان رسايو. فلورنس شهر ۾ موجود عظمت جو سبب سندس ماضيءَ ۾ مضمر آهي. شهر جون عمارتون فن تعمير جو سهڻو نمونو آهن ته انهن جي آرائش ۽ سينگار ۾ به فنڪارن پنهنجي فني عظمت جي مهر هڻي ڇڏي آهي.

شهر جي انهي عظيم دماغن کي هتان جي امير ماڻهن جي سرپرستي حاصل رهي. انهن پنهنجي علم ۽ عقل سان شهر اڏيو. هنن ماڻهن جي خواهشن ۾ مذهبي لاڙو به هو ته وري عمارت سازي ۽ سينگارجي فن ۽ ٻين علمن ۾ پڻ دلچسپي هئي. تنهن سان گڏوگڏ دولت توڙي طاقت سان پڻ لڳاءُ هو.

اها ڳالهه اجا تائين عالمن لاءِ اتساهه جو باعث آهي ته وياج خورن ۽ ڪورين واري هن ننڍڙي شهر، سموري يورپ تي عجيب اثرات مرتب ڪيا. فلورنس شهر جي رهواسين جي ٻولي پوري اٽلي جي زبان ٿي وئي ۽ شهر جو اصل سڪو فلورن Florin دنيا جو معياري سڪو ٿي ويو. فلورنس وارن علم توڙي فن ۾ پنهنجي نرالائي قائم ڪئي. هتان جي فلورنٽائين اديبن، پينٽرن، معمارن ۽ ٻين ڪاريگرن روشن خيالي واري دور ۾ پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ محنت سبب سموري دنيا ۾ پنهنجي هستي مڃائي، فلورنس جي جڳ مشهور ساموندي سياح ۽ مهم جو شخص اميريگو ويسپيوڪي ٻن کنڊن کي پنهنجو نالو ڏياريو.

فلورنس شهر اصل ۾ رومي لشڪر جي رهائش لاءِ ڪالونيءَ جي صورت ۾ اٽڪل پهرين صدي ق-م ڌاري ٽڪري جي اڏيل شهر فيسيولاءِ Faesuale جي دامن ۾، چورس ۾ شهر پناهه جي صورت ۾ اڏيو ويو. جنهن کي فلورينٽيا چوڻ لڳا. شهر جون گهٽيون چورس بلاڪن جي وچ ۾ ٺهيل هيون جن جي ملڻ واري هنڌ چوڪ ٺهيل هئا. شهر جي وچ ۾ هڪ فورم ۽ هڪ مندر اڏيل هو. ٽئين صدي عيسوي ۾

فلورنس شهر رومي سلطنت جي هڪڙي صوبائي راڄڌاني هو ته اٽليءَ واري سموري اپيٽ جي رياستن ۽ شهرن جومکيہ گذرگاهہ يا لنگهہ پڻ هو ته ان سان گڏ فلورنس مستحڪم تجارتي مرڪز بہ هو. گوٿن، بازنطينين ۽ لومبارڊن جي بينڪي عرصي دوران ديولن ۽ گرجائن قديم ثقافتي عناصر کي سنڀاليو هو مرڪيرولنجئين حڪومت کان وٺي يعني اٺين عيسوي صديءَ جي پڇاڙي کان وٺي شهر سڌرڻ لڳو. جنهن ۾ تعمير نو شروع ٿي. يارهين صديءَ جي آخر ۾ شهر تي ٽسڪيني وارن جرمن اميرن جي حڪومت ۽ مهاپادرين جي اثر وڌڻ سان شهر کي مقدس رومي سلطنت کان وڌيڪ خودمختياري حاصل ٿي. انهيءَ دور ۾ رومي عمارت سازيءَ ۾ فلورنس فن تعمير جو اثر نمايان ٿيڻ لڳو. سي 1197ع ۾ ٽسڪين ليگ فلورنس واري ڪميون کي جاگيردارن جي خرچ سان حاصل ٿيل هئي، تڏهن شهر کي نئين ڪوٽ سان معروضي طور وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو.

تيرهين ۽ چوڏهين صدين دوران فلورنس شهر وڳوڙن ۽ جنگين جي نذر رهيو. جنهن دوران گئليف (Ghubellines) نالن وارا گروهہ هڪٻئي سان وڙهندا ۽ شهر تي واري واري سان حڪومت ڪندا رهيا. رومي پوپن ۽ پرڏيهي طاقتن سان اتحاد، اٽليءَ جي ٻين شهرن سان لڙائين، سازش، قتل عام ۽ ڪڏهن ڪڏهن عوامي حمايت سان عارضي اقتدار لاءِ واري واري سان مختلف مخالف پارٽين جي ڪاميابين سبب اقتدار جي منتقلي، شهري ۽ علائقائي حڪومت، اميرن ۽ ٻين مکيہ گروهن ۾ طاقت جي توازن پيدا ڪرڻ ۾ تمام گهڻا مونجهارا پيدا ٿيا. پر باوجود جنگي آڪاڙي هجڻ جي بہ فلورنس شهر اٽلي جي ٻين سمورن شهرن تي پنهنجي فلورنس شهر جو سڪو فلورن ڦهريون پيرو تيرهين صديءَ ۾ جاري ڪيو ويو ۽ ترت ئي فلورنس جا بينڪر پوري يورپ ۾ طاقتور ترين ٿي ويا. هتي چرچ ۽ ديول نئين گوٿڪ طرز تعمير موجب اڏجڻ لڳا. هتي جي مورخن ۽ شاعرن جهڙوڪ ڊانتي، پيٽراڪ ۽ بوڪاشير وغيره ٻين ٻولين تي پنهنجو ٽسڪين لهجو (Tuscan Dialect) مقدم رکيو. سمابيو (Cimabue) ۽ گيوٽو (Giotto) جهڙن مصورن، روشن خياليءَ واري دور جي فنون لطيفہ جي دائري ۾ ويزوئل آرٽ پڻ شامل ڪيو. انهن کانپوءِ فن تعمير ۾ برونيلسڪي ۽ البرٽي ۽ سنگتراشيءَ ۾ ڊوناليٽو ۽ گهرٽي وغيره پنهنجو نالو روشن ڪيو.

ميڊيسي گهراڻو فلورنس شهر جي نهايت طاقتور بينڪاري پس منظر جو حامل هو گيوواني ڊي بيس (Givvnni Di Bicci) کانپوءِ سن 1421ع ۾ ڊي ميڊيسي فلورنس جو چيف آربٽر (Chief Arbiter) چونڊيو ويو. ٽيرهن سالن کان پوءِ سندس پٽ ڪوسيمو (Cosimo) پنهنجي جلاوطني

ختم ڪري آيو ڇو ته ڪيس عوام جي حمايت حاصل ٿي. فلورنس ٽسڪيني ۾ هن ميڊيسي خاندان جو پاڙ ۾ پورين ٽن صدين تائين گهرو واسطو رهيو.

ميڊيسي خاندان هڪ صديءَ کان به وڌيڪ عرصي تائين فلورنس شهر تي راڄ ڪيو. جنهن دوران هن خاندان پنهنجا سمورا اقتصادي وسيلا واضح فراخدليءَ سان پنهنجي سفارتڪاريءَ لاءِ ڪتب آندا. ته جيئن شهر ترقي ڪري ۽ منجهس فنڪارانه صلاحيتون نمايان نظر اچن. انهيءَ روشن خياليءَ واري دور ۾ ٿيل ترقيءَ جا اثرات اڄا تائين موجود آهن. هن خاندان جي حڪمراني ڪوسيمو جي پوٽي لورينيزو (Lorenzo) جي دور حڪومت ۾ عروج کي رسي جيڪو سن 1449ع کان 1492ع تائين حڪمران رهيو.

البت سن 1494ع ۾ مذهبي انتهاپسند اڳواڻ نالي گيرو لامو ساوو نارولا (Girolamo Savonarola) هتي مذهبي حڪومت قائم ڪئي. جنهن سبب ميڊيسي گهراڻي جي راڄ ۾ رخنو ٿيو. پر سن 1498ع ۾ گيرولامو کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هي خاندان وري اقتدار ۾ آيو. سن 1527ع ۾ ريپبلڪ يعني فلورنس ۾ جمهوري حڪومت جي قيام جو اعلان ٿيو. ڪوسيمو اول سن 1519ع کان 1574ع تائين حڪومت ڪئي. هن سن 1569ع ۾ شاهي ڊيوڪ واري حڪومت قائم ڪئي. سفارتڪاري ۽ شادين وسيلي پوري يورپ جي حڪومتن سان اتحادي ناتا پيدا ڪيا ويا ۽ وڏي عرصي تائين امن امان قائم رهيو.

سن 1737ع ۾ هن خاندان جي حڪومت ختم ٿي ته فلورنس جي گرانڊ وارو شاهي خطاب آسٽريا جي راڻي ماريا ٿريسا (Maria Theresa) جي مڙس ڊيوڪ آف لورين (Duke of Lorraine) کي حاصل ٿيو.

فلورنس شهر تورين جي گرانڊ ڊيوڪن واري دور حڪومت يعني ارڙهين صديءَ دوران حڪومت اقتصاديات بابت وڌيڪ جديد تبديليون ڏٺيون ۽ رياست ۽ مذهبي ادارن جي لاڳاپن ۾ جدت پيدا ٿي. پر اوڻويهين صديءَ ۾ نيپوولين طرفان مسلط ڪيل جنگين شهر کي سياسي توڙي اقتصادي طور تي نهايت گهڻو نقصان رسايو.

پر پوءِ جڏهن صنعت ۽ حرفت جي ترقي ٿيڻ جا آثار نظر آيا ته ان سان شهر کي عالمي حيثيت حاصل ٿيڻ لڳي ۽ ساڳئي وقت هي شهر فنڪارن، عالمن، اديبن توڙي جلاوطن انقلابين جي پناهه گاهه ٿي پيو. فلورنس شهر سن 1865ع کان 1871ع تائين ملڪ جي عبوري راڄڌاني ٿي رهيو. هنن ڪجهه پوءِ وارن ورهين دوران فلورنس شهر جي ماضيءَ وارن يادگارن کي تمام گهڻو نقصان رسيو. ڪيترين

ئي عاليشان عمارتن جي بناوت ۾ تبديلي آڻي سندن اصلوڪو حسن ۽ جمال ميساريو ويو. وچئين دور ۾ اڏيل ڪوٽ مسمار ڪيو ويو ۽ اصل شهري مرڪز اجڙي ويو.
ويهين صديءَ ۾ جڏهن سڏاري ۽ واڌاري لاءِ سنجيده ڪوشش جو آغاز ٿيو انهيءَ وقت شهر جي آبادي توڙي سرحدون ڳڻتي جوڳيءَ حد تائين وڌي چڪيون هيون. تنهن ڪانسواءِ بيا بہ ڪيترائي پيچيده مسئلا حائل هئا. انيڪ محرومين ڪانسواءِ شهر قدرتي آفتن جهڙوڪ آرنونديءَ جي ٻوڏن جي پڻ نشاني تي رهيو. شهر ۾ هن نديءَ تي اڏيل سموريون پليون ٻارهين صديءَ وارين ٻوڏن دوران ڍهي ويون هيون. سن 1333ع ۾ ائين ٿيو. سن 1557ع واري ٻوڏ دوران وڏي پل بچي وئي. باقي ٻيون سموريون تباهہ ٿي ويون. سن 1944ع دوران جرمن فوجن وڏي پل ڪانسواءِ باقي ٻيون پليون پيجي ڇڏيون. ان ڪانسواءِ وڏي پل جا ٻئي پاسا پيجي ڇڏيائون جن جي بعد ۾ مرمت ڪرائي وئي. سن 1966ع واري ٻوڏ شهر کي سپ ڪان وڏيڪ نقصان رسايو سڄو شهر پاڻيءَ سان ڀرجي ويو. گهٽيون توڙي گهر پاڻي، گپ ۽ گند ڪچري سان سٽجي ويا. جنهن ڪري شهر جو قديم ثقافتي خزانو جيڪو يادگار شاهڪارن جي صورت ۾ موجود هو. تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. ڪن ڪن هنڌن ۽ عمارتن ۾ پاڻي ويهن فوٽن ڪان بہ وڏيڪ اوچائي تي پهچي ويو. جنهن سبب ڪئين نادر تصويرون، پينٽنگس، مورتيون ۽ ڪتبخانن ۾ رکيل لکين ناياب ۽ انمول ڪتاب سڙي برباد ٿي ويا.
پاڻي ۽ گپ سبب نوادرات جي نقصان جي ازالي لاءِ عالمي ڪاريگرن جو هڪڙو جٿو پهتو جنهن عالمي امداد سان ڪم شروع ڪيو ۽ وڏي پئماني تي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻي. اهو تعمير نو جو ڪم ڏهاڪو سالن ڪان وڏيڪ وقت تائين جاري رهيو.
اٽليءَ ملڪ جي راڄڌانيءَ واري حيثيت فلورنس شهر کي راس نہ آئي. شهر لاءِ اختيار ڪيل انهن بچاءُ وارين تدبيرن فلورنس جي عملدارن جي صدين تي مشتمل تجربي کي دنيا آڏو پڌرو ڪيو. جنهن موجب جيڪي ميوزم، محل، محلاتون ۽ ڪانوينٽ وغيره دفترن، اسڪولن، فوجي بيرڪن ۽ اسپتالن ۾ تبديل ڪيا ويا هئا. انهن کي اصلي حالت ۽ صورت ۾ آڻڻ لاءِ پئسو ئي ڪونہ هو. ٻيو تہ ٺهيو پر انهن عمارتن جي عمومي سار سنڀال لاءِ گهربل ڏوڪڙ بہ ڪونہ هئا. لائبررين ۽ قومي دستاويزن وارن ادارن ۾ ڪارڪن ۽ گهربل سامان نہ هئڻ سبب لکن جي تعداد ۾ ڪتاب ۽ ناياب اهم قومي دستاويز پٽ تي پئي سڙيا.
چند سائنسي ۽ ثقافتي ماهرن پنهنجون بي لوث خدمتون پيش ڪيون. انهن نالي ماتر معاوضي سان، چنڊڇاڻ، تحقيق، صفائي ۽ سنڀال جو تمام گهڻو ڪم ڪيو.

آئينده متوقع ٻوڏن کان شهر جي بچاءُ خاطر خاص اپاءُ ڪونہ ورتا ويا آهن. البت درياءَ جي ڪپرن تي بچاءُ وارين ديوارون نئين سر ۽ ڪجھہ اوچيون ڪري اڏيون ويون آهن. شهري انتظاميہ پرامید آهي تہ شهر کي الڳ صوبائي حيثيت حاصل ٿيڻ سان پنهنجي ترقي لاءِ صحيح منصوبہ بندي ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي ۽ هي شهر وري اوج ماڻيندو.

فلورنس شهر هن وقت 39.54 چورس ميلن تي پکڙيل آهي. ۽ اهو فائرينز (Firenze) صوبي جي راڄڌاني آهي. شهر جي آبادي اٽڪل ہہ لک کن ٿيندي. هڪ سال ۾ اٽڪل ستر لک سياح هتي ايندا آهن. جيڪي شهر جي 350 وڏين هوٽلن کان سواءِ سوين ہين يوٿ هاسٽلن ۽ مذهبي مهمان سرائن ۽ مسافرخانن ۾ رهندا آهن.

نديءَ جي ڪناري تي آباد هي شهر محلق تڪرين وٽان پنهنجي قديم وقت واري عظمت جو نظارو پيش ڪري ٿو. شهر جو سڀ کان وڏيڪ اوچو ٽاور تيرهون صديءَ عيسوي جي آخر ۾ عوامي حڪومت جي قيام واري يادگار طور تعمير ٿيو. انهيءَ کانسواءِ ڪيٿڊرل وارو منارو پڻ ڪافي اوچو آهي. اهو پندرهينءَ صديءَ جي تعمير آهي. شهر جو اندريون پاڱو رومي طرز تعمير تي مشتمل آهي. شهر جو قديم تجارتي ۽ سماجي مرڪز اڃا تائين ساڳي حيثيت جو مالڪ آهي. البت هن وقت انهيءَ کي پيازا ڊيلاريپبليڪا سڏجي ٿو. هتان کان نڪرندڙ سمورن رستن تي فٽ پاٿ ٺهيل آهن. جيڪي ماضيءَ جا يادگار آهن.

فلورنس شهر جا هزارين شهري آسپاس ۾ موجود صنعتي علائقن ۾ ڪم ڪندا آهن. مگر شهر جي آبادي جي گذر جا مکيہ وسيلا شهر ۾ موجود هنرن ۽ ڌنڌن تي مشتمل آهن. انهن ۾ سڀ کان وڏيڪ آمدني سياحت مان حاصل ٿئي ٿي. تنهن کان سواءِ هٿ جون ٺهيل شيون جن ۾ شيشي جو سامان، چيني، ڪاشي، چمڙي جو سامان قيمتي ڌاتن جهڙوڪ سون، چاندي، پلاٽينم وغيره جا زيورات، فيشني بوٽ ۽ فينسي ڪپڙا وغيره شهري آباديءَ کي روزگار مهيا ڪن ٿا.

شهر ۾ واپار ۽ وندر جي سلسلي ۾ ڪيئين ميلا توڙي موسيقيءَ جا پروگرام ۽ ناٽڪ سدائين چالو آهن.

فلورنس وارن جي ذاتي اقتدار کي ختم ٿيندي گھڻو عرصو گذري چڪو آهي، پر هتي جي ماڻهن جو روايتي تلوار بازي ۽ گهوڙي سواري واري مخصوص لباس سان اڃا تائين نفسياتي طور لڳاءُ آهي. هيءَ ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ گهمندي ڦرندي انهيءَ مردانگيءَ جو اظهار ڪافي جوش ۽ جذبي سان ڪندا آهن.

اسانجي گائيڊ اسانکي هڪ استاد وانگر پورا ٽي ڪلاڪ هي قديم شهر گهمايو ۽ اسانکي ڪيتري ساري معلومات ٻڌائي. واقعي ٽوئر ۾ جيڪڏهن سٺو گائيڊ آهي ته ماڻهو گهمڻ ڦرڻ ۽ تفريح سان گڏ گهڻو ڪجهه پرائي ۽ هڙ حاصل ڪري ٿو. اسانجي گائيڊ ٻُڌايو ٻڌايو ته مون تاريخ سان گڏ ٻن ٻين سبجيڪٽن ۾ به ماسترس ڪئي آهي. پاڻ آمريڪن هو پر هن ڪاسموس ڪمپنيءَ ۾ جيڪا سوئيزرلينڊ جي ملڪيت آهي. تنهن ۾ ملازمت اختيار ڪئي اٿس. اسان هن سان گڏ:

1۔ بيلجيم

2۔ لگزمبرگ

3۔ سوئيزرلينڊ

4۔ اٽلي

5۔ فرانس

جا ملڪ گهمي چڪا هئاسين. پر روم ۽ اٽليءَ جي باري ۾ جيڪا معلومات هن کي هئي، ان مان اسان گهڻو ڪجهه پرايو. روم شهر جي ته هن کي هڪ هڪ سر جي تاريخ برزبان ياد هئي. جڻ ته هن اٽليءَ تي ماسترس ڪئي هئي.

اسانجي گائيڊ ٻڌايو ته پاڻ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ واپس هن جاءِ تي گڏياسين. جتان ڪانپوءِ پاڻ پنهنجي رهائش جي هوٽل هلنداسين. اسان هت هڪ مقامي هوٽل ۾ لنچ ڪئي، جنهن ڪانپوءِ به پنهنجي ليکي دنيا جي هن عظيم شهر جو چڪر لڳايو ۽ ڪجهه مقامي هنرڪاريءَ جون ننڍيون وڏيون شيون خريد ڪيون. جنهن ڪانپوءِ اسان هڪ وڏي ميدان ۾ بينچن تي ويهي رهياسين. هن ميدان جي چوطرف هيٺ دڪان ۽ مٿي فليٽ آهن. جن جي وچ ۾ هي وڏو ميدان آهي، جنهن ۾ چوطرف ڪنڊن ۾ سيمنٽ جون بينچون ٺهيل آهن. جن جي وچ ۾ تمام پراڻا هيٺ مٿي سيمنٽ جا يا ڪنهن مصالحي سان ٺهيل پيلر آهن. جن جي مٿان قديم دور جا ٽي شمعدان آهن. وچون شمعدان پاسي وارن شمعدانن کان وڏو آهي، جن ۾ اندر بلب لڳل آهن. هنن جي پويان چئوطرف فٽ پاٿ آهن. جن تي ماڻهو پيا هلن. هت گند ڪچري لاءِ خوبصورت وڏا ڊبا رکيل آهن. مون پهرئين به عرض ڪيو ته فلورنس شهر جي سڄي پراڻي تاريخي اهميت واري حصي ۾ ڪنهن به قسم جي ٽريفڪ نه هلي. تنهن ڪري سڪون لڳو پيو آهي. پر ماڻهن جي رش ڪافي تعداد ۾ آهي. اسان جنهن بينچ تي ويٺا آهيون. انهيءَ جي پٺ ڪانهي. پر بينچ ڪافي وڏي آهي. شايد انهيءَ لاءِ ته ڪو سياح ليٽي ڪجهه وقت آرام ڪري. ته ائين به ڪري سگهي ٿو. پر مون ڪنهن به بينچ تي ڪوبه ليٽيل ماڻهو ڪونه ڏٺو.

منا چيو تہ ڏس سامهون فليٽ نما جڳهہ تي ڪيئن نہ سهڻي نموني سان سموري جڳهہ جي مهاڙيءَ تي سائي ۽ نازنگي رنگ جي ول چاڙهي وئي آهي ۽ وري خوبصورتيءَ سان ڪٽڻ ڪري وڏيڪ پرڪشش لڳي رهي آهي ۽ ول کي ڪيترو نہ هيٺان کان مٿي چاڙهي ويا آهن. اسانجي بس جي ٽوئر وارا سياح آهستي اهستي واپس اچي رهيا آهن، جيڪي پري پري بينچن تي ويهندا پيا وجن. اسانجي پرسان ٻہ هانگ ڪانگ جون ڇوڪريون اچي ويٺيون جن هٿ لوڏي اسانکي هيلو هيلو ڪيو.منا چيو تہ هٿ اهڙي تيز نموني سان ٿيون لوڏين مٿان سندن آڱريون نہ ڪري پون، انهيءَ جملي تي سڀ کلياسين.

پري کان اسانجو گائيڊ پنهنجو نظر جو چشمو ٺيڪ ڪندي اسان ڏانهن اچي رهيو آهي. سندس ڪڇ ۾ ننڍو ٿيلهو لٽڪي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪجهہ پيسا ۽ ڪاغذ هر وقت وٽس حاضر هوندا آهن، اسان سيني کي هٿ جو اشارو ڏنائين تہ اسان سڀ سندس پٺيان روانا ٿي وياسين. پندرهن منٽن جي پنڌ ڪانپوءِ هڪ پهاڙيءَ تي اسانجي بس بيٺي هئي. جنهن جي چئوطرف تمام وڏي قسم جون پوري رنگ جون ڪونديون رکيل هيون، جنهنجي وچ ۾ هڪ سفيد رنگ جي ڏار هئي. ڪونڊين ۾ خوبصورت سفيد رنگن جا گل هئا.

اسانجي گائيڊ ٻڌايو تہ اهو هميشہ جو دستور آهي تہ سڀ سياح هن جڳهہ تي گروپ فوٽو ڪيرائيندا آهن. جيڪو پوءِ سال بہ سال اسان پنهنجي رسالن ۾ شايع ڪرائيندا آهيون، جيڪو سڄي دنيا ۾ اسانجي آفيس مان مفت ۾ ملي پر هينئر توهان کي انهيءَ فوٽو جي لاءِ ڪجهہ پيسا بہ ڏيڻا پوندا، پر فوٽو ڪيدرايو نہ سا توهانجي مرضي. ٺئر وارن سيني گروپ فوٽو ڪيدرايو. تنهن ڪانپوءِ اسان بس ۾ چڙهي پنهنجي رهائش جي هوٽل ڏانهن روانا ٿياسين، جيڪا شهر کان ٻاهر هئي. هوٽل جو نالو پونٽاسبيوو (Pontassieve) آهي، اسانکي هوٽل جي چابي ڀهريون ڀيرو اسان جي گائيڊ هٿ ۾ ڏني.تنهن ڪانپوءِ هوٽل رسيپشن واري کان چابي وٺندا يا ڏيندا هئاسين، ڪمري تي پهچي فريش ٿي ٻاهر هڪ پارڪ ۾ وڃي ويناسين. هٽ فلورنس ۾ ڏينهن جو تمام گهڻي گرمي هئي. جنهن بدن کي پئي ساڙيو پر هينئر ڪجهہ ٿڌي هوا لڳي رهي آهي. اسان بہ ڪجهہ وقت ان تي پوءِ هڪ شمعدان هيٺان پيل بينچ تي ويهي رهياسين. پارڪ جي چوطرف ڳاڙها گل جيڪي سهڻي نموني سان ڪٽيل هئا. وچ ۾ ساون گلن سان اٽليءَ جو نقشو ٺهيل هو. انهيءَ وچ ۾ چار پنج خوبصورت ڦوهارا هلي رهيا هئا. جيڪي روشنين ۾ ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا هئا. چئني ڪنڊن تي ٻاهران ڦٽ کن ڊگهيون ۽ تمام ويڪريون ڪونڊيون رکيل هيون، جن ۾ وڏا سهڻا گل ڏاڍي سهڻي نموني سان سجايل هئا ۽ انهن

ڪوندين تي وري هٽ سان سهڻا گل اڪريل هئا. جيڪي سونهري رنگ جا هئا. مطلب ته ڏاڍو سهڻو پارڪ هو. جنهن ۾ ڪافي دير گهمي ڦري اچي پنهنجي ڪمري پيڙا ٿياسين.

اسان کي صبح جو ناشتو ۽ رات جي ماني ٽُوئر ڪمپنيءَ وارن کان ملندي هئي. صبح جو ناشتو ته اسان سڀ گڏجي ڊائيننگ هال ۾ ڪندا هئاسين پر رات جي ماني آئون ۽ منا ڪمري تي گهرائيندا هئاسين، يا نور ۽ ونود ڪٽي ايندا هئا. يا ڪڏهن ڪڏهن اسان ماني ٻاهر وڃي هوٽل تي کائيندا هئاسين. پر جي روم باءِ نائيٽ يا پئرس باءِ نائيٽ ٽوئر وارن جو پروگرام هوندو هو ته پوءِ اسان به انهيءَ ٽوئر ۾ هوندا هئاسين ۽ انهن سان گڏ ئي ٻاهر رات جي ماني کائيندا هئاسون پر جيئن ته اڄ رات جو ٻاهر گهمڻ جو ڪو به پروگرام ڪونه هو تنهن ڪري اسان هوٽل تي ئي پنهنجي رات جي ماني گهرائي، جيڪا کائي ڪجهه وقت ٽي وي ڏسي، اخبار پڙهي سمهي رهياسين. صبح جو سوير تيار ٿي ناشتو ڪري بس ذريعي اسان پهرين جڳ مشهور پيزا ٽاور ڏانهن روانا ٿياسين.

فلورنس جي تاريخي اهميت جي هن حسين شهر سهڻين شاندارعمارت جو آخري ديدار ڪري رهيا آهيون. مون فلورنس گهمڻ کان پوءِ اهو رايو قائم ڪيو آهي ته فلورنس شهر ماڻهوءَ کي ترت متاثر نٿو ڪري پر اوڻيهين صديءَ جي شروعات کان وٺي هي شهر پنهنجي سونهن سوڀيا جي ڪري هڪ سهڻي مندر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. فلورنس ۾ نئين تعميرات کان وڌيڪ دلڪش ۽ وڻندر پراڻي تعميرات آهي. جنهن جا محل محلاتون ۽ مندر ڏسڻ وٽان آهن. وري انهن تي سنگمرمر جو ڪم ته هڪ بيمثال ڪاريگريءَ جو شاهڪار آهي. فلورنس شهر پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍا نشيب ۽ فراز ڏٺا آهن. جنهن ۾ آسٽريليا، فرانس اٽلي جي حاڪميت شامل آهي. فلورنس شهر زياده ۾ زياده شان شوڪت ميڊيسي گهراڻي جي وقت ۾ حاصل ڪيو جيڪو دور سچا سارا ٽي سئو سال رهيو ۽ فلورنس انهيءَ ايامڪاريءَ ۾ تمام وڏي حيثيت ماڻي جيڪا اڄ تائين قائم آهي.

اسين انهيءَ ايام جا محل محلاتون ڏسندي ڏسندي دنيا جي هن تاريخي شهر کي سلام ڪندي اٽليءَ جي حسين موٽر وي تي هلندي دنيا جي انين عجوبي پيزا ٽاور ڏانهن وڃي رهيا آهيون. چئوطرف وڻن ۽ گلن جي مهڪ نظر اچي رهي آهي ۽ اسان انهن گلن ۽ وڻن جي سڳنڌ ۾ پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا آهيون. صبح هئڻ ڪري رش ڪي قدر گهٽ آهي. اسانجو گائيڊ اسانکي مختصر نموني سان پيزا ٽاور جي باري ۾ ۽ اڄ جي سڄي پروگرام جي باري ۾ سمجهائي رهيو آهي ته ٻارهن ته ٻه تي ڪلاڪ پيزا ٽاور جو ديدار ڪنداسين. تنهن کانپوءِ هڪ ڳوٺڙي ايز (Eze) ۾ پرفيوم فيڪٽري ڏسنداسين ۽ لنچ به اتي ئي ڪنداسين. تنهن کانپوءِ فرانس جي حسين ترين شهر نيس (Nice) پهچنداسين. تنهن کانپوءِ

پيا ڪافي پروگرام آهن. اسان اٽلي جي موٽر وي تي هلندي هلندي اچي پنهنجي منزل پيزا پهتاسين. پيزا ٽاور بنيادي طرح سان هت قائم تمام پراڻي گرجا جي گهنڊ وڄائڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو ته جيئن هن وڏي نهيل ٽاور جي مٿان گهنڊ لڳائجي. جيڪو پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ڏسڻ ۾ اچي پر پيزا ٽاور جي اوچائي انفراديت ۽ سونهن سوپيا ايڏي ته سرس ٿي جو ماڻهن کان گرجا وسري وئي ۽ ڏسندي ڏسندي هي پيزا ٽاور سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي. اسان جي بس ٽاور ۽ گرجا کان ڪافي پري بيٺي ۽ اسان هڪ هڪ ٿي بس مان لٿاسين. اسان جي گائيڊ ٻڌايو ته توهان ٻه ٿي ڪلاڪ هت گهمو ڦرو. پوءِ هتان ئي آئون توهان کي وٺڻ ايندس. جنهن ڪانپوءِ پاڻ اڳتي هلنداسين اسان پيزا ٽاور گهمڻ کان اڳ هر هڪ شيءَ جو جائزو ورتو. ٽاور ۽ گرجا پرسان هڪ تمام وڏي بازار هئي جت ڪئين دڪان ۽ هوٽلون هيون. انهن دڪانن تي ٽاور جي شڪل جهڙا ڪئين ننڍڙا ٽاور رکيل هئا، جيڪي سياحن گهڻي تعداد ۾ ٿي ورتا. انهن ڪانسواءِ شرٽن تي به پيزا ٽاور جا ڪيترن ئي قسمن جا فوٽا پرنٽ ٿيل هئا. باقي شوپيس جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونه هو جيڪي سون جي تعداد ۾ مختلف قسمن رنگن جا ٺهيل هئا.

مون گهٽوڪري هر سياح جي هٿ ۾ ڪانه ڪا شيءَ خريد ڪيل ڏٺي. پهريائين جڏهن اسان هت بس مان لٿاسين ته صرف ٻه چار بسون بيٺل هيون. پر هاڻ سياح ۽ سيلانين جي بسن جي اچڻ جي اصل لائين لڳي وئي آهي. ڏسندي ڏسندي سڄو علائقو سياحن سان پرجي ويو. اسان پيزا ٽاور کي ڏسڻ کان اڳ پهرئين ڪافي تعداد ۾ فوٽا ڪڍيا. نور مووي پري ونود به فوٽا ڪڍيا ۽ پرسان ئي هڪ ريسٽورانٽ تان گرما گرم ڪافي به پيتي. جنهن کان پوءِ هن عظيم ڪيٿڊرل ۽ تاريخي ٽاور کي ڏسڻ لاءِ اسان ان طرف وياسين.

پيزا شهر وارو جهڪيل ٽاور ڪنهن جي به نظر کان اوجهل ٿي نٿو سگهي. هي وچئين دور ۾ تعمير ٿيل شاهي گهنڊ وارو ٽاور دنيا جو عجوبن مان هڪ آهي. جنهن جي بناوت پڻ حيران ڪندڙ آهي. هي ٽاور هتي جي جڳ مشهور عمارتن ڊوموءِ بيپتسٽري جي پر واري سبز ميدان تي اڏيل آهي. انهيءَ سبز ميدان کي ڪيميو ڊي مائريڪولي (Compo Dei Miracloi) يعني ڪرشمن وارو ميدان سڏيندا آهن. هن علائقي ۾ اڪثر عمارتون پيزا شهر جي عروج واري دور جنهن کي مقامي طور سنهري دور سڏيندا آهن، ۾ تعمير ٿيل آهن. پيزا جي تاريخ موجب اهو دور ٻارهين ۽ تيرهين عيسوي صدين تي مشتمل هو. انهيءَ دور ۾ پيزا شهر هڪ بندر جي حيثيت ۾ رومي سمنڊ جي وڏين طاقتن مان هڪڙو هو.

مذڪوره جهڪيل ٽاور سان هي ناگهاني حادثو سن 1173ع ۾ پيش آيو. ٿيو هيئن ته ٽاور جي منصوبي موجب ڪل اٺن طبقن يا ماڙن مان جڏهن شروعاتي ٽي ماڙ اڏجي تيار ٿيا ته ٽاور جو ڪجهه حصو زمين اندر ويهي رهيو ۽ اهو هڪ طرف جهڪي پيو. تنهن ڪان پوءِ لڳاتار 180سالن تائين انهيءَ جي جهڪاءُ کي درست ڪري ان کي سڌو ڪرڻ لاءِ دنيا ڀر جي ڪئين ڪاريگرن کي گهرايو ويو. نيٺ سن 1350ع ڌاري هڪ ماهر تعميرات، نالي ٽوماسو ڊي اينڊريا ڊا پونٽينڊيرا (Tomasso di Andrea da pontedra) هي ڏکيو ڪم ڪرڻ قبول ڪيو ۽ ٽاور جوڙي راس ڪيائين. گذريل اٺن صدين ڪان وٺي اڄ تائين اهو پنهنجو جهڪاءُ برقرار رکيو اچي. جنهن سبب ماڻهو سدائين ائين سمجهن ٿا ته ٽاور هاڻي ڪرڻ وارو آهي. چوٽ منجهس پنجن ميٽرن جو جهڪاءُ موجود آهي. ۽ انهيءَ ۾ واڌ ٿيندي رهي ٿي. جنهن سبب گذريل ٻن سالن ڪان انهيءَ ۾ ماڻهن جي داخلا ۽ سير ڪرڻ جي بندش آهي ۽ اهو بند ڪيو ويو آهي. هتي جي ڪليسا جي عظيم عمارت ڊومو (Duomo) ٽاور ڪان هڪ صدي اڳي تعمير ٿي هئي. هن گرجا گهر جي ٽڪنڊي مهاڙي ۾ اڇي ۽ ڪاري سنگ مرمر جو دلڪش تناسب ۽ مهرابي پلرن جون قطارون رومي طرز تعمير جو سهڻو نمونو پيش ڪن ٿيون. عمارت اندر اڇي ۽ ڪاري سنگمرمر جو ڪم ۽ اندرين پلرن جون مهرابي قطارون وري مشرقي طرز تعمير جي جهلڪ ڏيکارين ٿيون. گرجا گهر ۾ چٽسالي ۽ سونهن ۽ سينگار جو گهڻو ڪم روشن خياليءَ واري دور ۽ ان ڪان پوءِ جو ٿيل آهي. فقط هڪڙو اسم داٽيدار چٽام (Mosaic) جنهن ۾ ڪرائيسٽ ان ميجيسٽي (Christ in Magesty) رنايسينس پيرڊ ڪان اڳ جو جڙيل آهي. اهو چرچ جي اوپر طرف واري مهراب ۾ آهي. اهو سيمابيو (Cimabue) نالي فنڪار جو ٺهيل آهي. چوته اهو پنهنجي دور جي عظيم ترين معمار جو ٺهيل آهي، جنهن جو نالو گيرواني پسانو (Giovanni Pisano) هو. انهيءَ معمار بابت اسٽيج تي هڪ نوٽ لکيل آهي ته گيووانيءَ کي سنگتراشيءَ جي اهڙي ته ڏات حاصل هئي جو سندس چاهڻ جي باوجود هن ڪڏهن به ڪا بدصورت مورتي ڪانه تراشي. فيلڊ آف مائريڪلس علائقي ۾ ٽيون نمبر مکيه عمارت چرچ جي بيپٽسٽري آهي. هيءَ گول عمارت جتي مختلف مذهبي رسمون ادا ڪيون وينديون آهن. رومي ۽ گوٿڪ فن تعمير جي امتزاج جو عجيب مثال پيش ڪن ٿيون. هن عمارت کي مذڪورا عظيم سنگتراش گيوواني ۽ سندس پيءُ نڪولا جي گهڙيل مجسمن ۽ مورتين سان آراسته ڪيو ويو آهي.

هن عمارت ۾ هڪڙو ممبر نڪولاسن 1260ع ۾ مجسمن سان تيار ڪيو هو. جيڪو سندس پهريون عظيم شاهڪار چاٽايو وڃي ٿو.

هن علائقي جي اتر ۾ ڪيمپو سانتو (Camposanto) نالي قبرستان جيڪو چرچ سان وابستہ آهي. تيرهين عيسوي صديءَ جي آخر ۾ تعمير ٿيو. هن قبرستان ۾ اڏيل چين جي ديوارن تي ٿيل نريسڪو پلاسٽر آرٽ گهڻي ڀاڱي ٻي عالمي لڙائي دوران اتحادي ملڪن طرفان ڪيل بمباريءَ سبب تباهہ ٿي ويو پر انهيءَ جا ٻہ شاهڪار ٽرمف آف ڊيٿ (Triumph of Death) ۽ لاسٽ ججمينٽ (Last Judgement) جيڪي چوڏهين ۾ ٺهيا هئا. ڪجهہ بچي ويا آهن. ذڪر ڪيل نقش ڪيپيلا امانيتي (Cappela Ammanati) نالي هڪڙي گوشي ۾ اڪريل آهن, جنهن ڪي خوف ۽ حراس ورو هنڌ سڏجي ٿو. هتي نڪولا پسانو جا ڳچ مجسما ۽ پٿر تراشيل آهن, جن مان سندس فني ڪمال جو حقيقي تاثر ملي ٿو.

ڪرشمن واري ميدان جي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي ڪيٿڊرل ۽ سبيپٽسٽري جي فنپارن ڪي ترتيب ۾ رکيو ويو آهي. انهن ۽ ٻين فني شاهڪارن جو زبردست ذخيرو ميوزيو ڊيل ڊومو (Museo dell' Opera dell Duomo) عجائب گهر ۾ نمائش لاءِ رکيل آهي. هتي موجود شاهڪارن جو وڏو تعداد پسانو خاندان جي فنڪارن جي ڪاوش ۽ ڪاريگري آهي, جنهن ۾ پٿر جا مجسما توڙي ڪاٺ جي اڪر يا چٽسالي شامل آهي.

هن علائقي ڪان پري ٻئي طرف يونيورسٽيءَ وارو علائقو وري اڳئين ڪان بلڪل مختلف تصوير پيش ڪري ٿو. جيڪو شاگردن ۽ ٻين عالم اديب قسم جي ماڻهن جو آماجگاهہ آهي, هيءَ علائقو پڻ ڪافي چهل پهل وارو آهي. جتي خصوصن رات جي وقت گهڻي پيهہ هوندي آهي. هن علائقي ۾ رومي فن تعمير جا ڪيترائي چرچ ٺهيل آهن ۽ هتي جون گهٽيون اڪثر ونگن وارن پلرن مٿان ڇانيل آهن. اورنو نديءَ جي ڪناري تي ڪيترائي سهڻا محل محلات اڏيل آهن. جيڪي اٽليءَ جي روايتي فن تعمير جو نمونو آهن پيازا ڊي ڪيوليئري (Piazza dei Cavaliari) هن علائقي ۾ ٻهريون مشهور اسٽاپ آهي. اهو هڪڙو زبردست اسڪوائر آهي. جيڪو وچيئن دور ۾ پيزا شهر جو مرڪز هو. انهيءَ ڪانپورءِ نئين جوڙجڪ سان سينٽ اسٽيفن جي سپاهہ لاءِ هيڊ ڪوارٽر مقرر ڪيو ويو. اسٽيفن جو محل سين اسٽيفانو چرچ جي سامهون آهي. انهيءَ ۾ ميڊيسيءَ جا مجسما سينگاريل آهن. نديءَ جي لڳ اوپر طرف ڪجهہ مفاصلو اڳتي ميوزيو نيشنل ڊي سان ماٽيو نالي عجائب گهر قائم آهي. اهو ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ تعمير ٿيل موناسٽريءَ يعني رهبائن جي رهڻ واري جڳهہ ۾ قائم ڪيل آهي. هتي ٻين نوادرات سان گڏ قديم وقت جي ڊرامن ۽ ناٽڪن ۾ ڪم ايندڙ هٿيارن جي پڻ نمائش ٿيندي آهي.

اسان ڪافي وقت دنيا جي هن عجوبي ۾ گذاريو ۽ ڪيترائي سارا فوٽا پڻ ڪڍياسين. جنهن ڪانپوءِ اچي هڪ هنڌ ويٺاسين، جيسٽائين اسانجي بس اچي، آئون پرسان موجود هڪ باٿ روم ۾ ويس. جتان واپسي بعد حساب ڪيم ته تقريبن پنجويهه روپيا پاڪستاني ان جي استعمال ڪرڻ جا ورتائون. ڏاڍو عجب ٿيو ته ايتري رقم مان اسان جهڙي غريب ملڪ ۾ ٻه ماڻهو ماني کائي پيٽ ڀرين ها. ٻاهر آيس ته منا چيو ته پيپسي پيئنداسين. پوءِ اسان هڪ ريسٽورانٽ ۾ ويهي پيپسي پيتي. جت باٿ روم پڻ هو. هوٽلن ۽ ريسٽورانٽ ۾ باٿ داخل ٿيڻ لاءِ پئسا ڪونه وٺن. سو اڳ ۾ خوامخواهه پيسا ڀرڻ تي ڏاڍو افسوس ٿيو. اسان پيپسي وٺي هوٽل کان ٻاهر اچي پيتي. اندر ڪافي رش هئي. پري کان ڀين بسن سان گڏ اسانجي بس به بيٺل نظر آئي. اسان پيپسي جو خالي ٽن (Use Me) واري لکيل دٻي ۾ وجهي اڳتي پنهنجي بس ڏانهن روانا ٿياسين. جت اسان جي ڳٽپ جي تصديق ٿيڻ کان پوءِ بس هلي. گائيڊ هر هڪ ٽوئرسٽ کان جدا جدا پيزا ٽاور جي باري ۾ پڇيو ۽ هر ڪنهن ڪيس پنهنجا پنهنجا تاثرات ٻڌايا ۽ پاڻ به اسانکي پنهنجا تاثرات ٻڌايائين ته هڪ گائيڊ جي پيشي طور کيس زندگيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ملن ٿا ۽ آئون انهن کي ڪهڙي نموني ڊيل ڪندو آهيان. واقعي انسان محنت ۽ عقل سان هر ڪم سٺي نموني نڀايو وڃي، پر چوندا آهن ”ڪم پوي ڪل پوي“ سو ماڻهو سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ کان پوءِ ئي ڪري ڪوٺي جي خبر ٿي پوي.

آئون پنهنجي سڄي زندگيءَ جي تجربي جي بنياد تي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته :

No one can harm you except yourself

يعني، اهو ئي دنيا ۾ ڪامياب زندگي گهارڻ جو هڪ راز آهي. جنهن کي بنياد بنائي انسان اڳتي وڌي ته هروڀرو ڌڪيو ڏينهن ڪونه ڏسندو.

هي جيڪي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ انسان لاءِ چوڻيون ۽ مثال آهن، انهن ۾ به صدين جي فڪر ۽ سوچ شامل آهي. اٽليءَ جي سرزمين تي هاڻ اسانجو آخري سفر آهي. اسان تقريبن هڪ هفتو کن اٽلي ۾ رهياسين ۽ گهڻو ڪري اٽليءَ جا سڀ مشهور شهر ۽ انهيءَ شهرن جا ماڳ مڪان ڏٺاسين.

اسانجي هن ڪانپوءِ اڳتي جي منزل دنيا ۾ فيشن جي ڌرتي سڏجندڙ فرانس چون ٿا ته دنيا ۾ هر نئين فيشن جي گادي پئرس آهي. آمريڪا هيڏي ترقي ڪئي آهي پر سونهن سوڀيا، فيشن، نفاست ۽ نزاڪت ۾ اڄ به فرينچ قوم کان پٺتي آهي. چون ٿا ته جڏهن هٽلر پئرس فتح ڪرڻ لاءِ مٿس بمباري ڪئي، تڏهن پئرس وارن کيس چيو ته توهان چوٽا پئرس تي بم وسايو اسان مفت ۾ ٿا پئرس توهانجي حوالي ڪريون. ۽ ائين فرينچ پنهنجون سڀ فوجون پئرس مان ڪڍي ويا ۽ پئرس شهر جرمن جي

حوالي ٿي ويو. يا ائين چئجي تہ فرينچ پنھنجي ھن حسين ترين شھر کي ڏاڍي عقلمنديءَ سان بمن ۽ گولن کان بچائي ويا.

اسانجي بس اٽليءَ جي سرزمين تي ڊوڙندي اڳتي وڃي رهي آهي ۽ آئون اٽليءَ جي ماضي ۽ حال تي سوچي رهيو آهيان.

يورپ کنڊ جي ھن مشهور ۽ اهم ملڪ جو نقشو اٽ جي مشهور وڏين ڪڙين واري بوٽ جي شڪل سان مشابهت رکندو آهي ۽ اهو گهڻو ڪري رومي سمنڊ ۾ موجود آهي، جنھن سان لڳولڳ سسلي ۽ اوله طرف سرحد کان 160 ميلن جي پنڌ تي سارڊينيا نالي ٻيٽ پڻ سندس ملڪيت آهي.

ايلپ جبلن جي شاهي قطار اٽليءَ جي اترئين سرحد جوڙي ٿي ۽ ڌارين جي حملن کان بچائيندڙ آهي. اها جابلو قطار اٽليءَ کي فرانس، سوئيزرلينڊ آسٽريا ۽ يوگوسلاويا کان جدا ٿي ڪري، اها قطار اٽليءَ واري اپٻيٽ ۾ ڏکڻ ڏانهن وڌندي ۽ اوچائي ۾ گهٽجندي وڃي ٿي. انهيءَ حصي کي اپينائين سڏين ٿا. بيضوي شڪل وارو PO واديءَ جو ميداني علائقو ملڪي پکيڙ جو فقط 23 سيڪڙو آهي. جڏهن تہ ڪل ملڪي پکيڙ هڪ لک سورهن هزار چورس ميل آهي. جنھن ۾ 77 سيڪڙو جابلو ايراضي آهي. سمورو ڪوهستاني علائقو ڪجھ وڌائي سان مجموعي طر گرم آبهوا وارو علائقو آهي. توهان BBC يا CNN ۾ موسم جي احوال ۾ گرميءَ جي موسم ۾ ڏسندا تہ توهانکي اٽلي ۽ اسپين پنھنجي ملڪن جهڙا گرم ملڪ معلوم ٿيندا.

ھن جابلو علائقي اٽليءَ جي سياست ۽ معيشت تي دائمي طور گهرا اثرات مرتب ڪيا، جنھن ۾ ننڍين آزاد رياستن جو قيام پڻ شامل آهي، ھن ايراضي ۾ زراعت نالي ماتر ٿئي ۽ اناج کاڌي جيترو مس پيدا ٿئي ٿو. زراعت ۾ توسيع ٻيلن جي تباهيءَ جو سبب ٿي پئي آهي. ملڪ جي گهٽي ايراضي جابلو هئڻ جي باوجود هتي آباديءَ جو تناسب وڌيڪ آهي. مثلا 466 ماڻهو في چورس ميل آبادي آهي. البت انهيءَ ۾ في سال واڌارو محتاط يعني 0.7 سيڪڙو في سال آهي. ٻي عالمگير لڙائي کان وٺي اٽليءَ جا رهواسي ٻهراڙين ۾ قائم ٿيندڙ صعنتي علائقن ۾ آباد ٿيندا ويا. جنھن سبب زندگيءَ جي روايتن ۽ رواجن ۾ ڪافي تبديلي رونما ٿي آهي.

اٽليءَ جي اقتصاديات دنيا ۾ ستين نمبر تي آهي. جنھن ۾ ميلا، تورز ۽ جينوئا صنعتي شھرن تي مشتمل ٽڪنڊي جو مکيہ ڪردار آهي. اهي شهر 1900ع کان وٺي عمل پيرا آهن. اٽليءَ جو ڏاکڻو حصو ۽ سسلي ۽ سارڊينيا وارا ٻيٽ معاشي طور پسمانده علائقا آهن. جيڪي رياستي امداد تي ٽڪي رهيا آهن.

زراعت نالي ماتر هئڻ سبب قومي پيداوار جو فقط 12 سيڪڙو صنعت پيدوار قومي پيداوار جو 42 سيڪڙو آهي. قومي پيداوار جو باقي 46 سيڪڙو سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي خدمتن مان حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ جو مکيه حصو سياحت مان حاصل ٿئي ٿو.

ضروت آهر اناج ڀاڄيون ۽ ميوا پڻ پيدا ٿين ٿا. چوپائي مال جي افزائش نه هئڻ جي برابر آهي، تنهن ڪري گوشت ۽ کير ڏيساور کان گهرايو وڃي ٿو.

اٽليءَ جي صنعت ۾ تقريبن هر شيءَ پيدا ٿئي ٿي. صنعت لاءِ گهربل ڪچو مال ٿورو هئڻ سبب ٻاهران گهرايو وڃي ٿو. ٻي مهاڀاري لڙائي کان وٺي هيستائين فولاد جي صنعت ۾ ڪافي ترقي ٿي آهي. ڪيميائي شين واري صنعت پڻ ترقي حاصل ڪئي آهي. پر ڪپڙي جي صنعت ۾ اٽلي يورپ کان ڪجهه قدر پوئتي آهي.

خدمتون خصوصن سياحت سان وابسته تمام گهڻي اهميت رکن ٿيون ۽ انهيءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ سمورا گهربل اپاءُ ورتا وڃن پيا. هن عالمي پيماني واري سياحت ملڪ جي ادائگين جي توازن کي مناسب رکڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو آهي.

اٽلي قديم رومي شهنشاهيت کان وٺي عظيم روايتن جو حامل رهيو آهي. اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾ ملڪي اتحاد ٿيڻ کان وٺي يعني هن علائقي جي سمورين ننڍين رياستن جو اٽليءَ ۾ شامل ٿيڻ کان وٺي 1946ع تائين اٽليءَ ۾ بادشاهت قائم هئي. تنهن کانپوءِ هتي پارليامينٽري جمهوري نظام حڪومت قائم ٿيو ۽ 1948ع ۾ جوڙيل آئين موجب حڪومت هلي رهي آهي. انتظامي لحاظ کان ملڪ ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. جن کي ترتيبوار ريجن، پراونس ۽ ميونسپلٽيز سڏيو وڃي ٿو. اهي سمورا مڪاني ادارا ڪافي حد تائين خودمختيار آهن. خصوصن ريجن جيڪي اقتصادي ترقي جي لحاظ کان ٻين انتظامي ايڪائين کان گهڻو مختلف آهن. سياسي طور ملڪ ۾ گهڻيون پارٽيون آهن. ڪرسچن ڊيموڪريٽ پارٽي ۽ اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي ملڪ جون مکيه سياسي پارٽيون آهن. جيڪي ڪل ووٽن جون ٽيون يا چوٿون حصو اڪثر و بيشتر حاصل ڪنديون آهن. تنهن کانسواءِ ننڍيون سياسي پارٽيون پڻ ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. انهن ۾ ساڄي ۽ کاٻي مرڪزي ڌر جي خيالن جون حامل تنظيمون اچي وڃن ٿيون. مجموعي طرح ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ ڪنهن به پارٽيءَ کي واضح اڪثريت حاصل ٿي نه سگهي آهي ۽ هيل تائين سموريون مخلوط حڪومتون به ڪمزور رهيون آهن. اٽلي يوربي اقتصادي سوسائيٽي (E.EC) ۽ ڪائونسل آف يورپ جو ميمبر آهي. تنهن کانسواءِ ٻين عالمي تنظيمن سان پڻ لاڳاپيل آهي. جاگرافيائي طور يورپ جي ڏکڻ واري

ونگ تي هئڻ سبب ٻي عالمي جنگ کان پوءِ واري عرصي دوران اٽلي (Nato) واري فوجي معاهدي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

رومي اقتدار کان اڳ واري اٽلي ملڪ ۾ گهڻن ئي نسلن جا ماڻهو آباد هئا. جن جي رهڻي ڪهڻي توڙي گفتار ۽ سماجي صورتحال هڪٻئي کان مختلف هئي. انهن سمورن نسلن ۾ علائقائي توسيع پسنديءَ جو رجحان ڪارفرما هو. منجهن پاڙيسري رياست يونان جي ماڻهن جون خوبيون جهڙوڪ شان، شوڪت، علمي پختگي ۽ فنون لطيفه سان لڳاءُ پڻ موجود هو.

جيتوڻيڪ رومي سلطنت جي فتح کان پوءِ سموريون ڇوٽيون رياستون گڏيل شاهي رياست ۾ متحد ٿي ويون ۽ هڪڙو عاليشان متحد سياسي ثقافتي ۽ سماجي نظام برپا ٿيو هو. جنهن کي سال ۽ صديون ٿي ويون آهن. پر ماڻهن جي اڪثريت علائقائيت ۾ مبتلا آهي ۽ اهي قديم علائقائي ايڪائين جهڙوڪ: ليتيم، ڪيمپينيا، اپوليا، بروتيئم، لوڪانيه، سامينيئم، پائيسينيئم، امبريا، ايٽرويا، وينيتيا، لگوريا وغيره سان واڳيل رهيا آهن.

اٽليءَ جي قديم ايٽرسڪن قوم جي مذهب جو بنياد يونان ۽ روم وانگر گهڻن ديوتائن ۽ ديوين تي مشتمل هو. زندگيءَ جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ انهن ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مختلف قسم جا صدقا ۽ قربانيون ڏنيون وينديون هيون.

سندن عقيدي موجب ڪائنات 16 ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. جتي مختلف ديوتائن جا الڳ الڳ آستانا آهن. مثلا مکيه ديوتا اوڀر طرف رهن ٿا. مادي ديوتا ڏکڻ طرف، ڪنور ۽ جابر ديوتا اولهه طرف ۽ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ قادر ديوتا اتر طرف رهندا آهن. ايٽرسڪن ماڻهن جو اهو به عقيدو هو ته جاندار توڙي غير جاندار هر قسم جي مادي ۾ رهندڙ آهن. لاطيني ليکڪن سندن مذهبي عقيدن کي ڊسيپلينا ايٽرسڪا نالي ۾ مرتب ڪيو آهي.

سندن آسماني يا جنت مکين عظيم ديوتا Tin يا ٽنيا Tinia آهي. ان جي حيثيت رومي ديوتا جيپٽر ۽ ديوتا زيئس واري آهي. هن وٽ ڪنوڻ وارا هٿيار آهن. عظيم ماءُ ديوي يوني Uni آهي. اها رومي ديوي هيرا ۽ جونو جي برابر آهي. سيٿلان رومي ديوتا ولڪين جي برابر آهي.

ٽرمس يوناني ديوتا هرمس ۽ رومي ديوتا وانگر مرڪي جي برابر آهي. اهڙي طرح يونانين ۽ رومين ايٽرسڪن ماڻهن وٽ پڻ وڏي ديومالا داستان قائم آهي. سندن ڪريه ڪرم پڻ رومين ۽ يونانين سان ملندڙ آهن.

ايٽرسڪن ماڻهو اوائل لاءِ لاشن کي ساڙي سندن رک مخصوص ٿانون ۾ محفوظ ڪري رکندا هئا. بعد ۾ قبرن ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ انهن کي تابوتن ۾ پڻ رکندا هئا ۽ انهن تي فوتيءَ جي تصوير ٺاهيندا هئا.

پيزا کان ٿوري ئي پنڌ تي رومي سمنڊ يا بحر روم آهي. جنهن جي ڪپرن سان گڏوگڏ هلندي اسان فرانس جي ملڪن مان ٿيندا نيس پهچنداسين. بنپهرن جي ماني هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي Eze ۾ کائينداسين. هي رستو آئون سمجهان ٿ ته ٻه ٽي سئو ڪلوميٽر کن ٿيندو. رستي جي هڪ طرف رومي سمنڊ آهي، ته ٻي طرف وڏا وڏا پهاڙ آهن جيڪي قسمين قسمين وڻن سان ڍڪيا پيا آهن. ڪٿ ڪٿ وڏن جبلن تي برف به نظر ايندي ته ڪٿ ڪٿ پهاڙن تان هيٺ پاڻي به وهي رهيو آهي. هن رستي ٺاهڻ ۾ اٽليءَ ۽ فرانس جي حڪومت کي ڪئين سال لڳي ويا، چو ته هي سجو رستو جبلن مان ٿو گذري، جنهن ڪري هنن کي ڪئين جبل ڪٽي انهن مان رستو تيار ڪرڻو پيو. هن رستي ۾ سون جي تعداد ۾ Tunnels سرنگهون آهن. هڪ سرنگهه ارڙهن ڪلوميٽر ڊگهي به هئي. اونهين سرنگهن ۾ ڏينهن جو به لائٽيون ٻري رهيون هيون.مون آمريڪا ۾ به هن جهڙو سهڻو نظارو يا موٽر وي ڪونه ڏٺو. هي سفر منهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ يادگار سفر هو. جنهن ۾ مون سان گڏ منهنجي گهر واري به آهي. جنهن جي ساٿ جي ڪري هي سفر مونکي سجي زندگيءَ ڪونه وسرندو هنن سجي موٽر وي تي هيءَ يادگار سياحت جو مرڪز قائم ڪري سجي دنيا جي توجهه پاڻ طرف ڪري ڇڏي آهي. جيڪا انهن جي وڏي ڪاميابي آهي. ۽ اڄ سجي دنيا جي سياحن جو لاڙو هن طرف آهي. هن رستي تي جيڪي پراڻي وقت جي بادشاهن جا قتل ڪو به قلعا يا جيل هئا سي هاڻ شاندار ڪلين ۽ هوٽلن ۾ تبديل ٿي ويا آهن ۽ اتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي عياشي ۽ بدمعاشي ٿئي ٿي. جنهن ڪري هاڻ سياري اونهاري اهي ڪوٺ قلعا دنيا جي سياحن سان ڀريا پيا آهن جيڪ ماڻهو هت ڪافي وقت رهڻ ٿا چاهين تن کي هت ڪيترا مهينا ايڊوانس بڪندگ ڪرائڻي ٿي پوي، هتي جي رهائش جون هوٽلون پئرس ۽ لنڊن جي شهرن کان به مهانگيون آهن.

اسان هاڻ انهيءَ حسين موٽر وي تي پهچي ويا آهيون، عام زبان ۾ هن علائقي Italian Riviera اٽلين رويرا جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ اسين هاڻ دنيا جي حسين ترين شاهراهه تي اڳتي وڌي رهيا آهيون. هيٺ آسماني رنگ جو رومي سمنڊ بلڪ خاموش آهي.ٿوري ئي پنڌ تي هڪ سهڻي ٽوئرسٽ پوائنٽ اهي. جنهن هيٺان سمنڊ ۾ ڪئين بوٽس هلي رهيون آهن ۽ منجهن سون جي تعداد ۾ سياح گهمي ڦري رهيا آهن. پر اسان جي بس سواءِ ڪٿ ويهڻ جي اڳتي وڌي رهي آهي. چو ته سندن منزل

ڏور ۽ پنڌ گهڻو آهي.اسان جي بس جبلن تي ڪافي مٿي تي چڙهي وئي ۽ سمنڊ ڪافي هيٺ تي نظر آيو ۽ ڪٿ ڪٿ وري صفا سمنڊ جي برابر بس ٿي هلي.پر بس جي سموري رستي ۾ هڪ ئي اسپيڊ يعني تقريبن سئو ڪلوميٽر في ڪلاڪ ئي رهي. مون ڏٺو آهي ته پنهنجي ملڪ جي اڳوڻي وقت جا بادشاھ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ، پنهنجا ڪوٽ، قلعا، محل محلاتون گهڻو ڪري سمنڊ يا درياءَ  ڪان پري قائم ڪيا آهن. پر هت يورپ ۾ توهانکي اهي ڪوٽ قلعا ۽ محل محلاتون گهڻو ڪري ندين ۽ سمنڊ جي ئي ڪنارن تي نظر ايندا ۽ اهڙا ئي وڏي تعداد ۾ جبلن مٿان ننڍي سائيز جا ڪوٽ قلعا ۽ محل محلا تون ڏسندا اڳتي وجي رهيا آهيون. پر اسانجو گائيڊ، اسانکي هر ڪوٽ، قلعي ۽ محل محلات جي باري ۾ باقاعدگيءَ سان ٻڌائي رهيو آهي  ۽ پڻ هن اهو به ٻڌايو ته هت سياحت جي گهڻي رش کي ڏسندي هاڻ موجوده حڪومت اڳوڻي وقت جا جيل خانا به نائيٽ ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهو به ٻڌايائين ته آئون گائيڊ جي نوڪري جي حيثيت ۾ سدائين سڄي دنيا پيو گهمان پر هيءَ جيڪو سمنڊ جو ڪنارو خاص ڪري فرانس جو حصو آهي. جنهن کي به هت اٿلين رويرا وانگر French Riviera فرينچ رويرا چون. جنهن ۾ نيس، موناڪو  ۽ بيون لاجواب بيچون (ساموني ڪناري ) آهن، سو دنيا جو حسين ٽڪرو آهي ۽ واقعي ڏاڍو پرڪشش، روح پرور دل کي وڻندڙ سرسبز ۽ خوبصورت آهي، جنهن کي فرينچ حڪومت وڏي خرچ ۽ نفاست سان سياحت ۽ سيلانين لاءِ سينگاريو، سنواريو آهي. هن سمنڊ جي پٽي جي موسم ڪجهه گرم آهي. جنهن ڪري سڄو سال سياحن جي رش لڳي پئي آهي. هڪڙا پيا اچن ته ٻيا پيا وڃن ۽ سياحت جا چڻ ته ميلا متا پيا آهن.

اسان جي بس هڪ جڳهه تي بيٺي، ٻڌايائون ته اميگريشن پوائنٽ آهي. پر اسانکان نه پاسپورٽ ورتائون نه ئي ان تي اسٽئمپ لڳي نه وري فرينچ اميگريشن وارن جي، سواءِ ڪنهن به اميگريشن اسٽئمپ جي اسان فرانس جي ملڪ ۾ گهڙي پياسين، ۽ سواءِ ڪنهن اميگريشن اسٽئمپ جي ڪنهن ملڪ جي اندر داخل ٿيڻ سخت قانوني ڏوهه آهي. جيڪڏهن هن گروپ ٽوئر ۾ نه هجون ها يا هن ڪان جدا ٿي وڃون ها ته ملڪ ڇڏڻ مهل فرينچ اميگريشن وارا اسانکي غيرقانوني طور ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري ٿي سگهيا، هت هر ڳالهه تي نو پرابلم No Problem ساري ساري Sorry sorry يو آر ويلڪم You are welcome  لڳو پيو آهي سو اسان به ڪٽي چپ ڪئي ته جاڙي به جڳ سان.

اسان جڏهن اٽلين بارڊر ڪراس ڪري فرينچ رويرا جي حدن ۾ داخل ٿياسين تہ مونکي يڪدم ڪنهن جي شعر جي هي مصرع خودبخود زبان تي اچي وئي تہ:

خدا جب حسن ديتا هي،
تو نزاڪت آهي جاتي هي.
واقعي ڪنهن ڏاهي چواڻي تہ پيسا بولتا هي، سو سائين فرانس ۾ پيرِ پائڻ شرط هر شيءِ ۾ نکار جرڪڻ لڳو. روڊ رستا شاهراهون، جن تي پوڪيل وڻ ٽڻ، پليون، پيچرا، گهرگهاٽ، محل محلاتون، قلعا ڪنگريون، مرٽر ڪارون، بسون، ويگنون، پڪي پڪڻ، مرد عورتون، گلن جهڙا ٻارڙا مطلب تہ هر شيءِ ۾ حُسن ۽ هبڪار جي ورڪا هئي. فرانس جهڙو سونهن ۽ حسين دنيا ۾ ٻي هنڌ ڪٿي بہ نظر نہ ايندو. فرينچ چوڪري جهڙي سهڻي ڏينهن جو تهڙي رات جو. سندن مڏماتي لبڻن جي لالاڻ انسان جي صدي جي اڃ متايو ڇڏي.
پر هن دفعي، جڏهن فرانس جي حدن ۾ داخل ٿياسين تہ چپن تي خودبخود هي بيت اچي ويو:
اب ڪي دن بهار ڪي يي،
يون هي گذر گئي.
اسان جنهن فرانس جي وادين مان گذري رهيا آهيون، تنهن جو تعارف ڪجهہ هن ريت آهي.
هي شاندار سوني چادر وارو رومي سمنڊ وارو فرينچ ڪنارو جنهن کي آسماني رنگ وارو ڪنارو چوندا آهن. تمام گهڻين تفريح گاهن جو مجموعو هئڻ سبب خوبصورت عمارتن سان ڍڪيو پيو آهي. ايتري قدر جو انهن تفريح گاهن جي نالن ۾ بہ وڏو شان ۽ شوڪت سمايل آهي. جهڙوڪ:

1_ ڪينس Cannes
2_ سينٽ ٽروپيز St: Tropez
3_ ڪيپ ڊي اينٽبس Cap d' Antibes
4_ سينٽ جين ڪيپ فيريٽ St: Jean cap ferrat

جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ هت سياحن جي تمام گهڻي رش هوندي آهي پر بهار ۽ خزان ۾ بہ هتي لطف اچي ٿو. هن سموري ڪناري جي سير لاءِ بنيادي جڳهہ نائيس يا نيس Nice شهر بهترين آهي. پر حقيقي طور هن سموري علائقي ۾ مکيہ حيثيت جو حامل شهر ماناڪو (Manaco) آهي. جيڪو هڪ چورس ميل کان ڪجهہ گهٽ ايراضيءَ تي محيط آهي. ڪناري جو ڪجهہ ڀاڱو واريا سو آهي، پر وڏو حصو

ٽڪرين ۽ ڪڪرين تي مشتمل آهي. نيم عريان غسل هتي عام آهي. خصوصن سينٽ ٽروپيز ۾ ۽ ڪجھ هوٽلون ته مشهور پراڻن فوجي قلعن ۾ قائم ڪيون ويون آهن. جتي حياءُ کان حياتي تائين گهڻو ڪجھ ڪپيو وڃي. يعني نيڪڊ بينچون، هي ماڳ فنڪارن ۽ مصورن لاءِ خصوصي حيثيت جو حامل ناهي پر هتي ڪيترن ئي فنڪارن ۽ سندن سرپرستن طرفان عالمي معيار جا ميوزم ۽ گيلريون قائم ڪيون ويون آهن.

رومي سمنڊ ۾ موجود ٽيون نمبر وڏو جزيرو جيڪو فرينچ سماج جي مکيہ ڌارا کان ڪٽيل فرينچ گهٽ ۽ اٽلين وڌيڪ لڳي ٿو. تنهنجو نالو ڪورسيڪا آهي، هي جابلو باراني جزيرو آهي ۽ انهيءَ جوشيلي قومپرست تحريڪ سان وابستہ آهي، جيڪا پيرس جي حڪم کي نٿي قبولي ۽ خود اختياري جو پرچار ڪري ٿي. رومي سمنڊ جي تاريخ ۾ ٿيل مڪروهہ خونريزي جو باعث بہ بڻيل آهي. اجيشيو (Ajaccio) جتي نيپولين ڄائو هو. هن صوبي جي گادي آهي. سڀ کان وڏو بندر باستيا (Bastia) شهر ۾ آهي. حقيقي قدرتي سونهن پهاڙين ۽ انهن جي دامن ۾ قائم ننڍن ڳوٺن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جتي صدين جي تبديليءَ جي باوجود بہ سماجي تبديلي گهٽ ٿي آهي. علحدگي پسندن جي ڪارروائين سبب آمريڪن هتي گهٽ اچن. باقي سڄي جهان جا سيلاني سڄو سال پيا اچن ۽ وڃن. جن لاءِ سيئي رونقون هر وقت ۽ هر هنڌ دستياب آهن ۽ اسان بہ انهيءَ رونق جي رنگن مان هڙ حاصل ڪرڻ فرانس آيا آهيون.

منا ٻڌايو ته مون سٽر ڪن سرنگهون ڳٽيون جن مان پاڻ لنگهياسين، پوءِ ڳڻڻ ڇڏي ڏنم هيڏي وڏي تعداد ۾ سرنگهن مان گذرڻ جو هي پهريون پيرو اتفاق ٿيو لطف بہ پئي آهيو ته حيرت بہ پئي ٿي ته جبلن کي ٽوڙي هي سوَن جي تعداد ۾ سرنگهون ناهيون اٿن ته جيئن سمنڊ سان لڳو لڳ موٽر وي ناهجي ته سياح انهن رونقن مان لنگهن ۽ هٿ وٺ ۾ وڏ رهن. اسان هاڻ پنهنجي منزل يعني Eze پهچڻ وارا آهيون. پري کان اشارو ڪري اسانجي گائيڊ ٻڌايو ته مٿي ٽڪريءَ تي هي جيڪو ننڍو شهر يا ڳوٺڙو ڏسي رهيا آهيو اهو Eze جو ڳوٺ آهي. ان جي بس هاڻي مٿي ور وڪڙ کائي نانگ وانگر جبلن تي مٿي چڙهي رهي آهي. اسان ڏاڍي شوق سان اهي ور وڪڙن وارا رستا ڪراس ڪري اڳتي وڃي رهيا آهيون. موٽروي کان پوءِ وارو رستو ون وي نہ پر سنگل وي آهي پر ڪافي ويڪرو آهي. جنهن ڪري بہ طرفي ٽرئفڪ هوندي بہ ڪابہ رنڊڪ محسوس ڪانہ ٿي رهي آهي. اسانجي بس جبلن تان چڙهندي چڙهندي نيٺ هڪ خوبصورت بلڊنگ جي اڳيان اچي بيٺي جنهن جي اڳيان ۽ چئوطرف ڏاڍا سهڻا پارڪ، سهڻي سليقي سان سينگاريل هئا، جن کي ڏسندي هٽ خودبخود ڪيمرائن ڏانهن ۽ مووي

ڏانهن هليا ويا ۽ بس مان لهڻ شرط تقريبن سيني سياحن هٿ فوٽو ڪڍيا ۽ فلمون پريون. اسان به هڪڙي جا ڪافي فوٽو ڪڍيا ۽ فلم پري. پهاڙن کان هيٺ ڪليل وادين ۾ وڏا ساوا وڻ ڏسي دل کي راحت اچي وئي.

اسان صبح جو ائين بجي روانا ٿياهئاسين ۽ هينئر ساڍا ٽي ٿيا آهن. يعني پورن ساڍن ست ڪلاڪن جو هي سفر بس ذريعي جنهن دوران رستي ۾ هڪ بيچ تي فقط ڏهن منٽن لاءِ بيٺا هئاسين. هيڏي ساري ڊگهي سفر کان پوءِ به تربرابر ٿڪ نه پيا محسوس ڪريون. جهڙو ہنپهرن جي آرام ڪانپوءِ ماڻهو اٿي اچي لان ۾ وينو آهي. اسانکي هت پهرئين هڪ پرفيوم (Perfume) فئڪٽري گهماياٺون. تنهن کان پوءِ پرسان ئي ريسٽورانٽ تان ڪجهه ڪائي پي پوءِ اڳتي سفر لاءِ اسهڻو آهي. اسان وٽ ترسڻ لاءِ هت صرف هڪ ڪلاڪ آهي. سو پهرئين پرفيوم فئڪٽريءَ ۾ وياسين. جت فئڪٽري ۾ رسيپشن تي وينل هڪ ڇوڪريءَ اسانکي سڄي فئڪٽري گهمائي ۽ پهرئين کان آخري مرحلي تائين پرفيوم ٺهڻ کان اڳ ڪهڙن مرحلن مان گذري, پوءِ ٺو پرفيوم ٺهي, سو سڀ ڏيکاريائين ۽ سمجهايائين. سمجائڻ جي شروعات گلن جي انهن پنکڙين سان ڪيائين,جيڪي ننڍڙن ڪنٽينر (Container) ۾ پيسي رهيون هيون.

تنهن کان پوءِ ڪري ڦل وانگر ٽانون ۾ ٺهي رهيا هئا ۽ ائين سمجهائيندي سمجهائيندي بلڪل آخر ۾ اسان سيني کي هڪ هڪ تمام ننڍي سائيز جي پرفيوم جي شيشي گفٽ طور پڻ مفت ۾ ڏنائين.

اسانجي گائيڊ ٻڌايو ته هن پرفيوم ۾ جيڪي گل ۽ جڙي ٻوٽيون استعمال ٿيون, سي تقريبن دنيا جي ويهه پنجويهه ملڪن مان هتي اچن ٿيون, جنهن ۾ هندستان به شامل آهي. هندستان مان چندن جي وڻ جي ڪا جنس پي ٻڌاياڻون. مون انهيءَ جي باري ۾ گائيڊ کان ٻيهر پڇيو پر ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. پاڻ ٻڌايائين ته اسانجي هن فئڪٽري جا نقل پرفيوم سڄي دنيا ۾ ملن ۽ اسان اهو ڏسيو به ماٺ ڪريو وينا آهيون, ڇو ته اسان ڪجهه ڪري ڪونه ٿا سگهون. پوءِ شريف ماڻهو وانگر ته ادا چپ آهي پلي. سو هي همراهه به انهيءَ اصول تي گامزن آهن. ٻڌاياٺون ته اسان جون اهڙيون ٻيون به به فئڪٽريون آهن. اسان جي هيڊ آفيس پئرس ۾ آهي. اسان سان گڏ ٻيا سياح به ڪافي تعداد ۾ هئا, آخر ۾ سياحن وڏي تعداد ۾ هتان پرفيوم جي خريداري ڪئي. اسانکي ٻڌاياٺون ته توهان جي هن خريداري ۾ لوڪل سيلز ٽيڪس شامل آهي. پوءِ جڏهن توهان فرانس ڇڏيندا ته ات قائم ڪسٽم چيڪ پوسٽ تي هيءَ پرچي ڏيکاريندا ته توهانکي لوڪل سيلز ٽيڪس جا پئسا اهي چيڪ پوسٽ وارا واپس ڪندا, اسانکي نقلي پرفيوم جي خريداريءَ کان بچڻ لاءِ هڪ ڪتابچو به ڏنائون, ڪافي سمجهاڻي به ڏنائون پر اسان

ان طرف ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. چو تہ اسان هن قسم جو پرفيوم پهريون پيرو ٿي خريد ڪيو نہ تہ پنهنجي ملڪ ۾ هرڪو ماڻهو استعمال ٿيل يا ٻڌل سٽيل ئي پرفيوم خريد ڪري، سو ڪير وٺنو نالا ياد ڪندو.

هي حسين ڳوٺڙا ايز ۽ ٽربي (Eze and Trabie) هڪ نہ پر بہ جدا جدا ڳوٺ آهن، جن جي پنهنجي جدا جدا حڪومت ۽ سجاڻپ آهي. اهو توهانکي سڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ نہ صرف ڳوٺن ۾ پر شهرن ۾ بہ نظر ايندو. بظاهر شهر تہ هڪ آهي پر خبر پوندي تہ اهو هڪ نہ پر بہ شهر آهن. مثال طور آمريڪا ۾ سئن فرانسسڪو شهر ۾ ئي برڪلي جو شهر بہ آهي. پاڻ وٽ سنڌ ۾ اهڙو صرف هي مثال آهي، يعني حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي ٻنهين شهرن جي وچ ۾ صرف سنڌو درياءَ جي پل آهي. اهڙيون پليون تہ ڪافي بين شهرن جي وچ مان گذرن ٿيون پر هت شهر بہ بہ ٽي ويا. سو هي ايز ۽ ٽربي بہ ائين آهن.

هي ننڍڙا ڳوٺ هڪٻئي کان چار ميل پري هئڻ جي باوجود منجهن وڏ ۾ وڏ هڪجهڙائين جي بنياد تي فرينچ ٽوئرسٽ ڪامورن طرفان هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ متعارف ڪرايا ويندا آهن. اهي ڳوٺ پيرس کان 585 ميل ڏکڻ طرف ۽ نيس (Nice) شهر جي اتر اوپر ۾ 7 ميلن جي مفاصلي تي نهايت سهڻين ٽڪرين جي چوٽين تي جاگيرداري مورچابند ڪوٽن جي صورت ۾ يورپي تاريخ جي وچئين دور ۾ سامونڊي ڌاڙيلن جي حملن کان بچاءُ وٺڻ لاءِ اڏيا ويا هئا. هتان پراويس شهر جو ساحل چڱي طرح ڏسي سگهجي ٿو.

هنن ڳوٺڙن جي چوڌاري موجود ننڍين ٽڪرين تي ملڪ جي سرد علائقن جي رٽائر ڪامورن نهايت دلڪش جايون جوڙايون آهن. جيڪي سن 1950ع کان پوءِ تعمير ٿينديون رهيون آهن. هي ڳوٺڙا مالي ۽ ثقافتي طور شهر موناڪو سان منسلڪ آهن. هتي ٻنهي ڳوٺن جي آبادي 3000 کن مس ٿيندي. سندن مکيہ علائقن ۾ آرٽ گيلريون ۽ عجائب گهر پڻ قائم ڪيل آهن. هنن ڳوٺن ۾ مختلف ڪاريگرن جا دڪان پڻ قائم ڪيل آهن. جتان پرفيومن کانسواءِ بيو بہ گهڻو ڪجھ خريد ڪري سگهجي ٿو.

ايز ڳوٺ جي مکيہ خصوصيت هتي ٻاهرين وڻن ۽ ٻوٽن جو سهڻو باغ آهي. جيڪو ڳوٺ جي سڀ کان وڏيڪ اوچي ٽڪري، جن چوٽيءَ تي بيحد خوبصورت انداز ۾ پوکيل آهن. انهيءَ باغ کي (Jardin Exotique) سڏيو وڃي ٿو. اتي هڪ تمام وڏي پرفيوم فيڪٽري بہ آهي.

لاتر بي ڳوٺڙي ۾ رومي شهنشاھ آگستس (Augustus) جي فتح جي يادگار Trophee des Alps جا کنڊر موجود آهن. اها يادگار سن 6 ق. م ۾ تعمير ڪئي وئي هئي.

هن يادگار جي ويجهو ئي هن يادگار بابت عجائب گهر پڻ قائم ڪيو ويو آهي. سڄي يورپ ۾ پوءِ اهو وڏو شهر هجي يا ننڍڙو ڳوٺڙو پر توهانکي آرٽ گيلري، عجائب گهر، راندين جا ميدان ۽ وڏا سهڻا پارڪ ضرور ملندا. اسان جيڪي هي شهر گهمي رهيا آهيون، سي تمام ننڍڙا ڳوٺڙا آهن پر هت بہ توهانکي عجائب گهر ، آرٽ گيلري، راندين جا ميدان ۽ لاجواب باغ باغيچا چوطرف نظر ايندا. يورپ ۽ آمريڪا ۾ توهانکي شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ڪوبہ فرق نظر نہ ايندو. پر پاڻ وٽ سنڌ ۾ شهر وچن ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندا ۽ ٻهراڙيون وچن ويران ٿينديون. روڊ رستا ٽٽن تہ سالن جا سال مرمت ئي ڪونہ ٿئي. پاڻ وٽ شهرن جي ماڻهن کي روڊ، بجلي، اسڪول، ڪاليج، اسپتال ۽ صاف پاڻي مطلب تہ هر سهولت ڄائي ڄمندي حقي حاضر ملي، پر انهيءَ جي ابتڙ اسانکي ٻهراڙي ۾ انهن گهرجن جي حاصلات لاءِ سڄي زندگي صرف ٿي ڪرڻي پوي، انهن سهولتن جي فرقن جي ڪري اسان جون گهرجون هڪ محدود دائري تائين بيهي رهن. ۽ اسان جي ننڍڙي سوچ جي عڪاسي ٿو ڪري. ڳوٺ جي ڪنهن سادي سودي الله لوڪ انسان کي ڪنهن ٻڌايو تہ فلاڻي شوگر مل جو مالڪ ڪروڙين روپيا ٿو ڪمائي. انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ تي ان همراهہ تمام گهڻي سوچ ۽ فڪر کان پوءِ چيو تہ ابو پوءِ تہ هو کائيندو بہ رڳو ڳڙ هوندو. غريب مسڪين مارو ماڻهو جنهن لاءِ ڳڙ کائڻ بہ حد درجي جي عياشي آهي.

سو اسان وٽ ٻهراڙيءَ ۾ غربت وچي ڏينهون ڏينهن وڌندي. پر آمريڪا ۽ يورپ ۾ شهر ۽ ٻهراڙي جو هاڻ ڪو تصور ئي ڪونہ رهيو آهي.

آمريڪا ۾ تہ هاڻ شهرن جي آدمشماري وچي گهٽجندي ۽ ٻهراڙين جي آدمشماري وچي وڌندي. توهان ٽيهہ سال اڳ جا انگ اکر ڏسندا تہ انهيءَ جي ڀيٽ ۾ اڄ نيويارڪ شهر جي آدمشماري گهٽ آهي. پر پاڻ وٽ ٽيهہ سال اڳ جيڪا ڪراچيءَ جي آدمشماري هئي، انهيءَ کان اڄ ٽيڻي آهي.

اسان پرفيوم فئڪٽريءَ کان ٻاهر نڪري پر واري ڀي پهاڙي تي هڪ ريسٽورانٽ ۾ ڪجهہ هلڪو ڦلڪو کاڌو ورتو مون ۽ منا فش فراءِ کاڌو. نور ۽ ونود صرف آئس ڪريم ورتي. سڀ سياح اچڻ کان پوءِ اسان بس ۾ چڙهي هيٺ پهاڙن تان لهي پنهنجي منزل نيس ڏانهن روانا ٿياسين. جيڪا هتان ٿوري ئي پنڌ تي هئي.

جئين جيئن شهر ويجهو ٿي آيو ٿيئن ٿي رستي جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو نظر آيو. اسان فرينچ موٽر وي ڇڏي هاڻ نيس ستي گورنمينٽ جي حدن ۾ داخل ٿي رهيا هئاسين. نيس شهر بہ هڪ خوبصورت پهاڙي تي اڏيل آهي. جنهنجي ٻن طرفن کان سمنڊ آهي ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي هر وقت سياحن جون

رونقون لڳيون پيون آهن. هت ڏينهن کان وڌيڪ رات جو رنگينيون آهن. ڇو ته سڄي بيچ تي تمام پاورفل سرچ لائيٽون لڳل آهن. جنهن جي روشنين ۾ سياح ڏينهن رات پيا موجون ماڻين.

اسان به شهر مان گهمندا ڦرندا اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. هوٽل جو نالو آگاتا (Agata) هو. مون اڳ ۾ به ذڪر ڪيو آهي ته ٽوئر وارا اهڙي نموني پروگرام رکندا آهن. جو اسانجي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي اسان لاءِ هر شيءِ حقي حاضر رکي آهي. صرف اسانجي پهچڻ جي دير آهي.

اسانجي گائيڊ ٻڌايو ته توهانجو اڄ جو آپشنل پروگرام Monte Carlo by night with Dinner مونٽ ڪارلو رات جو سير. ڪاڏي سميت تقريبن ڇئن ڪلاڪن جو پروگرام آهي ۽ هينئر شام جا ساڍا ست ٿيڻ وارا آهن. جلد تيار ٿي هيٺ اچو سو جي پاڻ ساڍي اٺين ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪرون ۽ ٻيا چار ڪلاڪ ڳنڍيون ته وڃي ٽيا رات جا ساڍا ٻارهن. ۽ سڀاڻي به پاڻ کي صبح جو سوير يعني تقريبن ساڍي ستين بجي هوٽل ڇڏي ٻاهر ٽوئر لاءِ هلڻو آهي. سو توهان مهرباني ڪري جلد تيار ٿي اچو.

مون انهيءَ گائيڊ کي ڏسي دل ئي دل ۾ سوچيو ته يار تو شايد زندگيءَ ۾ ڪنهن سان پيار ڪونه ڪيو آهي. نه ته راتيون جاڳڻ جون ڪئين ڳالهيون ڪرين ها. پيار, محبت ۽ پيڙا ۾ ته مزو ئي ڏک ڏولاون ۾ آهي ۽ راتين جون ننڊون ڦٽائڻ به ان جو هڪ حصو آهي ۽ مونکي نيس ۾ به ميون شاهه عنايت جو هي شعر خودبخود چپن تي اچي ويو:

حسن حبيبن جو پسين جي پيهي،

ته توکي سيئي، ٻيون وڃن وسري.

راتيون جاڳڻ وارو وقت ئي ته اسان جي سڄي زندگيءَ جو سرمايو آهي. جنهن سهاري باقي زندگي انهن جي يادن ۾ خود به خود گذريو وڃي. انهن يادن جو اڻمٽ خزانو ئي آهي. جيڪو باقي جيون جي جوت جرڪائي ٿو. زندگيءَ جو اهو دور به عجيب آهي ڪاٻه خبر ڪانهي ته ڇا پيو ٿئي. صرف مرشد سائين جو هي شعر ياد ٿو اچي:

سر لوهيڙا ڳيا, ڪسر نسريا,

تو ڪيئن وسريا, ڍوليا ڏينهن اڇڻ جا.

سو يورپ ۾ نه سر لوهيڙا ڳيڄن, نه ڪسر نسرن, سو هنن يارن کي ملڻ جا ڏينهن به وسريو وڃن, ۽ راتين جو ته يورپ جا ماڻهو گهڻو ڪري هوش ۾ ئي ڪونه هوندا آهن, سو تن کي پرين جي پچار جي ڪهڙي پروڙ. هت ته مومل نه سهي سومل ئي سهي واري لڪا, لڳي پئي آهي. فور محمدس Four Mohd's جي سڏ تي ڌيان واپس نيس جي وادين ۾ پهچي ويو. يڪدم رسيپشن تي ويس ته رسيپشن واري ڇوڪري

ڪمري جون چاٻيون ڏيڻ کان اڳ چاٻين جي باري ۾ طويل سمجهاڻي ڏني تہ چاٻي ڪمري جي لاڪ ۾ وجهندا تہ رموٽ ڪنٽرول وانگر هن جي پٽ ۾ هي ننڍي بتي خودبخود ٻرندي. پر جي بتي نہ ٻري تہ معنيٰ چاٻي لاڪ ۾ صحيح طريقي سان نہ پئي آهي، ۽ چاٻي ڪڏي وري ٻيهر لاڪ ۾ وجهو پوءِ جڏهن چاٻي جو بلب ٻري تہ چاٻيءَ ۾ لڳل بٽڻ کي هيٺ دٻائي ٿوري دير ٻيهبو تہ لاڪ ۾ لڳل بتي ٻرندي پوءِ توهان در کوليو نہ تہ دروازو کونہ کلندو. مون تہ ڳالهہ ئي ڪانہ سمجهي. پر پير ۾ ٻيٺل نور چيو Ok ۽ اسان چاٻيون وٺي پنهنجي ڪمرن ڏانهن روانا ٿياسين. اسان ڪمري ۾ سامان رکي تيار ٿي هيٺ آياسين تہ اسان جي گروپ وارا سڀ هوٽل لابيءَ ۾ ويٺل هئا.اسان هڪ ڪئنيڊين جوڙي جي پرسان وڃي ويٺاسين. ٻئي زال مڙس وڪيل هئا ۽ سڄي ٽوئر ۾ ڪنهن سان بہ ڪونہ ڳالهائيندا هئا. گهڻو ڪري ٻئي زال مڙس ڪتاب پڙهندا رهندا هئا.هينئر بہ هنن جي هٿن ۾ ڪتاب هئا. مون ساڻن ڪئناڊا جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. اسان کي سٺي نموني ٻڌو ۽ ان بابت ڄاڻ ڏني. اسان اجان پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هئاسين تہ اسان جو گائيڊ پهچي ويو ۽ اسان کي ساڻ ڪري اچي بس ۾ چاڙهيائين ۽ رات جي ٽوئر بابت ڪجهہ بريف ڪيائين. جيئن تہ اسان ڏينهن جو آيا هئاسين، انهيءَ ڪري رات پنهنجا پرڙا نيس ۾ وڇائي ڇڪي آهي ۽ نيس جون روشنيون جڳ مڳ جرڪي رهيون آهن. شهر کان وڏيڪ سمنڊ ۾ روشني نظر اچي رهي آهي، جنهن جي ڪپرن تي نجاڻ ڪيتريون پاورفل سرچ لائيٽون لڳل آهن.

نيس، ڪينس ۽ پئرس دنيا جا اهي حسين، امير ۽ مشهور شهر آهن، جت آمريڪن سياح تمام وڏي تعداد ۾ ٻارهين مهيني اچن، نہ تہ آمريڪن فرينچن وانگر گهڻو ڪري ملڪ کان ٻاهر سياحت تي گهٽ وڃن. پر هو وينس ۽ فرانس ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ گهمڻ ڦرڻ وڃن ٿا. مون گهڻو ڪري سڄي دنيا ڏٺي آهي. پر ملڪن ۾ ملڪ آمريڪا، شهرن ۾ شهر پئرس ۽ حيران ڪندڙ شهر وينس مونکي لڳو.

اسان جي بس شهر مان گهمندي ڦرندي اچي هڪ پرفضا جڳهہ تي بيٺي، جتان شهر جو نظارو ڏاڍو سهڻو لڳي رهيو هو. ٻن طرفن کان سمنڊ جو نظارو جنهن ۾ شهر روشنين ۾ جرڪي رهيو هو. رات هوندي بہ سمنڊ ۾ ڪوڙ بوٽس سياحن سان ڀريل گهمي ڦري رهيون هيون. اسان هت ڪافي فوٽا ڪڍيا. ٻيا سياح بہ هيڏانهن گهمي رهيا هئا. جوڙا (Couples) ڪنڌن پاسن ۾ روح رهاڻيون ڪري ۽ هڪٻئي کي چمي چٽي رهيا هئا. يورپ ۽ آمريڪا ۾ kiss ڪرڻ تہ ائين آهي، جڻ تہ هٿ ملائڻ. نہ وري انهيءَ کي ڪو اهميت ڏي.

هت هر ڪنهن انسان جي پنهنجي دنيا آهي. جنهن جي اندر ئي سپ ڪو خوش، نہ ٻين جو فڪر نہ ٻين جي پچار.

نيس (Nice) شهر پيرس شهر کان 577 ميل ڏکڻ طرف رومي سمنڊ جي فرانس واري ڪناري تي آباد آهي. ڪينس شهر نيس شهر کان ڏکڻ اوڀر طرف 20 ميل پري آهي. ڪينس اهو شهر آهي، جت شهيد پٽي جو ننڍو پٽ مير شاهنواز ڀٽو شهيد ڪيو ويو. جيڪو پنهنجي فليٽ اندر شهيد ٿيو هو. ڀٽي خاندن جي قربانين جو تاريخ اندر ڪو مثال نہ ٿو ملي.

اوڻيهين صديءَ دوران امير ۽ برطانيہ جو مٿيون طبقو هن شهر نيس کي گهڻو چاهيندو هو. نيس ڪينس شهر جي ڀيٽ ۾ سستو آهي. نيس ساموندي خطي جو مرڪز آهي ۽ هن پوري علائقي ۾ هيءُ يونانين جو اڏيل قديم ترين شهر آهي. هن شهر کي يوناني نائيڪ Nike جي نالي سان سڏيندا هئا. جنهنجي معنيٰ فتح آهي. هتي سج جي روشني ۽ تپش آزاد فضا سبب هي شهر فنڪارن لاءِ وڏيڪ پرڪشش رهيو. جن ۾ ڊوماس Dumas نيٽزسڪيNietzsche اپولينيئر Apollinaire فلابرٽ Flaubert هوگو Hogo اسٽينڊال Standhal چيٽيو برينڊ Chateau Briand ۽ مسترل Mistral شامل آهن.

هينري ميٽس Henrie Mastisse نيس شهر ۾ پنهنجو گهر جوڙيو. تنهنجو چوڻ هو تہ ”جيتوڻيڪ شهر ۾ روشني يعني تپش گهٽي آهي، تنهن هوندي بہ اهو نفيس ۽ لطيف آهي.“ هتي سال ۾ سراسري طور تي 300 ڏينهن روشن هوندا آهن.

هتي هڪڙو ساليانو ميلو نيس ڪارنيوال Nice Carnaval ڪيٿولڪ عيسائي يورپ توڙي آمريڪا کان اچي ملهائيندا آهن. اهو ميلو فيبروري مهيني ۾ لڳندو آهي. هتي ٻيو ميلو Nice festival du Jazz نالي 11 جولاءِ کان 20 جولاءِ تائين لڳندو آهي.

سن 1822ع ۾ نارنگين جو فصل خراب ٿيو ۽ پورهيتن ڏکيو وقت ڪاٽيو. تنهن صورتحال موجب اتي رهندڙ انگريزن کين شاهراهن، عمارتن ۽ باغ پوکڻ جي ڪم تي لڳايو.انهيءَ منصوبي کي Promenade des Anglasis سڏيو ويو. تنهن موجب ساموندي ڪناري سان شاهي سڙڪ تعمير ٿي. جيڪا وڻن ۽ ٻوٽن سان چانيل هئي ۽ اٽڪل چار ميل ڊگهي هئي. ڪناري جي سامهون هوٽلن ۽ ڪيفيز جون قطارون تعمير ٿيون ۽ انهن سان گڏ ولاز ۾ هڪ ميوزم Musee Massena نالي پڻ جوڙيو ويو. مٿين جاين مان ڪجهہ اجان چڱي حالت ۾ آهن. هن وڻن سان چانيل شاهراهہ تي هلندي دنيا جا بيحد پرڪشش مجسما ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي پتل جا ٺهيل آهن. انهن کي سمنڊ ۾ وهنجڻ لاءِ

استعمال ٿيندڙ مختصر ڪچا پيل آهن ۽ سمنڊ ڏانهن ويندي محسوس ٿين ٿا. انهيءَ هنڌ ساموندي ڪنارو ڪاٺ جي تختن سان آراستہ آهي. اتي ٿهيل حمامن ۾ سمهڻ ۽ ليٽڻ لاءِ بسترا بہ موجود آهن. پرومينيڊ شاهراهہ تي قائم نيس شهر جون بهترين هوٽلون ۽ ريسٽورانٽ آهن. جن ۾ مڇيءَ ۽ پاڇين مان تيار ڪيل خاص سوپ Bouilla baisse ڏاڍا مشهور آهن. پر انهيءَ کان وڌيڪ مشهور فرانس جو چڪن اونين سوپ Chicken Onion Soup آهي.

هتي موجود ٽڪريءَ تي Le Chatean نالي هڪ محل جا آثار ملندا. انهيءَ کي 1706ع ۾ ڊاهيو ويو هو. انهيءَ ٽڪري تي هڪڙو عاليشان پارڪ لڳايو ويو آهي.

لي چيٽيو جي اترئين حد وٽ شهر جو مشهور قبرستان آهي، جتي ڪمال نفاست سان گهڙيل ڪيترائي مجسما ٿهيل آهن. انهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو هتي اچن ٿا. هتي هڪڙو بحري ميوزم Naval Museum بہ ڏسڻ وٽان آهي. راڪ پارڪ ۾ وهندي ساموندي ساحل، ٻي حد پراڻو شهر حيرتناڪ ويجهن بنگلن جا صحن ۽ اڱڻ بہ اکين اڳيان هوندا آهن. هتي واري ميوزم ۾ جان آف ارڪ جي يادگار ڪهاڻيءَ جا پراڻا پنا بہ پيا آهن. جن ۾ جاڻايل آهي تہ سن 1 543ع ۾ محاصري دوران هوءَ سپاهين کي چوڙيون ڏيکاري سندن غيرت کي جاڳائيندي هئي ۽ اهي وڌيڪ جوش سان وڙهندا هئا.

هي ميوزم جون کان سيپٽمبر تائين اربع کان آچر تائين صبح 10 بجي کان 12 بجي منجهند ۽ 2 بجي کان شام ستين بجي تائين کليل رهندو آهي داخلا في بالغن لاءِ 3 ڊالر يعني 15 فرانڪ ۽ شاگرد لاءِ 1.80 ڊالر يعني 9 فرانڪ مقرر آهي.

نيس شهر جو بندر جتان ٻيڙيون ڪورسيڪا ٻيٽ ڏانهن ماڻهو کڻي وڃن ٿيون، اهو بندر 1750 ۽ 1830 جي وچ ۾ کوٽي تيار ڪيو ويو. هن بندر ۾ ٻيڙين جا بہ گهاٽ يا پتڻ Jettie تعمير ڪيا ويا آهن. شهر جي پراڻي ۾ گهٽيون سوڙهيون آهن، هتي جاين جي طرز تعمير اٽلي نما آهي. شهر ۾ گلن جي مارڪيٽ بہ ڏسڻ وٽان آهي. هتي اڱاري کان آچر تائين منجهند جو مال گڏ ٿئي ٿو ۽ شام تائين واپار ۾ تيزي ٿئي ٿي. هتي ڪيترن ئي قسمن جا گل اچن ٿا.

شهر جو واپاري مرڪز پليس ماسينا Place Massena سترهين صديءَ جي طرز تعمير جو حامل آهي ۽ انهيءَ مرڪز کي گلابي رنگ جو پينٽ ٿيل آهي. شهر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي عجائب گهر آهن.

اسان هتان ٿي انهيءَ هوٽل تي آياسين جت اسانکي ٽوئر وارن رات جي ماني کارائي. هوٽل تمام مٿي هڪ ٽڪريءَ تي هئي. اسان هوٽل اندر نہ پر ٻاهر ويٺاسين. جتان هيٺ سڄو شهر ۽ ان جو خوبصورت نظارو صاف نظر اچي رهيو هو. شهر ۾ هلندڙ ٽريفڪ پڻ نظر اچي رهي هئي. اسان کي ماني ۾ ٻهرئين

چڪن اونين سوپ ڏنائون. انهيءَ کان پوءِ ڪيٽرن ئي طعامن تي مشتمل فرينچ اسٽائيل جي ڊنر ڪارايائون، جنهن ۾ مانيءَ سان گڏ ٻن قسمن جا سلاد پڻ ڏنائون. جيڪي ڏاڍا لذيذ هئا. آخر ۾ سوئيٽ ڊش ڏنائون،جنهن ۾ ڇانهين ۾ گدري جي ٽڪرن سان گڏ ڪافي تعداد ۾ انگور به پيل هئا. اسان ڪا به شيءَ ڪانه بچائي سپ ڪائي وياسين. ماني کائڻ کانپوءِ اسانکي هاڻ موناڪو جي ڪيسينو ۾ وڃڻو هو. جنهن جون ڳالهيون ٻڌي سدائين شوق ۽ تجسس رهندو هو ته ڪڏهن اهو به ڏينهن ايندو جو موناڪو جي گادي مونٽوڪارلو جي نائيٽ ڪلبن ۽ ڪيسينوئن ۾ راتيون گذرنديون. پر رب جي رضا جواچ مونسان گڏ منهنجي گهر واري ۽ پٽ نور به آهن انهيءَ ڪري اميد ته وڌيڪ Enjoy ڪبو.

اسان کي ڪلاڪ کن ڊنر ۾ ڪلاڪ کن شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ ۾ لڳو ۽ اسان وٽ هٿ گهمڻ لاءِ به ڪلاڪ هئا. پر جڏهن ماحول ۾ هي سڀ ڪجهه ڏٺوسين ته دماغ ئي چڪرائجي ويو. اسان بس مان هيٺ لهي پهرئين ماحول جو جائزو ورتو ۽ هٽ اسان موناڪو جي باري ۾ ڪيسسيپو ٻاهران لڪيل تعارف به پڙهيو جيڪو ڪجهه هن ريت آهي ته. ڪيٽرين هيپبرن هڪ دفعي موناڪو بابت چيو هو ته ”اهو فرانس ملڪ جي ڏڪڻ ۾ فرانس جي ڳاڏيءَ تي هڪ ٽڪو آهي.“ ائين چوڻ ۾ سندس مقصد شهر جي حسن جي ڪميءَ ڏانهن اشارو ڪونه هو پر سندس جاگيرداريءَ ذهن واري سوچ موجب اهو تمام ننڍو شهر يا رياست آهي. حقيقت ۾ اهو شهر ٽن طرفن کان فرينچ رياست جي سرحدن سان گهيريل آهي، باقي هڪ طرف کان رومي سمنڊ اٿس. انهيءَ هوندي به هڪ آزاد رياست جي حيثيت سان پنهنجو وجود برقرار رکيو پيو اچي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته موناڪو جا شهري ڪو به محصول ڪونه ڏيندا آهن، رياست جي سموري آمدني جو مکيه وسيلو سياحت ۽ جوئا آهي. موناڪو پنهنجي راڄڌاني مونٽي ڪارلو سميت گذريل پوريءَ صديءَ دوران دنيا لاءِ ڪشش جي علامت طور مشهور رهيو آهي. موناڪو جي شهزاري رينيئر ٽين (جيڪو اڄا اڻپڙهيل هو) 1956 ع ۾ مشهور آمريڪي اداڪاره گريس ڪيلي (Grace Kelly) سان شادي ڪري ملڪ جو مان اڄا وڌايو. شاهي جوڙي کي 1957ع ۾ ڪيرولين Caroline نالي ڌيءَ ڄائي ۽ ان کانپوءِ البرٽ (Albert) نالي پٽ به پيدا ٿيو.

1918ع ۾ هڪ معاهدو ٿيو جنهن موجب فرانس جي زير حفاظت موناڪو آزاد رياست طور برقرار رهندو ۽ حڪمران گهراڻو به پسمنظر ۾ رهندو. جڏهن ته البرٽ اڄا تائين ڪنوارو آهي. جنهن ڳالهه جي ڳٽتي موناڪو جي سمورن شهرين کي آهي.

1982 ع ۾ هڪ ڪار ۾ سفر دوران گريس ڪيلي حادثي ۾ گذاري وئي.

موناڪو 1297ع ۾ گريمالڊي قبيلي جي جينوئيز خاندان جي ملڪيت ٿي پيو. انهيءَ وقت کان وٺي زماني جي گهٽ وڌائين ساڻ هوندي به پنهنجي آزاد حيثيت برقرار رکندو اچي. 1793ع ۾ فرانس وارن هن کي پاڻ سان ملائي ڇڏيو پر موناڪو حڪمران خاندان 1814ع ۾ وري آزاد حيثيت حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ وقت جو شهزادو پيرس جي مزن کان پاڻ کي جدا ڪري نه سگهيو.

يورپي ڪارن جي ڊوڙ جا مقابلا هر سال هتي ٿيندا آهن. فيبروريءَ مهيني ۾ لي ريلي (Le Rallye) نالي مقابلا ۽ مئي مهيني ۾ گرانڊ پرڪس (The Grand prex) نالي مقابلا ٿيندا آهن. اپريل مهيني جي وچ ڌاري ٽينس مقابلا (Tennis Tournaments) ٿيندا آهن.

موناڪو يورپ ۾ ٻيو نمبر ننڍي ۾ ننڍي رياست آهي جيڪا چئن ڀاڱن تي مشتمل آهي.

1. پراڻو ڀاڱو موناڪو ويل Monaco ville 200 فٽ اوچي ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. هتي شاهي محل ۽ سرڪاري آفيسون تعمير ڪيل آهن ۽ هڪڙو ميوزم به قائم ڪيل آهي. جنهن ۾ سمنڊن بابت تجربن لاءِ هڪ ليبارٽري به قائم آهي.
2. موناڪو ويلي جي اتر اولهه طرف لاڪنڊامين (La Candamine) شهري آباديءَ وارو ڀاڱو سڏجي ٿو. هن علائقي سان بندر ۽ گهاٽ شامل آهن.
3. لاڪنڊا مين علائقي جي اتر واپر ۾ مونٽي ڪارلو ڀاڱو آهي. هي علائقو ڪنهن وقت راندين جو ميدان هوندو هو. ۽ اجا تائين صاحب ثروت حضرات لاءِ سياري جي مند ۾ تفريح جو ماڳ آهي. هتي ڪيسينو ڊيلڪس هوٽلون ۽ بهترين باغيچا موجود آهن.
4. چوٿون حصو فونٽ ويلي (Font Vielli) سڏجي ٿو. هي علائقو صنعتي مرڪز آهي، جتي مختلف قسمن جا ڪارخانا آهن.

حقيقت ۾ مونٽي ڪارلو وارو ساحلي ماڳ فرينچ سرزمين آهي. هي بيچ فلمي اداڪارن ۽ ٻين شوقين ماڻهن جي وندر جو ماڳ آهي. هتي هٽرادو تازي پاڻيءَ وارو تلاءُ ۽ هٽرادو بيچ پڻ ٺهيل آهي. تنهن کانسواءِ اصل سمنڊ ۾ وهنجڻ لاءِ پڻ جوڳو بندوبست ٿيل آهي. اڳوڻي زماني ۾ اونهاري جي مند ۾ ماڻهو موناڪو گهمڻ ڪونه ايندا هئا پر هاڻي صورتحال بدلجي وئي آهي. جولاءِ آگسٽ جي مهيني ۾ به ماڻهن جي ايتري ته پيهه هوندي آهي جو هتي ڪمرو ملڻ به تمام مشڪل ٿيو پوي. هتي مهانگائي تمام گهڻي آهي. مٿيئن صورتحال ۾ موناڪو جا ماڻهو شاهوڪار ماڻهن کي پاڻ وٽ رهائيندا آهن.

هتي جوا به عالمي پئماني جي ٿئي ٿي. هتي جوارين جي ايتري ته رش هوندي آهي جو ٿوري بي خيالي سان ماڻهن جا ڪپڙا ڦاٽي ويندا آهن. هتي جواري پنهنجو الهو تلهو هارائي چرين جي صورت ۾

پڌڪندي نظر ايندا آهن. مونٽي ڪارلو واري ڪيسينو سان وابستا ڪيتريون ئي ڪهاڻيون آهن. هتي فلمن جي جوڙ توڙ بہ ٿيندي آهي. هتي بهترين قسم جا ڊراما بہ اسٽيج ٿيندا آهن.
شاهي محل ۾ هڪ ميوزم بہ قائم ڪيو ويو آهي، جتي نيپولين جون يادگار شيون ۽ موناڪو ميونسپالٽيءَ بابت ڪيترائي نوادرات رکيل آهن. شاهي رهائش گاهہ وارو حصو عوام لاءِ بند هئڻ جي باوجود ان جو ميوزم وارو پاسو عوام لاءِ کليل هوندو آهي. جون کان سيپٽمبر تائين روزانہ صبح ساڍي نوين وڳي کان شام ساڍي ڇهين بجي تائين ۽ آڪٽوبر ۾ 11 نومبر تائين روز صبح 10 بجي کان شام 5 بجي تائين ۽ 17 ڊسمبر کان مئي تائين اڱاري کان آچر تائين صبح ساڍي ڏهين بجي کان رات ساڍي ٻارهين تائين ميوزم گهمي سگهجي ٿو. داخلا في 20 فرانڪ يعني 4 ڊالر في بالغ ۽ 10فرانڪ يعني 2 ڊالر في ٻار مقرر آهي.
هتي جارڊن ايڪسوٽڪ (Jordin Fxotique) نالي هڪ باغ ٽڪريءَ جي هڪ طرف آهي. جيڪو ڪيڪٽس ٻوٽن جي خصوصيت ڪري مشهور آهي. هي باغ البرٽ اول پوڪايو هو جيڪو پاڻ نيچرلسٽ سائنسدان هو.
هتي هڪڙو ميوزم ( Musee d’ anthropotic Prechistorique) نالي سان بہ قائم ڪيل آهي. جون کان سيپٽمبر تائين روزانہ 9 وڳي صبح کان شام 7 وڳي تائين، آڪٽوبر کان مئي تائين 9 وڳي صبح کان شام 6 وڳي تائين، هڪ بالغ لاءِ 40 فرانڪ يعني 8 ڊالر ۽ 6 سالن کان 18 سالن جي هڪ ٻار لاءِ 18 فرانڪ يعني 3.6 ڊالر داخلا في آهي.
موزي ڊي اوشنو گرافي (Musee d’ Oceanographic) نالي هتي هڪ زبردست سائنسي عجائب گهر آهي. جيڪو موجوده شهزادي البرٽ جي پڙڏاڏي البرٽ اول 1910ع ۾ قائم ڪيو هو. مين گيٽ وٽ انهيءَ جو مجسمو نصب ٿيل آهي. جنهن ۾ ڪيس بحري ڪپتان وارو يونيفارم پاتل آهي. البرٽ اول کي پنهنجي 30 سالن وارين مهمن دوران جيڪي ناياب شيون مليون، سي سموريون هن ميوزم ۾ رکيل آهن. تنهن کانسواءِ هن عجيب غريب مڇين جا تلاءُ (Aquariums) بہ ٺهرايا هئا، جن جو تعداد 90 کان بہ وڌيڪ آهي.
هي ميوزم جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ روزانہ صبح 9 بجي کان شام 7 بجي تائين ۽ نومبر کان فيبروري تائين صبح 10 وڳي کان شام 6 بجي تائين کليل رهندو آهي. داخلا في 60 فرانڪ يعني 12 ڊالر في بالغ ۽ 30 فرانڪ يعني 6 ڊالر في ٻار مقرر آهي.

هت پرنس رينيئر (Rainier_III) پنهنجي موٽرڪارن جي پڻ نمائش لڳائي آهي. انهيءَ ۾ اها (Rolls Royee Silver Cloud) ڪار بہ شامل آهي. جنهن ۾ 1956 ع شهزادو ۽ سندس ڪنوار شاديءَ جي ڏينهن سوار ٿي محل ۾ آيا هئا.

ميوزي نيشنل دي موناڪو Musee National de Monaco نالي ميوزم پرنس رينيئر جي زال گريس ڪيليءَ جوڙايو هو.انهيءَ جو نقشو پيرس وارو ”اوپيرا گارنيئر“ اڏيندڙ انجنيئر گارنيئر (Garnier) تيار ڪيو هو. هي ميوزم ايسٽر کان سيپٽمبر تائين روزانہ صبح 10 بجي کان شام 6:30 بجي ۽ آڪٽوبر کان ايسٽر تائين روزانہ 10 کان 12:15 منجهند ۽ 2:30 کان 6:30 شام تائين کليل رهندو آهي. داخلا في هڪ بالغ لاءِ 26 فرانڪ يعني 520 ڊالر ۽ هڪ ٻار لاءِ 15 فرانڪ يعني 3 ڊالر 5 کان گهٽ سالن جي عمر جا ٻار مفت ڏسي سگهن ٿا.

اسانجي بس شهر مان گهمندي ڦرندي اچي مونٽي ڪارلو جي ڪيسينو جي اڳيان بيٺي آهي. ڪيسينو جي پرسان نائيٽ ڪلب ۽ ڪيٽريون ئي اعليٰ معيار جون هوٽلون بہ آهن. انهن سڀني جي وچ ۾ چوطرف ڪيترائي پارڪ آهن. جنهن ۾ رنگبرنگي گل ۽ ٻوٽا نظر اچي رهيا آهن.

اسان ڪيسينو اندر داخل ٿيا سين تہ دروازي تي سيڪيورٽيءَ وارن ونود کي ڪيسينو اندر داخل ٿيڻ نہ ڏنو. چياؤن تنهنجي عمر ننڍي آهي ۽ ملڪي قانون مطابق اسان توکي اندر نٿا ڇڏي سگهون. پنهنجو ملڪ هجي ها تہ ڪنهن ڪاموري يا سياسي ليڊر کان فون ڪرائي جائز ناجائز ڪم ڪڍيو وڃجي ها پر هتي يورپ ۾ قانون کان مٿي ڪير بہ ڪونهي. پر قانون سڀني کان مٿان آهي. سو هاڻ ڪجي ڇا؟ تيسين ونود جيڪو آمريڪا ۽ يورپ ۾ اڳ ۾ ئي پڙهي ۽ رهي چڪو آهي، سو هر ڳالھ کي سمجهي ٿو تنهن يڪدم مونکي چيو انڪل نو پرابلم توهان پلي گهمي ڦري اچو. آئون ٻاهر ٿو هوٽلن جا چڪر هڻان ۽ پارڪ ٿو گهمان ڦران، ونود صرف پنهنجي قد جي ڪري رهجي ويو نہ تہ ونود نور کان وڏو آهي. نور کي ڪونہ روڪياؤن. ڏاڍو افسوس ٿيو تہ هت پهچڻ کانپوءِ بہ ونود هي سڀ ڪجھ Miss ڪري رهيو آهي پر ڪجھ بہ نٿو ڪري سگهجي. ونود سان اهڙو پرابلم يورپ ايندي زيورچ Zurich ايئرپورٽ تي ٿيو هو. پر پاڻ انهيءَ کي ڏاڍي سهڻي نموني سان Face ڪيائين.

آئون هن کان اڳ بہ مليشيا ۾ جينيٽنگ هاءِ لينڊ (Geneting High Land ) مڪائو ٻيٽ ۽ آمريڪا جي شهر لاس ويگاس ڪيسينوز ۾ وڃي چڪو آهيان، هتي ڊرنڪ بلڪل مفت ڏين. ڊرنن جي تعدادا ۾ حور پريون ڪئين پريل جام ڪٽيو هر هر اڳيان حاضر بيٺيون آهن، ڊرنڪ پيئڻ جي ڪا بہ حد ڪانهي. پلي سڄي رات وينا مفت جو ڊرنڪ پيو. جيسين وڃي صبح ٿئي پر هت تہ عام رواجي

اگهن ڪان ٻه چار دفعا وڏيڪ پيسا تي ورتئون ۽ پئگ گهرائڻ شرط ڪانه ڪا ڪلب ڊانسر ڪرسي ويڙهيو اچي پير ۾ وجهي چئي، آئون ٻه توسان گڏ پيئندس. منهنجي لاءِ ٻه هڪ پئگ گهرائي. مون دل ۾ چيو هو ته هت ڪجهه وقت مزا ماڻيندس، پر هي مفت خور ڇوريون اچي وريون، سو پلو انهيءَ ۾ پائنيم ته ٻيلي عبدالحئي ماٺ ڪري هتان ڪسڪ نه ته ڪيسا خالي ٿيڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿيندي. سو اٿي بل وجي ڪائونٽر تي ڏنم ۽ هيٺئين فلور تي اچي منا ۽ نور سان گيمس ۾ شريڪ ٿيس.

هت اچڻ وارا ڪي ته صرف گهمي ڦري شوق پورو ڪري هليا وڃن ۽ ڪي پنهنجي محبوبائن ڪي خوش ڪرڻ لاءِ هت اچي چند گهڙيون گهارين. گهمن ڦرن مزا ڪن ۽ نيٺ رات جي پوئين پهر وڃي پنهنجي گهر يا هوٽلن پيڙا ٿين. پر ڪي يار ته اوستائين موجود هوندا آهن جيستائين وڃي صبح ٿئي يا جيسين پئسا ڪٽن. سو هت ٻه ڪنهن جي هٿن ۾ ته ڪنهنجي ڪيسن ۾ ڪيسينو جي ڪرنسي، ڪيسينوز ۾ عام ڪرنسي نه پر انهن جي پنهنجي ڪرنسي يا ڪوئين ڪرنسي طور استعمال ٿين. جنهن سان ئي دنيا جي هنن وڏن ڪيسينوز ۾ رانديون کيڏيون وينديون آهن.

دنيا ۾ جتي جتي ڊزني لينڊ وارن جون تفريح گاهون آهن، اتي ته انهن تفريحي گاهن ۾ جيڪا ڪرنسي هلي تنهن کي ڊزني ڊالر Disney Dollar چون.

سو عرض پئي ڪيم ته هت ڪجهه وري اهڙا شوقين ٻه آهن جن جي اڳيان ٽوڪرا ڪرنسي جا پريا رکيا آهن ۽ پاڻ اڪيلائي گيمز ۾ لڳا پيا آهن. نه پنهنجي خبر نه دنيا جهان جو هوش. هتي مونٽي ڪارلو ۾ ڪيترن ئي رولو ماڻهن جي باري ۾ ٻڌايائون ته هي حال هنن جا هت جوا کيڏڻ جي ڪري ٿيا آهن.

اسان ٻه فقط هت گهمڻ ڦرڻ جي ارادي سان وندر ڪري رهيا هئاسين. مونکي اسانجي ٽوئر گروپ وارن ۾ هت ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر آيو. ڪيسينوز يا نائيٽ ڪلبن ۾ گهڻو ڪري ڪافي رش رات دير ڪان پوءِ وڌندي آهي. سو هت ٻه جيئن پوءِ تيئن رش ۽ رنگينيون وڌنديون وڌنديون پوءِ ڏسندي ڏسندي بي انتها رش ٿي وئي. سو اسان ٻه هاڻ ٻاهر نڪرڻ واري ڪئي.

ڪيسي هين مغرور حسينائون ڪي برفاب سي جسم،

ڪه گرم هاٿون ڪي حرارت سي پگهل جاتي هين.

ڪافي تعداد ۾ ٽُوئرسٽ بئنچن تي ويٺا هئا ته ڪي ڇپر تي ليٽي هڪٻئي سان ڳر لڳي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. نور ۽ ونود پارڪ ۾ تلندي تلندي ڪافي اڳتي نڪري ويا. آئون ۽ منا لان تي ليٽي

پياسين ۽ ڪافي دير تائين اتي پيا هئاسين. اسانجي مٿان هڪ ڏگهو وڻ بيٺو هو جنهن مان شوخ ڳاڙها گل ۽ انهن جون پنکڙيون ٿڌي هوا تي ڇٽي اسان جي مٿان ڪري رهيون هيون.

موناڪو ۾ بهار جي مند اسان مٿان گلن جي ورڪا ڪري رهي هئي سامهون ڏٺم ته بورڊ تي لکيو پيو هو ته گل پٽڻ منع آهي ۽ مونکي ننڍي هوندي ڏٺل فلم (Wind can not read) ياد اچي وئي. پري بئنچ تي نور ۽ ونود کي ويٺل ڏٺم. اسان لان تان اٿي انهن ڏانهن وياسين انهن ٻڌايو ته ڪافي وقت کان بس ۽ بس وارا توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. اسان تڪڙا تڪڙا وڃي بس ۾ ويناسين. بس ۾ سياح ويٺل نظر آيا صرف اسان جي اچڻ جي دير هئي. اسانجي سيٽ تي ويهڻ شرط بس هلڻ لڳي.ڪافي دير تي چڪي هئي پر موناڪو جي شاهراهن تي رش جيئن پوءِ تئين وڌي وئي.

اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ حسين رات جو اضافو ڪندا. چوطرف طلسماتي نظارن کي ڏسندا پنهنجي هوٽل ڏانهن وڃي رهيا آهيون. منا اڄ رات جو زريءَ سان پريل گندي پاتي هئي. اها گندي يا رئو گهٽ پر چادر وڌيڪ نظر اچي رهي هئي. جنهن تي بهترين ذريءَ سان گل ۽ پرت پريل هو. جيڪا ڪيس ڏاڍي خوبصورت ٿي لڳي. سمورن سياحن ۽ موناڪو جي ڪيسينو ۾ موجود ماڻهن جي نظر مٿس هئي. ڪيترين عورتن ان بابت سوال جواب به ڪيا. ذريءَ سان پريل اهو پرت ڪوڙ سارن رنگن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ جرڪي رهيو هو. جيئن چنڊ جي روشنيءَ ۾ چنديءَ جي پنن تي بين گلن کان وڌيڪ چمڪ ۽ سونهن هوندي آهي. تيئن منا جي مٿي تي اوڍيل ذريءَ جي هن گنديءَ تي پڻ رنگين روشنين جي جهرمر سيني کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري رهي هئي ۽ مٿس چڻ ته چانڊاڻ جي روشنيءَ جي ورڪا ٿي رهي هئي. پاڻ ڏاڍي سهڻي نموني سان گنديءَ کي پنهنجي بدن تي اوڍي رکيو هئائين.

اسانجي بس هوٽل جي اڳيان اچي بيٺي. اسان سڀ سياح هيٺ لٿاسين.هيٺ بيون به چار پنج سياحن جون بسون بيٺيون هيون ۽ ڪيتريون بسون پڻ هڪ ٻئي پٺيان اچي رهيون هيون. سيئي نيس گهمي ڦري پنهنجي هوٽل تي اچي رهيا هئا. اسان هوٽل لابيءَ ۾ داخل ٿي رسيپشن تي ويٺل ڇوڪريءَ کان چابي ورتي. جنهن منٺڙي مرڪ سان اسان کي ڪمرن جي چابي ڏني ته منهنجو هٿ سندس ريشمي هٿڙي کي ڇهي ويو. سندس نرم هٿڙو گرم هو. پاڻ تيز تيز لکي رهي هئي. انهيءَ سان به هٿ گرم ٿيو وڃي. يا سندس شرير جي گرمائش اجا ٿڌي ڪانه ٿي هئي. پر يورپ جي آزاد معاشري ۾ بدن جون برفون ڳرندي دير ئي ڪانه ٿي ٿئي.

اسان چابي وٺي ڪمري جو دروازو کولي جلد ئي سمهي پياسين. ڇو ته اڄ سڄو ڏينهن ڏاڍو مصروف گذريو هو ۽ صبح سوير به اڳتي جي منزل ليون شهر ڏانهن اسهڻو هو.

اسان صبح جو سوير اٿي تيار ٿي پنهنجو سامان ڪمري ٻاهران رکي هيٺ ڊائيننگ هال ۾ آياسين، جت نور ۽ ونود اڳواٽ بريڪ فاسٽ ڪري رهيا هئا ۽ اسن پنهنجو بريڪ فاسٽ پليٽن ۾ وجهي اچي هنن وٽ ويناسين. اهي بہ گذريل رات جي پروگرام تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا هئا تہ رات ڏاڍو مزو آيو. هت گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو رهڻ گهرجي ها. مون کين چيو تہ، توهان اڄ صرف فرانس جو هڪ شهر نيس ڏٺو آهي. پر فرانس جو هر ڳوٺ، ماڳ ۽ شهر ايڏو ئي خوبصورت ۽ نفيس آهي. جهڙو نيس ۽ موناڪو ائين سمجهو تہ فرانس سڄي دنيا جي فيشن، عيش عشرت، سونهن سوڀيا، نفاست، ۽ نزاڪت ۾ پهريون نمبر آهي. نہ صرف انهن ڳالهين ۾ پر صنعت ۽ واپار ۾ بہ دنيا ۾ مکيہ حيثيت جو مالڪ آهي.

يورپ ۾ جرمنيءَ کان پوءِ ٻيو نمبر مکيہ صنعتي ملڪ آهي ۽ سڄي يورپ ۾ گهٽي کان گهٽا سياح هن ملڪ ۾ اچن ٿا جيڪي تعداد ۾ ساڍن ڇهن ڪروڙن کان بہ مٿي آهن. يعني فرانس جي آدمشماريءَ کان بہ زياده ماڻهو هت اچن. پئرس شهر سڄي يورپ ۾ آدمشماريءَ جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏو شهر آهي ۽ سڄي دنيا ۾ وڌ کان وڌ سياح جنهن شهر ۾ اچن سو شهر بہ پئرس ئي آهي. سڄي دنيا ۾ وڌ کان وڌ وائين هت ٺهي. اڄڪلهہ جي دنيا جو پهريون نمبر پئسينجر هوائي جهاز ڪنڪارڊ ۽ ايئر بس بہ فرانس جي پيداوار آهن. هاڻ آمريڪا سان گڏ سپر تيل جي کوٽائي، ايئرپورٽ، زير زمين رستا ۽ ريل جون پٽڙيون، سافٽ ويئر، سيٽلائيٽ، مواصلات، اليڪٽرانڪ سول انجنيئرنگ جي ٽيڪنالاجي پڻ هتي ترقي يافتا آهي ۽ صنعت جي لحاظ کان دنيا ۾ مکيہ ملڪ آهي. روس آمريڪا کانپوءِ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو ائٽمي مرڪز پڻ هتي آهي. هتان جي وڏي تعداد ۾ توانائي ائٽمي بجلي گهرن تي هلي.

پاڪستان کي ائٽمي پلانٽ بہ فرانس ڏنو هو جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي وقت ۾ حاصل ڪيو ويو هو ۽ پڻ معاهدي مطابق فرانس کي ٻيو ائٽمي پلانٽ پاڪستان کي ڏيڻو هو پر شهيد ڀٽي جي شهادت کانپوءِ فرانس جي حڪومت ان وقت جي مليٽري ڊڪٽيٽر ضياءَ الحق کي ٻيو ائٽمي پلانٽ نہ ڏنو ۽ فرانس پاڪستان سان اها ائٽامڪ ڊيل ئي ختم ڪري ڇڏي. سڄي يورپ ۾ گهٽي ۾ گهٽا مسلمان بہ فرانس ۾ رهن، جيڪي تقريبن سٺ لک آهن. مون تہ صرف اخباري ڄاڻ مطابق فرانس بابت معلومات لکي آهي پر فرانس، يورپ ۽ دنيا جي هڪ مکيہ صنعتي ۽ تجارتي ملڪ آهي. جيڪو وچي ٿو ڏينهون ڏينهن طاقتور ٿيندو.

مونکي فرانس جي گهڻو ڪر سيني مڪ شهرن ڏسڻ جو موقعو مليو آهي ۽ آئون حيران آهيان تہ دنيا جي هيڏي وڏي عيش پرست قوم جت سڄي دنيا جا ماڻهو صرف عيش عشرت لاءِ اچن ٿا. هن ملڪ ۾

ٻارهن ئي مهينا ميلا متا پيا آهن. ٻارهن مهينا رنگ لڳا پيا آهن. جنهن جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ شراب جا ميلا لڳن ۽ سڄي دنيا اتي ڪهي اچي. ڇو ته اتي شراب به مفت جا ۽ پيئڻ جي به ڪا روڪ ٽوڪ ڪونهي. پيا پيو. اسان جي قوم وانگر يعني گوڏا ڪوڙي پيو. پوءِ به هيڏي وڏي ترقي يعني سٺي ۾ سٺي زندگي گهاريندڙ دنيا ۾ پهريون نمبر قوم ۾ هي آهن. ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ مطابق دنيا ۾ ڇوٿون نمبر GDP وارو ملڪ، سڄي دنيا جي صدرن ۾ فرانس جي صدر جو وڏيڪ مدو يعني ست سال ۽ اهڙي نموني سينيٽ جي ميمبرن جو به دنيا جي سينيٽن ۾ گهٽي ۾ گهٽ مدو يعني نو سال باقي قومي اسيمبليءَ جو نالو ۽ مدو پاڪستان وانگر يعني نيشنل اسيمبلي جو مدو به پنج سال آهي.

فرانس جي قومي تراني کي (Marseillaise) ڇون جيڪو 1792ع ۾ ٺهيو پر ملڪ ۾ نافذ 1795ع ۾ ٿيو.

ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڳالهه ئي وسري وئي ته بس صرف اسانجي انتظار ۾ بيٺي آهي. اسان چانهه جو خالي ڪوپ ساسر ۾ رکندا ٽيبل تان نيپڪن ڪڍندا انهن سان هٿ صاف ڪندا، وڃي بس پيڙا ٿياسن. ٻاهر سج جي روشني هر شيءَ کي روشن ڪري رهي هئي. اسان وٽ وقت ڪونه هو جو انهيءَ سج جي روشنيءَ مان لطف اندوز ٿيون. سو سڌا وڃي سيني سياحن کي سلام ڪري پنهنجي سيٽ تي ويٺاسين. ته بس به هلڻ لڳي ۽ اسين نيس ۽ موناڪو جي شيشن جهڙن رستن تان هلندا وڃي فرانس جي موٽر وي تي چڙهياسين. فرانس جي موٽر وي جهڙا سهڻا رستا آمريڪا ۾ ڪونه ٿين. جيتوڻيڪ آمريڪا جون شاهراهون جن کي آمريڪا ۾ ڇون فري ويز سي فرانس جي موٽر وي کان وڏا، ويڪرا، ڪشادا، ۽ مٽيرا ٺهيل آهن. پر جيڪا سونهن ۽ نفاست توهان کي فرينچ ويز ۾ ڏسڻ ۾ ايندي سا آئون سمجهان ٿو ته دنيا ۾ ڪنهن به موٽر ويز ۾ ڪانه هوندي. موٽر وي جي آس پاس وڻ ٽڪار ۽ پاسن کان نهايت ئي خوبصورت ساوڪ سان پريل گل ۽ گلزار ٿوري ٿوري مفاصلي تي پاسن کان ٽيليفون بوٿ جن جي پرسان بئنچون ۽ پڻ خوبصورتيءَ لاءِ پيون به ڪيتريون شيون رکيل. جهڙوڪ شيشا، مختلف قسمن جا ماڊل جت جت چوڪ اچن، ات رستن کي ڪيترن ئي رنگن جا ٽرئفڪ جا پتا ۽ ليڪون جيڪي انهيءَ جي خوبصورتي کي اڃان به وڌيڪ نمايان ڪن. فرانس جو ملڪ يورپ ۾ ايراضيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. جنهن ڪري هڪ شهر کان ٻي شهر تائين پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو. پر اهو گهڻو وقت صرف واچ محسوس ڪري، پر ماڻهو ته جڻ ڪن پل ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر پهچيو وڃي. خوبصورت رستا، آرامده بسون، آس پاس به خوبصورت ماحول، وڏا ڍگها، گهاٽا وڻ جي جي لامن مان هيٺ گل پيا لڙن جن جي ٽارين تي خوبصورت پکي پيا لڏن ۽ لاتيون لنون. اهڙين وٽندڙ شاهراهن تي هلندي

هلندي اچي هڪ هوٽل تي بيناسين. جيڪا ٻه طرفي موٽر وي جي مٿان ته ماڙ نهيل هئي. جنهنجو ڊائيننگ هال سفيد شيشن سان اهڙي ته خوبصورت گولائي سان ٺهيل هو جو جنهن ۾ ويٺي توهان ايندي ويندي ٽرئفڪ پري پري تائين ڏسو. جڻ ته توهان ڪنهن وڏي وڻ جي آڪيري ۾ ويٺا دنيا جهان جا رنگ ڏسو. مون آمريڪا ۾ به اهڙي قسم جون هوٽلون لاس اينجلس ۽ لاس ويگاس فري ويز تي ڪافي تعداد ۾ ڏٺيون. جيڪي هن هوٽل کان تمام وڏيون هيون ۽ انهن ۾ شيون به تمام سستيون هيون. هونئن به آمريڪا يورپ ته پري ٿيو پر ڪن شين ۾ فرانس پاڪستان کان به سستو آهي. هت لنچ ڪرڻ لاءِ اسان وٽ فقط چاليهه منٽ آهن. اسان سيني پليٽون کٽي پنهنجي پنهنجي پسند مطابق پليٽ ۾ کاڌو وڌو. بل ڏئي اچي هڪ ڪنڊ جي پرسان ويناسين. جت موٽر وي تي هلندڙ هر گاڏي نظر اچي رهي آهي. ۽ پڻ چوطرف ساوڪ ۽ وٽڪار به چٽيءَ طرح سان ڏسي رهيا آهيون. يورپ ۾ توهان ڪي گهٽ ڪر سپ گاڏيون نيون نظر اينديون. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ پراڻي گاڏي ڏسڻ ۾ ايندي سا به جڻ ته نئين پئي لڳندي.

اسان جنهن جڳهه تي ويٺل آهيون . ات ڪا به گاڏي اسان جي نظر کان اوجهل ڪانهي، سڄي يورپ ۾ صرف فرانس ئي واحد ملڪ آهي، جنهن جي ٽرئفڪ پوليس وٽ آمريڪا وانگر هيليڪاپٽر به آهن، جيڪي موٽر ويز تي هلندڙ ٽرئفڪ کي ڪنٽرول ڪن. جيڪڏهن ڪو ايڪسيڊنٽ ٿئي ته يڪدم انهيءَ جي سار سنڀال لهن. يورپ ۾ ٽرئفڪ جو اهڙو ته جديد نظام قائم ڪيل آهي جو ايڪسيڊنٽ ٿيڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿئي ۽ گهٽ ڪري ويسٽ يورپ يعني اسڪاٽلينڊ کان وٺي روم تائين باءِ روڊ گهميو آهيان پر مون ڪڏهن به ڪو معمولي ايڪسيڊنٽ جو واقعو به ڪونه ڏٺو آهي.پر اها به عجيب ڳالهه آهي جو هيڏي بندوبست کان پوءِ به دنيا جا ٽي اهم ماڻهو يعني پرنس ڪريم آغا خان جو پيءُ پرنس علي، موناڪو جو بادشاهه ۽ ليڊي ڊيانا دنيا جا ٽئي مشهور ترين ماڻهو پئرس جي روڊن تي ايڪسيڊنٽ وگهي بي موت مري ويا. اسان ڪافي وقت جي مسافري کان پوءِ ليون شهر جي رستن تان ٿيندا اچي پنهنجي رهائش جي هوٽل ڪئمپانيل (Campanile) تي پهتاسين. ٿوري دير هوٽل تي آرام ڪري ٻاهر پنڌ ئي پنڌ نڪري پياسين. ڏاڍو سهڻو شهر هو. رات جي وقت ڪلبن ۽ ڊسڪوز جي ڪري ڏاڍي رش هئي. اسانجو بي ڏيهاڙي شهر جو سٽي ٽوئر هو. تنهن ڪري مڙيئي گهمڻ جي عادت ۽ ڪجهه واڪ ڪري واپس هوٽل تي آياسين. جت ماني کائي اخبارون اٿلائي پٿلائي سمهي رهياسين. صبح جو سوير ناشتو ڪري بس ۾ شهر گهمڻ نڪري پياسين.

ليون شهر دنيا ۾ فرانس جي سهڻن شهرن مان هڪ آهي. ليون شهر فرانس جون ٽيون نمبر وڏي ۾ وڏو شهر آهي. جيڪو پئرس کان ڏکڻ اوڀر طرف 268 ميل ۽ مارسيل شهر کان اتر طرف 193 ميل پري ٻن درياهن رهونRhone ۽ سائون Saone جي ڪنارن تي آباد آهي. مٿيان ٻئي درياه هن شهر وچان لنگهن ٿا. اصل شهر جي آبادي چار لک، ۽ سندس صنعتي پسگردائي ۾ ڏهن لکن کان بہ وڌيڪ ماڻهو موجود آهن. هن شهر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڪارخانا آهن، جنهن ۾ ڪپڙي واري صنعت کي سڀ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. تنهن کانپوءِ ڏاتن واري صنعت ۽ پيٽرو ڪيميڪل صنعت وڌيڪ حيثيت جون حامل آهن. ڪتابن جي اشاعت ۽ بئنڪاري پڻ هن شهر جي ملڪ ۾ اڳواٽي واري حيثيت ۾ آهي. ليون شهر سلڪ يعني ريشمي ڪپڙي جو دنيا جو وڏي ۾ وڏو مرڪز آهي. پائول بوڪيوز (Paul Bocuse) سان گڏ ملڪ جا سڀ کان وڌيڪ مهانگا ريسٽورانٽ بہ ليون ۽ ان جي آسپاس موجود آهن. حقيقت ۾ ليون شهر کي فرانس جي کاڌي پيتي جي گادي سڏيندا آهن.

ليون ساسيج، ڪئينلس، ٽرائيپ ليونائس ۽ بريس مرغي هتي جا بهترين ڊش آهن. ليون شهر ڪيترين ئي ڳالهين ۾ پيرس کان بہ وڌيڪ سٺو ۽ سستو ۽ سئولو آهي. بهترين پارڪ، عاليشان اسڪاءِ اسڪريپر، سهڻيون سائيڊ واڪ هوٽلون، عظيم ٽرئفڪ نظام، ڪمال جا ڪنسرٽ هال ۽ پرشباب رنگين راتيون، ليون شهر جون چند مکيہ خاصيتون آهن. جت جوان خادم ۽ خادمائون توهانجي لاءِ هر وقت حاضر آهن.

شهر ڪيترن ئي چورس ميلن تي پکڙيل پيرس وانگر ارانڊسيمينٽن يعني وارڊن ۾ ورهايل آهي. شهر جو تاريخي مرڪزي علائقو سائون نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي مشتمل آهي. پيلس بليڪور (Place Bellecour) پوري فرانس ۾ سڀ کان وڏي ۽ سهڻي عمارت آهي، هن جي پرواري عمارت تي لوئيس چوڏهين جو نهايت شاندار ۽ تمام وڏو مجسمو آويزان آهي، جنهن کي گهوڙي تي سوار ڏيکاريل آهي. بيليڪور پليس جي اتر ۾ ويجهو ئي هوٽل ڊي ويلي (Hotel de ville) يورپ جي سڀ کان وڌيڪ سهڻي هوٽل آهي. جيڪا بيليڪور پليس کي پڻ شهہ ڏيو بيني آهي. هن هوٽل جي عمارت سن 1746ع جي ٺهيل آهي.

پراڻي يعني اصل ليون شهر جتي وچئين ۽ روشن خياليءَ واري دور ۾ اڏيل عمارتون ڏسڻ وٽان آهن، هتي ڪافي تعداد ۾ عمارتون پنج پنج ماڙ اوچيون ٺهيل آهن. جيڪي سندن مالڪن جي ثروت جو ثبوت پيش ڪن ٿيون. اڄڪلهہ هي علائقو فيشن ايبل ماڻهن جي آماجگاهہ آهي، هتي ڪيترن ئي

قسمن جا ڪاريگر، سنگ تراشي، ڪوري، پينٽر، مراڙيءَ جي سامان ۽ فينسي شين جا دڪان ڪثرت سان موجود آهن.

هن علائقي جي اولهه طرف فورويئر نالي هڪڙي سرسبز ۽ نهايت پرڪيف ٽڪري موجود آهي، جنهن تي ڪيترا ئي اسڪول، ڪاليج، اسپتالون ۽ ٿيٽر قائم ڪيل آهن. هيءَ ٽڪري نهايت روح افزا نظارو پيش ڪندڙ آهي. رهون ۽ سائون ٻئي درياءَ هتان لنگهن ٿا ۽ متن عاليشان پليون پڻ ٺهيل آهن. هتان کان ايلپس جبلن جون برف پوش پهاڙيون نهايت دل فريب منظر پيش ڪندڙ آهن. هت باسيليڪا جي ڏکڻ طرف هڪڙي پارڪ ۾ هڪڙو رومن ٿيٽر اڏيل آهي. اها عمارت فرانس جي قديم ترين عمارتن مان هڪڙي آهي. اها سترهن کان پندرهن ق.م ڏاري بادشاهه جي دور حڪومت ۾ انهيءَ ۾ گهٽي توسيع ڪئي وئي هئي. هن ٿيٽر جو آڊيئم يعني آڊيٽوريم هال موسيقي جي محفلن لاءِ مخصوص هوندو هو. تنهن ڪري انهيءَ جي ڊيڪوريشن ۾ نهايت چمڪندڙ موزيڪ چيني چٽام ۽ سنگمرمر استعمال ٿيل آهي. هن ٿيٽر جي پرسان هڪڙي ٻي عمارت پڻ آهي جيڪا افزائش جي ديوي مسائبل سان منسوب آهي.

ليون شهر جون راتيون يورپي ثقافتي سرگرمين ۽ لطف اندوزين توڙي پرڪيف عالمي شهرت جو حامل آهي. هتي توهان لاءِ هر قسم جي وندر توڙي عشرت جا انيڪ موقعا ۽ وسيلا رات جي چئني پهرن دوران سدائين موجود هوندا آهن.

مثلا چارلس ڊولن روڊ تي مزاحيه توڙي سنجيده ناٽڪن لاءِ مخصوص ٿيٽر ڊيس سيليسٽين Theatre des celeslins عالمي شهرت جو مالڪ آهي. هي منظوم ناٽڪ پڻ ڏيکاريا ويندا آهن. شهر ۾ ڪئين نمائشون مبتلا ۽ انيڪ قسمن جا فيسٽيول به منعقد ٿيندا رهندا آهن. سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو فيسٽيول موسيقيءَ بابت قومي فيسٽيول آهي، جنهن کي نيشنل ڊي آف ميوزڪ National Day of Music ڪوٺيندا آهن. اهو هر سال 21 جون ڌاري ملهائيندا آهن. هن موسيقيءَ جي جشن ۾ سڄي شهر ۾ جتي ڪٿي ڳائڻ جون ٽوليون پنهنجي پنهنجي ڌن ۾ مگن ماڻهن کي مدهوش ۽ محو ڪرڻ ۾ مشغول ۽ نهايت مصروف هوندا آهن.

شهر ۾ قديم موسيقيءَ جا جشن مهيني جي وچ کان ڊسمبر جي وچ تائين شهر جي سمورن گرجا گهرن ۾ منعقد ٿيندا رهندا آهن.

سموڪنگ ڊاگ نالي پبلڪ بار بهترين پبس Pubs مان هڪڙي آهي. جيڪا 16 ليزي روڊ تي قائم آهي. دي بيرل هائوس نالي پب سينٽ ڪيٽرين روڊ تي واقع آهي. راڪ ۽ رولرس Rock and Rollers ۾ بارلو Barlive ۽ نيور نائيٽ Navire Night مکيہ بارون آهن.

پيليس موبائيل Palace Mobile نالي ڪلب ۾ وائيلڊ نائيٽ آف ڊانس جو عجيب پرفارمنس ٿيندو آهي. اهو ڪلب ريني ليناڊ روڊ تي واقع آهي.

جاز ۽ بلوز لاءِ لي هاٽ ڪلب Le Hot Club لينٽرن روڊ تي آهي. لي ۽ لئسبين ڊسڪو هتي لي لارڊ نالي ڪلب اهو پرپز سرو ڪندو آهي. 25 ڪيپيوسين روڊ تي قائم لا ويري اي سوئي La verra a soi نالي ڪلب زنانہ همجنسيءَ لاءِ مخوص آهي.

اسان ليون شهر جا چڪر لڳائيندا، گهمندا ڦرندا اچي هڪ سپر اسٽور تي چڙهياسين، جتان اسان فرانسيسي ثقافت جا ڪجهہ ننڍاننڍا تحفي نما ماڊل خريد ڪيا ۽ ڪجهہ وويوز ڪارڊ خريد ڪيا، جن مان ڪن تي تڪڙ ۾ بي تي لفظ لکي اتي جو اتي پوسٽ ۾ روانا ڪري ڇڏيم. جنهن ڪان پوءِ ٿورو چڪر هڻي وچي بس ۾ ويناسين. جيڪا اسانکي هاڻ فرانس جي هڪ ٻئي مشهور شهر بيون گهمائيندي. اتي پنهرن جي ماني کائي پوءِ پئرس ڏانهن روانو ٿيو. جت بہ ڏينهن بہ راتيون گهمڻو ڦرڻو آهي. اسانجي بس ليون شهر کان موڪلائي هاڻ فرانس جي موٽر وي تي بيون شهر ڏانهن پنهنجي مقرر رفتار ۾ وڃي رهي آهي ۽ بس جا مسافر هڪٻئي سان آهستي آهستي ڳالهين ۾ مصروف آهن. فقط 212741 چورس ميل ايراضي تي فرانس کان سواءِ دنيا ۾ ڪٿي بہ ايتري گهٽي تعداد ۾ شهر، بندر، بازاريون، محل ماڙيون، گهر، تفريح گاهون، ڪارخانا توڙي واپاري مرڪز ڏسڻ ۾ نٿا اچن يورپ جا سمورا نامياتي توڙي غير نامياتي تعميري عناصر فرانس ۾ موجود آهن. جهڙوڪ ملڪ جي اترئين پاڱي واريون ميداني زرخيز زمينون، وچ فرانس ۾ لوئر وادي وارا سرسبز ٽڪرين وارا علائقا، اوڀر فرانس ۾ الپائين جبلن جون برف پوش قطارون، ڏکڻ اولهہ ۾ پائرين جبلن جون اوچيون قطارون، وچ ماسف ميداني علائقا ۽ اتي موجود ڪاٽيون ۽ ڏکڻ اوڀر فرانس جو پر لطف رومي سمنڊ جو پرڪيف ڪنارو جيڪو دنيا ڀر جي سياحن کي چقمق وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. مذڪورا مصالحي سان گڏ مختلف علائقن ۾ تاريخ ۽ ثقافت جو فرق پڻ موجود آهي. جيڪو هر هڪ صوبي يا ريجن کي الگ ۽ نرالو ڪري ڏيکاريو ٿو.

اهي سمورا مختلف ماڳ مڪان سفر جي مختلف وسيلن ذريعي آسانيءَ سان گهمي سگهجن ٿا. ريل گاڏيءَ وسيلي پئرس کان السيڪ تائين 4 ڪلاڪ، ايلپس جبلن تائين 5 ڪلاڪ، پائرينيز جبلن تائين 7 ڪلاڪ ۽ ڪوٽ ڊي آزيور تائين 8 ڪلاڪ لڳن ٿا.

آئون بہ جڏهن فرانس وڃان تہ ڪوشش ڪري اهي جڳهيون ڏسان جيڪي اڳ نہ ڏٺل هجن. هن ڀيري، نيس موناڪو ليون ۽ رومي سمنڊ جو سڄو ڪنارو ڏٺم. اهو سڀ ڪجهہ اڳ ڏٺل ڪونہ هو. باقي پئرس تہ هر دفعي ڏسون جيڪو هر ڀيري نئين ڪنوار جيان لڳندو آهي.

فرانس جو قومي ريلوي نظام NSCF دنيا جي بهترين ريل نظامن مان هڪ آهي، جنهنجي خصوصيت تيز رفتار سروس آهي. ملڪ ۾ تقريبن 44 هزار پڪا رستا آهن. جيڪي سمورا سپر روڊ آهن، ضروري ڪونهي تہ هرويرو قومي شاهراهن تي سفرڪجي چو تہ اڪثر و بيشتر تفريح ۽ دلچسپي جا ماڳ مڪان ثانوي ننڍين رستن تي واقعي هئڻ ڪري گهڻي آمدرفت انهن رستن تي هوندي آهي.

هڪ سفر ڪندڙ سياح لاءِ سڄي فرانس جو سير ڪرڻ ناممڪن آهي، ڇو تہ هر هڪ صوبو گهمڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ هفتا گهربل آهن. ايترو وقت ڪنهن بہ سياح کي ميسر نٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري هر ڪو پنهنجي پهچ آهر پنهنجي دلچسپيءَ موجب مکيہ ماڳن جي چونڊ ڪري سير ڪري ٿو.

بيون شهر جي اچڻ کان اڳئي اسانجو گائيڊ بيون شهر جي باري ۾ ٻڌائي ۽ سمجهائي رهيو آهي تہ هت هڪ ڪلاڪ بيهبو جنهن دوران توهان پيلي شهر گهمي ڦري ۽ لنچ ڪري اچجو تہ پوءِ اڳتي پئرس ڏانهن روانا ٿينداسين. بيون جيئن جيئن ويجهو ايندو وڃي تيئن تيئن اسين هيٺ لهڻ جي تياري ڪندي پنهنجي سامان کي هڪ نظر سان ٺيڪ ڏسي رهيا آهيون.

بيون Beaune برگنڊي پرڳڻي جي شراب ڪشيءَ واري علائقي جو مکيہ شهر آهي.جيڪو قرون وسطيٰ جي بهترين شهرن مان هڪ آهي. جيڪو شهر پناهن يعني بچاءُ وارين ديوارن سان گهيريل آهي. اهو شهر پئرس شهر کان 196 ميل ڏکڻ اوپر طرف ۽ ڊجان شهر کان 24 ميل ڏکڻ اولهہ طرف واقع آهي. هن شهر جي تاريخ بہ هزار سالن کان بہ وڌيڪ پراڻي آهي. ڪنهن زماني ۾ بيون شهر فرانس جو مقدس ماڳ ليکيو ويندو هو. بعد ۾ انهيءَ تي رومين قبضو ڪيو. چوڏهين عيسويءَ صدي تائين هي شهر برگنڊي جي ڊيوڪن جي رهائش گاهہ ٿي رهيو. سن 1477ع ۾ آخري ڊيوڪ چارلس دي بولڊ جڏهن وفات ڪئي تہ بادشاهہ لوئيس شهر کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. اڄڪلهہ دنيا جهان جا سياح بيون جي فني ذخائر، قديم عمارتن شراب ۽ برگنڊي جي مخصوص طعامن جي ذائقي لاءِ سدائين

هتي ايندا رهندا آهن, جنهن ڪري هي شهر سدائين خوشحال رهندو اچي. هتي جي آبادي ويهه هزار کن ٿيندي.

هر سال نومبر مهيني جي آخري ڇنڇر, آچر ۽ سومر ڏينهن تي پوري دنيا جا شراب جا شوقين ۽ واپاري هتي منعقد ٿيندڙ ٽن ڏينهن واري شراب جي واپار ۽ شراب نوشيءَ جي ڏڻ ۾ شرڪت لاءِ هتي اچي ڳاهٽ ٿيندا آهن, جنهن سبب ڏاڍو ڇهچٽو لڳو پيو هوندو آهي.

هن شراب جي ميلي کي ليس ٽروئس گلوريوسز (Les Trois Glorieuses) سڏيندا آهن. هن ميلي دوران سڄي شهر ۾ شراب جا سوين دڪان ۽ اسٽال لڳندا آهن, جتي خريدارن کي شراب مفت ۾ پياريندا آهن.

تنهنڪري سيلائين, سياحن ۽ بين عام ماڻهن جي تمام گهڻي پيهه لڳل هوندي آهي. اونهاري جي راتين ۾ بہ هتي ايتري رش ڪانہ هوندي آهي. جيتري هن ميلي دوران هوندي آهي.

بيون شهر ريل رستي فرانس جي ٽن وڏن شهرن يعني ڊجان, ليون ۽ پئرس سان ڳنڍيل آهي. پئرس کان روزانہ T.G.V.Train هتي اچن, ڀاڙو 46 ڊالر يا 230 فرانڪ آهي. ليون کان روزانہ ڇهہ گاڏيون اينديون آهن. ڀاڙو 110 فرانڪ يا 22 ڊالر آهي. ڊجان شهر کان روزانہ پندرهن ريل گاڏيون پهچن ٿيون. ڀاڙو 37 فرانڪ يا ساڍا ست ڊالر آهي.

انهيءَ ڪانسواءِ بيون شهر ڇئن سپر هاءِ ويز جي جنڪشن کي تمام ويجهو آهي. انهن جا نمبر A6.A31.A36 ۽ N6.

بيون ۾ سير تفريح کان سواءِ گهمڻ ۽ ڏسڻ جي لائق سڀ کان وڏيڪ اهم جڳهہ پندرهينءَ صديءَ ۾ تعمير ٿيل هوٽل ڊيو (Hotel Dieu) واري عمارت آهي. جيڪا دنيا جي شاهوڪار ترين مسافرخانن مان هڪڙي آهي. شراب نوشيءَ ۽ وڪري جي ٽن ڏينهن وارو ميلو هن عمارت ۾ منعقد ٿيندو آهي. هن هوٽل ڊيو واري عمارت جي اتر طرف سن 1120ع ۾ تعمير ٿيل هڪڙو چرچ آهي. جنهن جي طرز تعمير رومي آهي. هن چرچ ۾ لڳل پردن ۾ ڪجهہ اهڙا بہ آهن جن تي بيبي مرم جي زندگيءَ جي چند واقعن بابت تصويرون چٽيل آهن. انهن تصويرن جي نمائش ايسٽر ۽ ڪرسمس جي تهوارن دوران ڪئي ويندي آهي.

برگنڊيءَ جي ڊيوڪن واري اڳوڻي رهائش گاهہ ۾ هن وقت شراب ناهڻ جي عمل جي نمائش لڳل آهي. جنهن کي ميوزي ڊيو وائين ڊي بورگون (Muse du vin Bourgogne) سڏين ٿا. هتي برگنڊي رياست ۾ شراب سازي جي پوري ارتقا مرحليوار ترتيب سان ڏيکاري وڃي ٿي. نمائش واري جڳهہ جي

هڪڙي ڪمري ۾ پندرهين ۽ سورهينءَ صدي ۾ شراب ٺاهڻ لاءِ مختلف ٿانون ۽ اوزارن ۽ سامان جي نمائش لڳل آهي. شراب ڪشيءَ ۾ ڪم ايندڙ مختلف مشينون پڻ هن نمائش جي پريس هائوس Press House ۾ رکيل آهن.

بيون شهر جون مکيه بازارون لورين، اليسڪ، مائوفوڪس ۽ ميڊلين مارڪيٽ آهن.

نڪولس بولن روڊ تي شراب جو تمام وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور آهي. جيڪو چوڏهين صدي ۾ ٺهيل هڪڙي چرچ ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هتي شراب جا ڪيترائي اسٽال قديم مقبرن ۾ قائم آهن، جيڪي چرچ جي هيٺان زير زمين آهن. هتي ارڙهن قسمن جو شراب ملي ٿو.

ڪاليج روڊ تي پڻ هڪڙو شاهي سيلر آهي. جنهن جو نالو ڪيوز پيٽريئرچ فلس (Caves patriarche Beret fils) آهي. هن سان گڏ هتي تيرهينءَ سورهينءَ ۽ سترهينءَ صدين جا قائم ڪيل سيلر پڻ موجود آهن. هنن سمورن اسٽورن تي ڪل تيرهن قسمن جو شراب دستياب آهي.

شهر کان ٿورو ٻاهر هڪڙي عاليشان هوٽل آهي، جنهن جو نالو هاسٽلري ڊي ليور نوئس (Hostellerie de lever nois) آهي. هتي طعام ۽ قيام جو نهايت اعليٰ انتظام آهي.

بيون شهر جون راتيون پڻ عجيب آهن، هتي ڪيترائي ڪلب موجود آهن، جن ۾ ڊسڪو جاز راڪ ۽ اوپيرا ڪلب شامل آهن. انهن مکيه هيٺيان آهن:

1_ ڪاٽن بار (Cotton Bar)

2_ وائي ناٽ (Why not)

3_ اوپيرا نائيٽ (Opera Night)

اسان بس مان لهڻ شرط لي ڪيپ Le_Cap نالي هڪ ريسٽورانٽ تي ماني کاڌي. ڪافي مهانگي هوٽل هئي. ماني به صرف ون ڊش لنچ هئي. پر فرانس ۽ جپان دنيا ۾ مهانگي ۾ مهانگا ملڪ آهن. جت ڪجھ کائڻ ۽ ونڻ تي دل ئي نه چوي، پر سنڌي چواڻي ته بک بري بلا آهي، سو ڪجھ ته پيٽ ۾ وجھڻو آهي. رات ۽ صبح جي ماني ته ٽوئر وارن تي هوندي آهي. سو مفت جو مال هئڻ ڪري اسان ڪڏهن به کائڻ ۾ ڪا گهٽتائي ڪانه ڪندا آهيون. پر تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن لنچ جي ضرورت محسوس ڪندا هئاسين. سو پنهنجي ڊاڪٽر جي قول مطابق ته پليجا صاحب گهٽي کائڻ کان وڌيڪ صفا پيٽ خالي هئڻ صحت لاءِ خراب آهي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان هڪ ته ڪمزوري وڌي ٿي ٻيو ته پيٽ ۾ السر ٿيڻ جا تمام گهڻا امڪان آهن. سو ڪوشش ڪري ڪڏهن به پيٽ کي خالي نه رکجي. پر بک ڪانسواءِ

بہ ڪائڻ نہ گھرجي. سو ون ڊش ۾ اسان بہ رڳو ڪائڻ جي رسم پوري ڪري بل ڏيئي هوٽل کان نڪتاسين. بس اچڻ کي اڃان ڪافي دير هئي سو بيون شهر جي بازارن مان سنهي ٽلهي شاپنگ ڪندا، فوٽ پاٿن تان هلندا هلندا وڃي بس اچڻ جي جڳهہ کي ويجهو هڪ خوبصورت پارڪ ۾ ويناسين. جتي ڪيترائي سياح پنهنجن ٻارن سان گڏ ڪي کاڌو کائي رهيا هئا تہ ڪي رانديون ڪيڏي رهيا هئا. پر مجال آهي، جي ڪو ٻار هڪ بہ گل انهن سهڻن گلن مان پٽي يا انهن سان هٿ چراند ڪري. وڏو عاليشان پارڪ جنهن جي چوطرف وڏا گل انهن جي هيٺان ننڍا ٻوٽا جنهن ۾ اچا، هيڊا ۽ ڳاڙها گل جڻ تہ ماٿهو کي ڏسيو پيا ٽڙن ۽ لڏن لمن. وچ ۾ اهڙي ترتيب سان ڇٻر پوڪيل جو هوبهو فرانس جو نقشو ۽ انهيءَ نقشي ۾ ندين جي ليڪي جي جڳهہ تي هيٺين گلن جي سنهي پٽي جيڪا انهن ندين جي نشاندهي ڪري رهي آهي. هي ڇٻر سان ٺهيل نقشو ايڏو تہ خوبصورت آهي. جو سڀ سياح پيا انهيءَ جا فوٽا ڪيڻ ۽ فلمون پرائين. پارڪ جي ڪنڊن ۾ ننڍا ننڍا سهڻا ڦوهارا جيڪي ابتا سبتا ائين پيا ڦرن جڻ تہ اسانکي پيا ٻڌائين تہ اسان بہ هٽ راند ڪري رهيا آهيون. وچ ۾ ڳيل ٽٽل پٿرن سان ٺهيل ننڍا ننڍا پيچرا جنهن تي ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي. پري پهاڙي تي هڪ سهڻو پٿرن سان ٺهيل محل نما گهر ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيو آهي. جنهن کان هيٺ ايندي ٽرئفڪ ڏاڍي دلچسپ لڳي رهي آهي. اسان انهن حسين نظارن مان لطف اندوز ٿي رهيا آهيون. نور پرسان چار پيپسيءَ جا ٽن ونئي آيو. جيڪي اسان پيتا. پيپسي پيئڻ کان پوءِ ڏاڍو فريش ٿي ويا سين. منا بہ ٽي ٽشو پيپر ڪيڍي مونکي ڏنا ۽ چيائين تہ وارن کي صاف ڪري ڇڏيو. شايد گلن جو ٻور وارن ۾ پئجي ويو آهي. هن سندس پرس مان مونکي بہ ٽي پستا ڪيڍي ڪائڻ لاءِ ڏنا. نور ۽ ونود پارڪ ۾ نيپولين جي مجسمي هيٺان فوٽو ڪيڍي رهيا آهن. نيپولين فرانس جي هڪ سحر انگيز شخصيت هو.

نيپولين بونا پارٽ جو عروج ۽ زوال تاريخ جي وڏن ۽ ڊرامائي واقعن مان هڪ ليکجي ٿو. ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ڪاريسڪا جي فوج جو هي آفيسر نہ صرف فرانس جو شهنشاهہ بڻجي ويو پر گهٽو ڪري سڄو يورپ بہ سندس هٿ هيٺ اچي ويو. ايڏي عروج ماڻڻ کان پوءِ جڏهن زوال آيس تہ تڏهن سندس حياتيءَ جي پڇاڙي ڏکڻ ائٽلانٽڪ جي هڪ ڏورانهين ٻيٽ ۾ ٿي ۽ سنس جبر توڙي سياسي ۽ فوجي ادارا سندس وڏ خيالاءِ جي مقابلي ۾ اڻپورا ثابت ٿيا.

نيپولين کي يقين هو تہ يورپ کي متحد ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو هو. جنهن ڪري هن 1804ع ۾ پاڻ کي فرانس جو شهنشاهہ مقرر ڪيو ۽ ٻين ملڪن کي فتح ڪرڻ وارو پروگرام جاري رکيائين. ”مان ڪنهن کي بہ هاڃو رسائڻ نٿو چاهيان.“ هن هڪ ڀيري پنهنجا خيال ظاهر ڪندي چيو هو ”پر جيئن تہ

منهنجي پاليسيءَ واري وڏي ڪار پنهنجو سفر پورو ڪري چڪي آهي. تنهن ڪري اها ضرور پنهنجو سفر جاري رکندي ۽ انهن ماڻهن تي مصيبت تي ڪڙڪندي جيڪي سندس ڦيٿن هيٺان اچي ويندا.“

هن بلقان جي ملڪن ڪانسواءِ بيو سمورو يورپ ڪنڌ فتح ڪري ڇڏيو هو. فرانسيسي شهنشاهيت جي چوڌاري اهي زبردست رياستون پکڙيل هيون، جن مان گهڻين تي نيپولين جا مائٽ راڄ ڪري رهيا هئا. انهن کان پريان آسٽريا، پرشيا ۽ رشيا جهڙا ملڪ هئا. جن عارضي طرح ساڻس ڪونہ ڪوتاهہ ڪري پنهنجي جند ڇڏائي ورتي هئي.

پر اجا گريٽ برٽن جهڙو هوڏي دشمن باقي بچيل هو. نيپولين جو منڊ ۾ ئي گريٽ کي فتح ڪرڻ جو ارادو هو. انهيءَ لاءِ کيس طاقتور برطانوي بحري ٻيڙي کي دلبو ڏيئي پنهنجي ساحل کان پري رکڻو هو. پر سندس اها حڪمت عملي ناڪام ٿي. نيلسن فرينچ بحري ٻيڙي کي رافالگر وٽ شڪست ڏيئي فرانسيسي ڪاهہ جو خطرو ٽاري ڇڏيو. انهيءَ کان پوءِ نيپولين برطانيہ خلاف اقتصادي جنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي ڪانٽينينٽل سرشتي کان ڪم وٺندي 1806ع ۾ سرشتي ۾ شامل يورپ ڪنڌ کي برطانوي مال گهرائڻ کان جهلي ڇڏيو. انهيءَ ۾ کيس ڪاميابي نہ ٿي. برطانيہ خوشحال ٿيندو ويو ۽ نيپولين جي قانون جي پڌري پيچڪڙي ٿيندي رهي ۽ مٿس چٽرون ٿيڻ لڳيون. روس، فرانسيسي، روسي معاهدي مان مايوس ٿي، جڏهن ڪانٽينينٽل سرشتي مان نڪري ويو. تڏهن نيپولين کيس سيکت ڏيڻ خاطر هڪ ٻيرو ٻيهر پنهنجي فوج کي اوير طرف وڌڻ جو حڪم ڏنو. 1812ع واري روسي مهم تباهي سان پوري ٿي. نيپولين جي فوج روس جي سخت سياري جي ستّ نہ سهي سگهي ۽ پاڇ ڪائيندي ٿڌ ۾ بک وگهي مري وئي. روس ۾ گهڙڻ وقت فرانسيسي فوج جو انگ 611000 هو پر انهن مان صرف ہہ لک ماڻهو پنهنجي تباهيءَ جو داستان ٻڌائڻ لاءِ جيئرا موٽي سگهيا هئا.

نيپولين جو پاري پتلو هاٿي ايترو تہ نازڪ ٿي ويو جو کيس ڏڪ هڻڻ سولو ٿي پيو هو. يورپ جون ٻيون طاقتون هن جي خلاف گڏ ٿي ويون نيپولين جنگ جي ٿڪل ٽٽل فرانسسين مان بي فوج ناهي ورتي ۽ لڳاتار وڙهندو رهيو. پر مارچ 1814ع ۾ اتحادي فوجون پئرس پهچي ويون. نيپولين کي زوريءَ تخت تان لاٿو ويو ۽ کيس جلاوطن ڪري پونوچ سمنڊ جي ايلبا نالي ٻيٽ ڏانهن موڪليو ويو.

ٻئي سال جڏهن اتحادي اجا يورپ جي نئين سر اڏاوت ۾ لڳا پيا هئا. تڏهن نيپولين ايلبا مان ڀڄي اچي فرانس ۾ پهتو. جتي ڏنائين تہ ماڻهو بحال ٿيل بوربون بادشاهت مان خوش نہ هئا ۽ وري شهنشاهيت قائم ڪرڻ لاءِ سندس مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هن حڪومت ۽ فوج جون واڳون سنڀاليندي بيلجيم تي

ڪاهه ڪئي پر اتحادي فوجن برطانوي ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي اڳواڻي هيٺ ڪيس واٽرلوءَ جي يادگار جنگ ۾ شڪست ڏني.
نيپولين کي وري جلاوطن ڪيو ويو. هن دفعي سندس جلاوطني دائمي ثابت ٿي. انگريزن ڪيس سينٽ هيلينا نالي هڪڙي ننڍڙي ٻيٽ ۾ موڪلي ڇڏيو. جتي هن پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڇهه سال باغباني ڪندي ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکرائيندي گذاريا.
اسان جي بس پري کان نظر اچي رهي آهي، جيڪا اسان طرف اچي رهي آهي، ويني ويني ايترو سارو وقت گذري ويو. خبر ئي ڪانه پئي. وقت اڏوهي جيان زندگي کايو وڃي. خبر ئي ڪانه ٿي پئي. ماڻهو ڪن پل ۾ وڃيو قبر پيٽڙو ٿئي. بس پارڪ ٻاهران بس اسٽينڊ تي اچي بيني. اسان اٿي بس ڏانهن ٿا وڃون. جيڪا اسانجي انتظار ۾ بيٺل آهي، اسانجو گائيڊ هيٺ لهي بس جي دروازي تي ٿي بيٺو آهي ۽ هڪ هڪ سياح کي هٿ مان وٺي بس ۾ چاڙهي رهيو آهي پر جڏهن منا جي بس ۾ چڙهڻ جو وارو اچي ته پاڻ انهيءَ ڏانهن هٿ نه وڌائي چو ته اها ساڻس هٿ پهرئين ڏينهن کان وٺي نه پئي ملائي سو پاڻ به هاڻ هري ويو آهي. اسان بس ۾ چڙهياسين ته بس ۾ ڊيمو ميوزڪ هلي رهيو آهي. اسان سيٽن تي ويناسين ته بس هلڻ لڳي ۽ ٻيون جي شهر جي گهٽين ۽ چوڪن تان ڦرندي ڦرندي ٿوريءَ دير ۾ هڪ وڏي چوواٽي تان ڦيرو ڪائيندي پنهنجي اڳئين منزل يعني پئرس ويندڙ موٽر وي تي اچي چڙهي. جت روڊ مٿان هڪ وڏي لوهي بورڊ تي لکيل هو ته پئرس 193 ڪلوميٽر آهي ۽ اسان انتظار جون گهڙيون ڳڻڻ لڳاسين ته پئرس ڪڏهن ٿا پهچون، جت اسان جي گهمڻ لاءِ ڏاڍا رنگ برنگي پروگرام هئا. جيڪي سڄي وات اسان کي اسانجو گائيڊ وقفي وقفي ٻڌائيندو هليو. ٽوئر پروگرام سان گڏ اسان وٽ آپشنل پروگرام به پئرس لاءِ هئا ته پنهنجي ليکي به اسان وٽ ڪئين پروگرام هئا جن ۾ مک پروگرام يورو ڊزني گهمڻ هو جيڪو جڏهن آئون اڳ پئرس ويو هوس تڏهن اجا شروع ڪونه ٿيو هو. پر هينئر يورو ڊزني شروع ٿي چڪو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ سڄي يورپ مان سياح پئرس اچن. پئرس ته سڄو هونئن به سونهن ٿيو پيو آهي. پر تڏهن به پئرس جون جڳ مشهور جڳهيون سڄي دنيا کي آڏيو هٽ پهچائين. جنهن ۾ لوور ميوزم جيڪو سڄي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو عجائب خانو آهي.

ناٽرڊيم گرجا

هوٽل ڪنڪارڊ محل

ايفل ٽاور

يورو ڊزني

## ورسيلس

شانزلي زي جي شاهراهہ يا بازار جنهن جهڙي بازار سڄي دنيا ۾ ڪانہ هوندي پر ڏينهن جو ۽ رات جو لاس ويگاس جي بازارن جو بيو رنگ آهي. پئرس جي سڄي شهر کي اڄ بہ خوشبوئن سان ڌوئن. اها چوٽي نہ پر حقيقت آهي، جنهن کي مون پنهنجي اکين سان هڪ نہ پر ڪافي ڀيرا ڏٺو آهي. اهي سڀئي خيال پچائيندا پچائيندا اچي پئرس جي ويجهو پهتا آهيون.

پئرس شهر حيرت جي حد تائين ڳتيل آهي. شهر جي پکيڙ 432 چورس ميل ۽ منجهس هڪ ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ماڻهن جي رهائش آهي.

سين Scine ندي شهر کي بن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿي. هڪڙو ساڄو يعني اتر پئرس ۽ ٻيو کاٻو يعني ڏکڻ پئرس شهر جي ٻنهي ڀاڱن کي ملائڻ لاءِ ڪل ٻتيهہ پليون جوڙيل آهن. سين نديءَ جي شهر مان لنگهندڙ حصي ۾ ندي جي وهڪري يعني وچ ۾ بہ ننڍا ٻيٽ آهن. هڪڙو آئل ڊي لا سائيٽ IIe de la site جتي ناترڊيم ڪيٿڊرل آهي، جيڪو شهر جو قديم ترين سرحد آهي ۽ ٻيو آئل سينٽ لوئس IIe St: Louis جنهن ۾ سترهين صدي ۾ ٺهيل عظيم عمارتون آهن. نئون ماڻهو درياءَ پار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪناري کان پل وسيلي انهن ٻيٽارين تي پهچڻ سان حيران ٿيو وڃي. تہ مارا! آئون تہ اڃا نديءَ جي وچ ۾ قاتل آهيان.

1860ع ۽ 1870ع جي وچ ۾ شهر جو ميئر بادشاهہ نيپولين ـ III جي حڪم موجب شهر ۾ ڪيترائي سهٽا شاهي رستا تعمير ڪرايا جن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا وڻ ۽ ٻوٽا پوکيل هئا. اهڙي طرح شهر جو ڏيک هميشہ لاءِ تمام سهڻو ٿي پيو. انهي شاهراهن مان ڪجهہ هيٺيان آهن.

1ـ سينٽ مچل وارو بوليوارڊ
2ـ سينٽ جرمين بوليوارڊ
3ـ هائوسمان بوليوارڊ
4ـ سيباستوپول بوليوارڊ
5ـ ميگينتا بوليوارڊ
6ـ والٽيئر بوليوارڊ
7ـ استرابوگ بوليوارڊ وغيره

سين نديءَ جي ساڄي ڪپ تي شهر جي اترئين پاڱي ۾ سڀ کان وڏو رستو Avenue des champs elysees جنهن کي شانزلي زي بہ چوندا آهن. جيڪا آرڪ ڊي ٽريئومف Arc de Triomph يعني فتح چڪر کان شروع ٿئي ٿي ۽ پليس ڊي لاڪنڪورڊ Place de La Concorde ڏانهن وڃي ٿي. هائوسمان اوينيو ڊي لا اوپيرا ۽ ٻيا بہ ٻارهن اوينيو تعمير ڪرايا هئا. جيڪا فتح چڪر وٽان ستاري وانگر پکڙيل هئا. انهيءَ ڪري انهيءَ هنڌ جو نالو پليس ڊي لا ايتوائيل يعني ستارا چوڪ رکيو ويو. صدر ڊيگال جي وفات کانپوءِ انهيءَ جو نالو ڦيرائي چارلس ڊيگال چوڪ رکيو ويو. ميئر بيرن هائوس مان شهر جي اولين ماڳ سين واري ٻيٽاريءَ ۾ وچئين دور واريون عمارتون ڊهرائي هن ٻيٽاري کي ناٽرڊيم ڪيٿڊرل شوڪيس وانگر سينگار سان تعمير ڪرايو. آخر ۾ هن شهر جي اولهہ ۽ ڏکڻ اوڀر دنگ تي بہ شاهي باغيچا پوکايا.

پئرس شهر 20 ويهن ميونسپل وارڊن ۾ ورهايل آهي. جن کي ارانڊ سمينٽ Arrondissement چئبو آهي. هر هڪ ارانڊسمينٽ کي پنهنجو آزاد ميئر هوندو آهي. تنهن کانسواءِ انهيءَ ۾ هڪ مرڪزي پوسٽ آفيس، پوليس اسٽيشن ۽ سٽي هال هوندو آهي. شهر جا اڪثر نقشا ارانڊسمينٽ موجب ورهايل ۽ نهيل آهن. شهر جي سمورين ايڊرسن ۾ ارانڊ سيمنٽ جو نمبر پڻ شامل هوندو آهي. جيڪو رومي يا عربي انگن ۾ لکيل هوندو آهي ۽ ان سان گڏ e يا er حرف لکيل هوندا آهن. جڳهين جا نمبر ندي جي وهڪري موجب اوڀر کان اولهہ ڏانهن لکيل آهن.

اسانکي گائيڊ ٻڌايو تہ هينئر شهر ۾ تمام گهٽي ٽرئفڪ هوندي تنهنڪري پاڻ ڪوشش ڪري اهڙن رستن تان ٿا هلون جتئين جلد هلي پنهنجي رهائش جي هوٽل تي پهچون. اسان پئرس جي سهڻن رستن تان ٿيندا اچي پنهنجي هوٽل جي اڳيان بس تان هيٺ لٿاسين. هوٽل جو نالو اپوگيا اوري (Apogia Ivery) هو. هوٽل تمام وڏي ۽ تمام خوبصورت هئي. هوٽل جي ٻاهران ٻيون بہ ڪيتريون ئي ٽوئرسٽ بسون بيٺيون هيون. ان کانسواءِ هوٽل بيسمينٽ Basement ۾ ويهارو کن بسن جي بيهڻ جي گنجائش هئي.

اسان هوٽل رسيپشن تي پهتاسين تہ اسانجي گائيڊ هر هڪ جو نالو وٺي پوءِ ٿي چاٻي ڏني. هاڻ اسان بہ انهن چاٻين جي ڪرشمن کان واقف ٿي ويا هئاسين. سو چاٻيون وٺندي وڃي پنهنجي ڪمرن تي پهتاسين.

## ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

1_ They rules Sindh for Fifteen years
2_ سات سمندر پار (سفرنامہ)
3_ وري نہ ورندو وڇارو
4_ سنڌي شاگرد سياست
5_ وريم ڏيساور (سفر نامو)
6_ هوجي وڻ ولات جا (سفر نامو)
7_ ڪنواريون ۽ ڪنول (سفرنامو)
8_ ديس بديس (ادبي ايوارڊ حاصل ڪيل سفرنامو)
9_ ينون تو توڪيو (سفرنامو)
10_ ڪجل ينل نيڻ (سفرنامو)
11_ اترلڳا آءُ پرين (سفرنامو)
12_ پريان سندي پار ڏي (سفرنامو)
13_ پليجو رائونڊ دي ورلڊ (سفرنامواڻ ڇپيل)
14_ ونڊرس آف دي ورلڊ (سفرناموا ڻ ڇپيل)
15_ توڪي ساريو سپرين (سفرناموا ڻ ڇپيل)
16_ مضمون (اڻ ڇپيل)
17_ خاڪا (اڻ ڇپيل)
18_ ويھي ڪيم ويچار (آتم ڪٿا اڻ ڇپيل)